# پيٽ جو قفل مدينه

شيخِ طريقت، امير اهلسنت، باني
دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال
مُحَمَّد الياس عطّارؔ
قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ؕ وَ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ؕ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# پيٽ جو قفل مديم

شيطان روڪڻ جي لاءِ پورو زور لڳائيندو پر توهان شروع کان آخر تائين پڙهي ڪري حسبِ توفيق عمل ڪري شيطان کي ناڪام بڻايو.

## درود شريف جي فضيلت

بيشڪ توهان جا نالا سجاڻپ سميت مون تي پيش ڪيا وڃن ٿا تنهن ڪري مون تي اَحسَن (يعني خوبصورت لفظن ۾) دُرودِ پاڪ پڙهو. (مصنف عبدالرزاق ج 2 ص 214 رقم الحديث 3111)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پيٽ جو قفل مدينہ ڇا آهي؟

پنهنجي پيٽ کي حرام غِذا کان بچائڻ ۽ حلال خوراڪ بہ بُک کان گهٽ کائڻ "پيٽ جو قفلِ مدينه" لڳائڻ آهي. پيٽ جو قفلِ مدينه لڳائڻ جي تڙپ رکڻ وارن جي لاءِ حُجَّةُ الۡاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡوَالِي جو هي ارشاد صحت جي لاءِ بهترين رهنما اُصول آهي. جيئن تہ فرمائن ٿا،" کائڻ کان اڳ ۾ بُک لڳل هجڻ ضروري آهي، جيڪو ڪاڏو شروع ڪرڻ وقت بہ بُکايل

هجي ۽ اجان بُک باقي هجي تہ هٿ روڪي ڇڏي تہ اهو (شخص) ڪڏهن بہ طبيب جو محتاج نہ ٿيندو.“ (احياءُ العلوم ج2 ص 5)

يااِلٰہی! پیٹ کا قفلِ مدینہ کر عطا
از پئے غوث ورضا کر بھوک کا گوہر عطا

## اختياري بک

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پيٽ پري کائڻ مُباح يعني جائز آهي پر ”پيٽ جو قفلِ مدينہ“ لڳائيندي يعني پنهنجي پيٽ کي حرام ۽ شُبهات (يعني اهو کاڌو جنهن ۾ ڪجهہ شڪ هجي) کان بچائيندي حلال غذا بہ بُک کان گهٽ کائڻ ۾ دين ۽ دنيا جا بيشمار فائدا آهن. کاڌو موجود نہ هجڻ جي صورت ۾ مجبوريءَ سبب بُکايل رهڻ ڪو ڪمال ناهي. گهٽي مقدار ۾ کاڌو موجود هجڻ جي باوجود رُڳو رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي خاطر بُک برداشت ڪرڻ اهو ئي حقيقت ۾ ڪمال آهي. جيئن تہ روايت آهي، ”سرڪارِ نامدار، مديني جا تاجدار، ٻنهي جهانن جا مالڪ ۽ مختار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اختياري طور تي بُک برداشت فرمائيندا هئا “.

(شعب الايمان ج 5 ص26 حديث 5640)

لوٹ لے رحمت، لگا قفلِ مدینہ پیٹ کا
پائے گا جنّت، لگا قفلِ مدینہ پیٹ کا

## جنت ۾ آقا صلی اللہ علیہ وسلم جو پاڙو

معلوم ٿيو تہ اختياري طور تي بُک برداشت ڪرڻ اسان جي مڪي مدني آقا، مني مني مصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي مني مني سنّت آهي. ۽ سنّت جي عظمت جي ڇا ڳالهہ ڪجي! پاڻ صاحبِ سنّت،

سراپا رحمت، باِذنِ ربُّ العزّت، مالڪِ جنّت صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي، ”جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.“ (مشڪوٰة شريف ص 30) سيپاري 26 سُوْرَةُ الْاَحْقَافِ جي آيت نمبر 20 ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ عبرت نشان آهي.

اَذْهَبْتُمْ طَيِّبٰتِكُمْ فِيْ حَيَاتِكُمُ الدُّنْيَا وَاسْتَمْتَعْتُمْ بِهَا ۚ فَالْيَوْمَ تُجْزَوْنَ عَذَابَ الْهُوْنِ

ترجمو ڪنزالايمان: توهان پنهنجي حصي جون پاڪ شيون پنهنجي دنيا جي حياتي ۾ فنا ڪري ڇڏيون ۽ انهن مان نفعو وٺي بيٺؤ. پوءِ اڄ توهان کي بدلو ڏنو ويندو خواري واري عذاب جو.

## سرڪار صلى الله عليه وسلم جي بُک شريف

**خليفهءِ اعلىٰ حضرت**، مفسرِ قرآن، حضرت صدرالافاضل علامہ مولانا مفتي **سيّد محمّد نعيم الدّين مُراد آبادي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي خزائن العرفان ۾ هن آيتِ مبارڪ جي تحت فرمائن ٿا، هن آيت ۾ **الله تعالىٰ** دنياوي لذتون اختيار ڪرڻ تي ڪافرن کي تَوۡبِيۡخ (يعني ملامت) فرمائي تہ رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اصحاب عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان دنياوي لذتن کان ڪناره ڪشي اختيار فرمائي. بخاري ۽ مسلم جي حديثِ پاڪ ۾ آهي، حُضُور سيّدِ عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وفاتِ ظاهري تائين حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اهلِ بيتِ اطهار عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ڪڏهن جَوَن جي ماني بہ لاڳيتو بہ ڏينهن نہ ڪاڌي. هي بہ حديث شريف ۾ آهي تہ پورو پورو مهينو گذري ويندو

هيو دولت سَراءِ اقدس (يعني گهر مبارڪ) جي (چلهہ ۾) باهہ نہ ٻرندي هئي. ڪجهہ ڪارڪن ۾ پاڻيءَ تي گذارو ڪيو ويندو هيو. حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي، پاڻ فرمائن ٿا تہ ”(اي انسانو!) مان چاهيان ها تہ توهان کان سنو ڪاڏو ڪاوان ها ۽ توهان کان بهتر لباس پهريان ها، پر مان پنهنجو عيش ۽ راحت پنهنجي آخرت جي لاءِ باقي رکڻ چاهيان ٿو.“ (خزائنُ العرفان اردو ص 907)

کھانا تو دیکھو جَو کی روٹی، بے چھنا آٹا روٹی بھی موٹی — وہ بھی شکم بھر روز نہ کھانا، صلی اللہ علیہ وسلم
کون و مکاں کے آقا ہو کر، دونوں جہاں کے داتا ہو کر — فاقے سے ہیں سرکارِ دو عالم صلی اللہ علیہ وسلم

## ڪيئي ڪيئي راتيون فاقو

حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا فرمائن ٿا، شهنشاهِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪيئي ڪيئي راتيون مسلسل فاقو فرمائيندا هئا. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي گهروارن ڪي نانِ شبينہ (يعني رات جي ماني) مُيسّر نہ هوندي هئي ۽ اڪثر جَوَن جي ماني ڪائيندا هئا.

(جامع ترمذي ج4 ص 160 رقم الحديث 2367)

## اهلبيت جو ڪاڏو رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُم

حضرتِ سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، سرڪارِ مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جَوَن جي بدران پنهنجي زِرهہ گروي رکي. ۽ آءٌ جَوَن جي ماني ۽ پڳهريل، تبديل ٿيل چربي کڻي نبيّ رحمت شهنشاهِ نُبُوَّت، تاجدارِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ سراپا عظمت ۾ حاضر ٿيس، ۽ مون پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي اهو فرمائيندي ٻُڌو، ”محمّد (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جي آل کي نہ ڪڏهن صبح جو صاع

جيترو (يعني تقريبًا پوٽا تي ڪلو) ڪاڏو مُيَسَّر آيو ۽ نہ شام جو.“ ۽ **محمّد** مدني، رسولِ عربي، شهنشاهِ زَمَنِي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آل نَوَن (9) گهرن تي مشتمل هئي. (صحيح بخاري ج 3 ص158 رقم الحديث 2508)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هي ان شاهِ خوش خِصال، محبوبِ ربّ ذوالجلال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ حال آهي، جنهن جي هٿن ۾ ٻنهي جهانن جي خزانن جون چاٻيون ڏنيون ويون. منهنجي مڪي مدني آقا، مٺي مٺي مصطفٰی صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فَقُر (يعني غُربت) اختياري هيو. نہ تہ خُدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جنهن کي جيڪو ڪجهہ مليو تہ اهو سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ ئي مليو ۽ ڪائنات جي هر هڪ شيءِ کي نورِ مصطفٰی صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فيض پهچندو آهي. جيئن تہ

## هڪ صاحب نظر جي حڪايت

هڪ ولي الله مانيءَ جو هڪ ٽڪرو ڪائڻ جي لاءِ کنيو پوءِ ان ۾ روحانيّت جي نظر سان غور ڪيائين تہ ان ٽڪري ۾ هڪ نور جي تار نظر آئي پوءِ ان نوري تار جي ذريعي نظر مٿي دوڙايائين، تڏهن ڏٺائين تہ اها نوري تار باعث ايجادِ عالم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نور جي هڪ شُعاع سان ڳنڍيل آهي. شروع ۾ اهو شعاع هڪ نظر آيو. پوءِ غور ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ حضور سراپا نُور، فيض گنجور، شاهِ غَيُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نور جا شعاع دنيا جي هر نعمت تائين پهچي رهيا آهن. (الابريز ص 229)

کيا نورِ احمدی کا چمن ميں ظُهور ہے
ہر گل ميں ہر شَجَر ميں محمد کا نُور ہے

## پيٽ تي پٿر

**حضرتِ** سيّدُنا ابوطلحه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا، اسان مڪي مديني جي شهنشاهہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ بيڪس پناهہ ۾ بُک جي شڪايت ڪئي ۽ پنهنجي پيٽن تي هڪ هڪ پٿر ٻَڌل ڏيکاريو. سلطانِ بَحرَ و بَر، مديني جي تاجوَر، محبوبِ ربّ اڪبر صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي شڪمِ اطهر (يعني پيٽ مبارڪ) تان ڪپڙو ڪنيو تہ ان تي ٻہ پٿر ٻَڌل هئا. حضرتِ سيّدُنا امام ترمذي رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہِ فرمائن ٿا تہ اهي پٿر بُک جي سختي ۽ ڪمزوريءَ جي ڪري پيٽ تي ٻَڌا ويندا هئا.

**(شمائلِ ترمذي ص 169،رقم الحديث 372)**

آپ بھوکے رہیں اور پیٹ پہ پتھر باندھیں
ہم غلاموں کو ملیں خوان مدینے والے

## عزت جو سامان

**ابوبُجَيّر** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، محبوبِ ربُّ العزت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي بُک جي شدت محسوس ٿي تہ هڪ پٿر کڻي پيٽ مبارڪ تي ٻَڌائون ۽ فرمايائون، خبردار! ڪيترائي ماڻهو اهڙا آهن جيڪي دنيا ۾ عمده خوراڪ کائڻ وارا ۽ خوشحال زندگي گذارڻ وارا آهن پر قيامت جي ڏينهن بُکايل ۽ اگهاڙا هوندا. خبردار! ڪيترائي ماڻهو اهڙا آهن جيڪي پنهنجو پاڻ کي مُعَزَّز (يعني عزّت وارو) بنائڻ جي ڪوشش ۾ آهن جڏهن تہ اهي ذلت جو سامان ڪري رهيا آهن. خبردار! ڪيترائي ماڻهو اهڙا آهن جيڪي پنهنجو پاڻ کي ذليل ڪندي نظر ايندا آهن پر اهو انهن جي لاءِ عزّت جو سامان آهي. **(المواهب اللدنية ج2 ص 123)**

## ديوانگي سان ڀريل جذبات

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** نبيِّ رحمت، تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۾ عظمت تان اسان جي جان قربان! پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بُک سان بيحد محبت هئي ۽ آهه! هڪ اسان جهڙا عشقِ رسول جي دعويٰ ڪرڻ وارا به آهن جو جيڪڏهن ڪاڌو تيار ٿيڻ ۾ ٿوري دير ٿي وڃي يا ڪاڌو اسان جي لذّت چاهيندڙ نفس کي نه وڻي ته گهر وارن تي ڪاوڙجي وڃون. **ڪاش! اسان کي به ڄاڻي واڻي بُکايل رهڻ ۾ بُک جي شدّت جي سبب سنت جي نيت سان ڪڏهن پنهنجي پيٽ تي پٿر ٻڌڻ جي سعادت به نصيب ٿي وڃي ها.** آهه! ڪاش! صد هزار ڪاش! سگِ مدينه انسان جي بجاءِ آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گهٽيءَ جو ڪو پٿر هجي ها ۽ جانِ جانان، سلطان ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اتان گذر فرمائن ها ۽ ........... ۽............ زهي قسمت! ڪڏهن ڪڏهن مبارڪ قدمن جي مقدس تِرِين کي چمڻ جي سعادت حاصل ڪريان ها. مون ۾ ايتري همٿ ته ناهي جو **پيٽ مبارڪ** تي ٻڌي ڇڏڻ جي خواهش ڪريان، پر ڪاش! ڪاش! صد ڪروڙ ڪاش! ڪڏهن ائين به ٿي وڃي ها جو ”بي تاب بُک“ کي حاضريءَ جي اجازت ڏئي مون غريب سان لاڳاپيل ڪنهن با مقدر پٿر کي پيٽ مبارڪ جي خاص قُربت عنايت فرمائڻ جي مقصد سان منهنجا مدني محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي طرف پنهنجو دستِ انور وڌائين ها ۽ گڏوگڏ مون کي **هٿ مبارڪ چمڻ** جي خيرات سان نوازي ڇڏين ها......آهه! آهه! آهه!

میں کہاں اور کہاں اُن کا وُجُودِ مسعود
میری اوقات ہی کیا اُن پہ ہوں سو لاکھ دُرُود

## حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي بک شريف

**حضرتِ** سيّدُنا موسىٰ كليم الله عَلٰی نَبِيِّنَاوَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جڏهن مَديَن جي كوهہ تي تشريف فرما ٿيا تہ كمزوريءَ جي كري سبزيءَ جي ساوڪ سندن پيٽ مبارڪ جي ٻاهران نظر پئي اچي. (شمائلِ رسول مترجم ص 121) ۽ جن چاليهہ ڏينهن ۾ ربُّ الانام عَزَّوَجَلَّ سان هم ڪلام ٿيڻ جو شرف ماڻيائون. پاڻ عَلٰی نَبِيِّنَاوَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن ڪجهہ بہ نہ کاڌو. (احياءُ العلوم ج3 ص 91)

## حضرت داود عَلَيْهِ السَّلَام جي بک شريف

**حضرتِ** سيّدُنا قاضي عياض رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، حضرتِ سيّدُنا داود عَلٰی نَبِيِّنَاوَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو لباس اوني ۽ بسترو (جانورن جي) وارن مان اُٽيَل هو، جَوَ شريف جي ماني لوڻ سان گڏ تناوُل فرمائيندا هئا. (شمائل رسول مترجم ص 121)

## حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي بک شريف

**حضرتِ** سيّدُنا عيسىٰ روح الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي لاءِ ڪو گهر نہ نهرايو، جتي ننڊ قدم ٻوسي ڪندي هئي آرام فرمائيندا هئا، (جانورن جي) وارن جو لباس پائيندا هئا ۽ **وڻ جا پن** تناوُل فرمائيندا هئا.“ (شمائلِ رسول مترجم ص 121)

## حضرت يحييٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي بک شريف

**حضرتِ** سيّدُنا يحيىٰ عَلٰی نَبِيِّنَاوَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو کاڌو **سائو گاهہ** هيو. خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ کان ايتريقدر روئندا هئا جو سندن

مبارڪ رُخسارن (يعني ڳلن) تي نشان پئجي ويا هئا. (ايضًا)

فاقہ انبیاء کے صَدَقے میں
لذّتِ نَفس سے بچا یا ربّ! عزوجل

## آقا ﷺ جي بک شريف ياد ڪري بيبي عائشه جو روئڻ

**حضرت** سيّدُنا مَسرُوق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، مان اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي خدمت ۾ حاضر ٿيس، ته انهن منهنجي لاءِ کاڌو گهرايو ۽ فرمائڻ لڳيون،"مان جڏهن به پيٽ ڀري کائيندي آهيان ته منهنجي دل روئڻ چاهيندي آهي، پوءِ **مان روئڻ لڳندي آهيان**."مون عرض ڪيو، ڇو؟ فرمايائون، "مون کي منهنجي سرتاج، صاحبِ معراج صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اها حالت ياد ايندي آهي، جنهن تي اسان کان جُدائي فرمايائون جو ڪڏهن به ڏينهن ۾ ٻه ڀيرا ماني يا گوشت سان پيٽ ڀرڻ جي نوبت نه آئي."

(جامع ترمذي ج 4 ص 159 رقم الحديث 2363)

عائشہ صدّیقہ روتی تھیں نبی کی بھوک پر
ہائے! بھرتے ہیں غذائیں ہم شِکَم میں ٹُھونس کر

## عاشق غور ڪن

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هڪ طرف اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا جو عشقِ رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي جو ڪڏهن اهي پيٽ ڀري کائي به وٺن پيون ته غمِ مصطفٰی صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ روئين پيون ۽ آه! ٻئي پاسي اسان گناهگارن جو حال آهي جو ڳلي تائين خوب ڊؤ ڪري

ڪائي ونون ۾ پيٽ مڪمل ڀرجي وڃي پر دل نہ ڀرجي. ياد رهي! جڏهن بہ روايتن ۾ اهل الله جي پيٽ ڀري کائڻ جو ذڪر ٻُڌو تہ ان مان پيٽ جي ٽئين حصي جيترو کائڻ ئي مُراد ونو. اسان جي پيٽ ڀري کائڻ ۽ انهن جي پيٽ ڀري کائڻ ۾ فرق هوندو آهي.

ڪارِ پاڪاں را قیاس از خود مگیر

(يعني پاڪ هستين جي ڪمن کي پنهنجي ڪمن جيان نہ سمجهو)

اسان جي **اسلامي ڀينرن** کي بہ اُمُّ المؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي غمِ مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مان درس حاصل ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن اسلامي ڀينرون **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وينديون ۽ پنهنجي علائقي جي ٿيڻ واري هفتيوار **دعوت اسلامي** جي اجتماع ۾ شرڪت فرمائينديون رهنديون ۽ **مدني انعامات** تي عمل ڪري **فڪرِ مدينہ** ڪندي روزانو ڪارڊ ڀري پنهنجي ذميدار اسلامي ڀيڻ وٽ جمع ڪرائينديون رهنديون تہ اِن شآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ ٻيڙو پار ٿي ويندو. هڪ دعوتِ اسلامي واري اسلامي ڀيڻ جي رقت انگيز حڪايت ملاحظہ فرمايو. جيئن تہ

## اسلامي ڀيڻ جي حڪايت

**سانگهڙ** (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو حلفيہ بيان آهي تہ منهنجي ڀيڻ **بنت عبدالغفار عطاريہ** کي ڪينسر جي موذي مرض اچي ورتو. هوريان هوريان حالت بگڙجندي وئي. ڊاڪٽرن جي مشوري تي آپريشن ڪرايائون. طبيعت ڪجهہ بهتر ٿي پر لڳ ڀڳ هڪ سال کان پوءِ مرض ٻيهر زور پڪڙيو تہ ڪين راجپوتانہ

اسپتال (حيدر آباد بابُ الاسلام سنڌ) ۾ داخل ڪيو ويو. هڪ هفتو اسپتال ۾ رهيون پر سندن حالت وڌيڪ خراب ٿيندي وئي. اوچتو انهن آواز سان **ڪلمهءِ طيبه** جو ورد شروع ڪري ڇڏيو، ڪڏهن ڪڏهن وچ ۾ اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله بہ پڙهن پيون. بلند آواز سان لَآاِلٰهَ اِلَّااللهُ مُحَمَّدٌرَّسُوۡلُ اللهِ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ورد ڪرڻ سان سڄو ڪمرو گونجي رهيو هيو، عجيب ايمان افروز منظر هيو، جيڪو اچي پيو طبيعت پڇڻ بدران ان سان گڏ **ذڪرالله** عَزَّوَجَلَّ شروع ڪري پيو ڇڏي. ڊاڪٽر ۽ اسپتال جو عملو حيران هو جو هي الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪا مقبول بانهي معلوم ٿي ٿئي، نہ تہ اسان اڄ تائين مريض جون رڙيون ئي ٻُڌيون آهن ۽ هيءَ مريضہ رڙيون ڪرڻ جي بجاءِ مسلسل **ذڪرالله** عَزَّوَجَلَّ ۾ مصروف آهي. تقريبًا 12 ڪلاڪن تائين اها ئي ڪيفيت رهي. سانجهيءَ جي اذان وقت اهڙيءَ طرح بلند آواز سان **ڪلمهءِ طيبه** جو ورد ڪندي ڪندي سندن روح جسماني پڃري مان پرواز ڪري ويو.

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول مرحومہ کي ڪم اچي ويو انهن جو اِنۡ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ ڪم ٺهجي ويو. خدا جو قسم! اهو خوش نصيب آهي جيڪو هن دنيا مان ڪلمو پڙهندي رخصت ٿئي. نبيِّ رحمت، شفيعِ امت، مالڪِ جنّت، محبوبِ ربُّ العزّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي، ”جنهن جو آخري

ڪلام لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰه (يعني ڪلمهءِ طيبه) هجي اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو.

(ابوداود ج3 ص 132 رقم الحديث 3116)

## ٻن ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو کائڻ جي پسند جو اظهار

اسان جي مني مني آقا، مديني واري مصطفیٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي **ٻڪ شريف اختياري** هئي، جيئن تہ حضورِ اڪرم، نورِمجسّم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، ”منهنجي ربعَزَّوَجَلَّ منهنجي لاءِ هي پيش فرمايو جو منهنجي واسطي مڪهءِ مڪرمه جي جبلن کي سون جو بڻايو وڃي، پر مون عرض ڪيو، يا اللهعَزَّوَجَلَّ مون کي تہ اهو پسند آهي جو جيڪڏهن هڪ ڏينهن کاوان، تہ ٻئي ڏينهن ٻُک ۾ رهان، تہ جيئن جڏهن ٻُکايل رهان تہ تنهنجي طرف روئان ۽ ٻاڏايان ۽ توکي ياد ڪريان ۽ جڏهن کاوان تہ تنهنجو شڪر ۽ واکاڻ ڪريان.“

(جامع ترمذي ج4 ص 55 رقم الحديث 2354)

سلام اُن پر شکم بھر کر کبھی کھانا نہ کھاتے تھے
سلام اُن پر غمِ اُمّت میں جو آنسو بہاتے تھے

## ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو کائڻ

**روزانو** هڪ دفعو کائڻ سنّت آهي، جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آهي، رحمتِ عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن صبح جو کاڌو کائيندا هئا تہ شام جو نہ کائيندا هئا ۽ جيڪڏهن شام جو کائيندا هئا تہ صبح جو نہ کائيندا هئا.

(ڪنزالعمال ج7 ص 39رقم الحديث 18173)

## ڏينھن ۾ ٽي پيرا کائڻ ڪيئن؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان وٽ عام طور تي ڏينھن ۾ ٽي پيرا کائڻ جو معمول آھي. جيتوڻيڪ اھو گناھ ناھي پر سنّت بہ ناھي، کائڻ پيئڻ جي شوق اھو انداز ڏنو آھي. ھيءَ ڳالھ ذھن نشين فرمائي ڇڏيو تہ جيڪو جيتروو ڏيڪ کائيندو قيامت ۾ ان جو حساب ان لاءِ اوترو ئي وڏيڪ ٿيندو. روزانو ھڪ پيرو کائڻ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت عادِيَّہ آھي. اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ ھن سنّت تي عمل ڪندي ڪيترن ئي بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جو ڏينھن ۾ رُڳو ھڪ پيرو کائڻ جو معمول رھيو آھي. باقي جيڪڏھن ڪو شخص ھن سنّت تي عمل نہ ڪري تہ ان کي ملامت نہ ڪئي ويندي. اھي **عاشقانِ رسول** جيڪي سنّتن جو تمام گھڻو درد رکندا آھن ۽ قدم قدم تي سنّت جي ڳالھ ڪندا آھن انھن جي لاءِ فڪر جي ڳالھ آھي. جيڪي ڏينھن ۾ چار يا پنج پيرا کائيندا آھن انھن جي لاءِ ضرور افسوس جو مقام آھي. اھڙن ماڻھن جو دنياوي طور تي گھٽ ۾ گھٽ اھو نقصان تہ ضرور ٿيندو آھي جو اھي گھڻو ڪري پيٽ جي خرابيءَ جا شڪايتي رھندا آھن. **اُمُّ المؤمنين** حضرتِ سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون، سلطانِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وفاتِ ظاھري کان پوءِ سڀ کان پھرين بدعت، پيٽ ڀري کائڻ جي پيدا ٿي جڏھن ماڻھن جا پيٽ ڀرجي ويندا آھن تہ انھن جا نفس دنيا جي طرف سرڪش (يعني نافرمان) ٿي ويندا آھن.“ (ھن قول ۾ بدعتِ مُباح يعني جائز بدعت مُراد آھي)

**(قوت القلوب ج 2 ص327)**

**وسوسو:** هڪ طرف تہ هڪ پيرو کائڻ سنّت آهي ۽ ٻئي طرف سَحَري ۽ افطاري بہ سنّت آهي جيڪا ٻن وقتن جي کاڌي تي مشتمل آهي. ان جو حل ڇا آهي؟

**وسوسي جو علاج:** بيشڪ سَحَري ۽ افطاري سنّت آهي.” افطار“ جي لغوي معنيٰ آهي، ”روزو کولڻ“ تنهن ڪري جيڪڏهن هڪ چولو(چڻو) بہ ڳهي ويو تہ افطار ٿي ويو، پر هنن ٻنهي وقتن ۾ مُرَوَّجہ کاڌو يعني پيٽ ڀري کائڻ ئي سنّت ناهي، هڪ اڌ کارڪ يا پاڻيءَ جي ڍڪ جي ذريعي بہ سَحَري ۽ افطار ڪري سگهجي ٿي. جنهن غذا کي عرف ۾ ” کاڌو “چون ٿا، يعني ماني ڀاڄي وغيره، تہ جيڪڏهن ان کاڌي کي ڪو شخص ڏينهن ۾ هڪ پيرو کائي ڇڏي ۽ انهيءَ ڏينهن وڏيڪ ٿي پيرا هڪ هڪ کارڪ بہ کائي يا هڪ هڪ ڪوپ چانهہ جو پي ڇڏي ان جي باري ۾ يقيناً ڪو بہ هي نہ چوندو تہ هن کاڌو چار پيرا کاڌو، پر ايئن ئي چيو ويندو تہ هن کاڌو رُڳو هڪ پيرو کاڌو. تنهن ڪري افطار ۾ هڪ اڌ کارڪ يا پاڻيءَ تي گذارو ڪري ۽ سَحَري ۾ مُرَوَّجہ کاڌو کائي سَحَري ۽ افطاري جي سنّتن جي ادائيگيءَ سان گڏوگڏ ڏينهن ۾ هڪ پيرو کائڻ جي سنّت کي بہ نِڀائي سگهجي ٿو. ” افطار“ ۾ جيئن ماڻهو ڊؤ ڪري ”ميوا پَڪوڙا “ کائي سگهن انهيءَ ڪري اڄ ڪلهہ رمضان المبارڪ ۾ عام طور تي مسجدن ۾ مغرب جي جماعت دير سان ٿيندي آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن افطار ۾ ڪيترين ئي کارڪون، ميوا، پڪوڙا وغيره کائي ڇڏيا تہ هي هڪ وقت جو کاڌو ٿي ويو جو کاڌو رُڳو

قورمو ماني ۽ پلاءُ برياني ڪي ئي ناهن چوندا! هاڻي جيڪڏهن سَحَري ۾ به ڪاڏائين ته هي به وقت ڪاڏو ڪائڻ چيو ويندو. منهنجي آقا اعلىٰ حضرت، امامِ اهلسنّت رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي سَحَري ۽ افطار جو انداز ملاحظ فرمايو. جيئن

## روزي ۾ هڪ وقت کائڻ

حضرت مولانا محمد حُسين ميرٺي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو بيان آهي ته مان رمضان المبارڪ جي 20 تاريخ کان اعتڪاف ڪيم. اعلىٰ حضرت رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ مسجد ۾ تشريف فرما ٿيا ته فرمايائون، ” دل ته چاهي ٿي ته مان به اعتڪاف ڪريان، پر (ديني مصروفيتن جي سبب) فرصت نه ٿي ملي“. آخر 26 رمضان المبارڪ تي فرمايائون،”اڄ کان مان به معتڪف ئي ٿي وڃان“. مولانا محمد حسين ميرٺي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا،”شام جو (ڪارڪ وغيره سان روزو ته افطار فرمائيندا هئا پر) اعلىٰ حضرت رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ڪاڏو ڪائيندي مون ڪنهن ڏينهن به نه ڏٺو. سَحَريءَ جي لاءِ رُڳو هڪ ننڍڙي پيالي ۾ کيرٽي ۽ هڪ پيالي ۾ چٽني ايندي هئي ۽ اهي نوش فرمائيندا هئا“ هڪ ڏينهن مون پڇيو، ”حضور! کيرٽي ۽ چٽنيءَ جو ڇا جوڙ؟ “فرمايائون،” لوڻ سان ڪاڏو شروع ڪرڻ ۽ لوڻ تي ئي ختم ڪرڻ سنّت آهي.“ان لاءِ چٽني ايندي آهي.

(حياتِ اعلىٰ حضرت ج1 ص 41)

سُبحٰن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! پيڪرِ سنّت، سيّدي اعلىٰ حضرت رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ مٺي کيرٽي کان اڳ ۾ ۽ پوءِ ان لاءِ نمڪين چٽني استعمال فرمائيندا هئا جو ڪاڌي کان اڳ ۽ پوءِ لوڻ استعمال ڪرڻ جي سنّت

ادا تي وجي ڪاڏي ڪان اڳ ۾ پوءِ لوڻ (يا نمڪين شيءِ) کائڻ سان اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ستر بيماريون ختم ٿي وينديون آهن.

**روزي ۾ هڪ پيرو کائڻ**

**چونڊ يل حديثن جي مجموعي ”رياض الصّٰلحين“ جا مؤلف حضرتِ سيّدُنا امام مُحي الدين ابو زڪريا يحيىٰ شرف النووِي** عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ القَوِی **صائم الدَّهر** (يعني هميشه روزا رکڻ وارا هئا) ڏينهن ۾ رُڳو هڪ پيرو يعني بعد نمازِ عشاء ڪاڏو کائيندا هئا ۽ رُڳو پاڻي پي ڪري سَحَري ڪندا هئا ۽ رات جو رُڳو ڪجهه گهڙيون آرام فرمائيندا هئا.

(پيش لفظ رياض الصّٰلحين اردو مترجم ص 12)

**خوب روزا رکو**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن دين ۽ دنيا جي ڪمن ۾ رڪاوٽ نه پوندي هجي، والدين وغيره به ناراض نه ٿيندا هجن، ته خوب نفلي روزا رکڻ گهرجن جو اڪثر بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی ائين ڪندا رهيا آهن. هڪ هڪ گهڙي اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ عبادت ۾ گذرندي ۽ سڄو ڏينهن کائڻ پيئڻ کان به بچيل رهنداسين ۽ **پيٽ جو قفلِ مدينه** لڳائڻ ۾ به سهولت رهندي. ها پر سَحَري ۽ افطار ۾ گهٽ کائڻ جي ترڪيب رکو. پنهنجي اندر نفلي روزن جو شوق پيدا ڪرڻ جي لاءِ **فيضانِ رمضان** مان ”نفلي روزن جو بيان “ پڙهو يا ٻُڌي ڇڏيو ڇو ته گناهن کان بچڻ جي لاءِ انهن جي عذاب ۽ نيڪ عملن جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ انهن جا فضائل ڄاڻڻ انتهائي مفيد هوندو آهي. هتي هڪ روزي جي هڪ فضيلت ٻُڌو ۽ جهومي وڃو، جيئن ته

## زمين جيڏو سون

اللہ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہٌ عَنِ العُيُوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رغبت نشان آهي، ”جيڪڏهن ڪنهن هڪ ڏينهن جو نفل روزو رکيو ۽ زمين جيڏو سون ان کي ڏنو وڃي تڏهن بہ ان جو ثواب پورو نہ ٿيندو، ان جو ثواب تہ قيامت جي ڏينهن ئي ملندو.“ (مسند ابي يعلیٰ ج5 ص 253)

## سون جو دسترخوان

حضرتِ سيِّدُنا ابوالدرداء رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو قول آهي، ”قيامت جي ڏينهن روزيدارن جي لاءِ عرش جي هيٺان سون جا دسترخوان وڇايا ويندا. جن ۾ موتي ۽ جواهرات جَڙيل هوندا، انهن تي جنّتي ميوا، جنّتي مشروبات ۽ مختلف قسمن جا کاڌا سَجايل هوندا، روزيدار کائيندا ۽ مزا ماڻيندا جڏهن تہ ٻيا ماڻهو سخت حساب ۽ ڪتاب کان پريشان هوندا. (البدور السافرة ص 260)

فضلِ ربّ سے راحتوں کا حشر میں سامان ہے
روزہ داروں کیلئے سونے کا دسترخوان ہے

**دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو **فڪرِمدينہ** جي ذريعي **مدني انعامات**[1] جو ڪارڊ پري هر مدني مهيني جي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اِن شآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪرمند رهڻ جو ذهن بڻجندو.

## روزانو ٽي پيرا کائڻ واري جي نِندا

حضرتِ سيِّدُنا سهل بن عبداللہ تُستري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان ڪنهن سوال ڪيو، ڏينهن ۾ هڪ پيرو کائڻ ڪيئن آهي؟

[1] مدني انعامات جو ڪارڊ مڪتبة المدينہ مان ملندو آهي هن ۾ ڏنل سوالن جا جواب لکڻ جي عادت بڻائڻ عملن جي اصلاح جو بهترين ذريعو آهي.

فرمايائون، هي صديقين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی (جيڪو اولياءِ ڪرام جو سڀ کان افضل قسم آهي انهن) جو کاڌو آهي، عرض ڪيو ويو، ڏينهن ۾ ٻه ڀيرا کائڻ ڪيئن آهي؟ فرمايائون، هي مومنين جو کاڌو آهي، عرض ڪيو، جيڪڏهن ڪو ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا کائي ته؟ فرمايائون، اهڙي شخص جي گهروارن کي گهرجي ته ان کي ٿاڻ (يعني جانورن جي واڙي) ۾ رکن. (جتي جانورن جيان هر وقت کائيندو پيئندو رهي!) (الرسالة القشيريه ص 142)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سيّدنا سهل بن عبدالله تُستري رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ اولياءِ صديقين مان هئا، پاڻ ويهن ويهن ڏينهن تائين کاڌو نه کائيندا هئا پر عام مسلمانن جي لاءِ ٻن وقتن جي کاڌي کي انهن مَعيوب (يعني بُرو) نه چيو  جو ته رُڪو هڪ ڀيرو کائي سڄو ڏينهن گذارڻ، ڪم ڪار ڪرڻ ۽ محنت ۽ مشقت ڪرڻ هر هڪ جي وس جي ڳالهه ناهي. پر ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا کائڻ انهن کي سخت ناپسند هيو. جيئن جو انهن جي ارشاد مان ظاهر آهي.

مجھ کو بھوک وپیاس سہنے کی خدا توفیق دے
گُم تِری یادوں میں رہنے کی سدا توفیق دے

### ڪارڪ ۽ پاڻيءَ تي گذارو

حضرتِ سيّدُنا عُرْوَه رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْهُ اُمُّ المؤمنين حضرت سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت ڪن ٿا ته اهي فرمائينديون هيون. اي ڀاڻيجا! اسين هڪ چنڊ کان پوءِ ٻيو چنڊ ڏسنديون هيوسين، ٻن مهينن ۾ ٽي چنڊ ڏسندا هئاسين ۽ حضورِ سراپا نُور، شاهِ غيور صَلَّی اللّٰه تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گهرن ۾ باهه نه ٻَرندي هئي. عُرْوَه رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن

تہ مون عرض ڪيو، اي ماسي! اوهان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جو گذر سفر ڪيئن ٿيندو هيو؟ فرمايائون، اسان جو گذر سفر ٻن ڪارين شين يعني ڪارڪ ۽ پاڻيءَ تي ٿيندو هيو. سواءِ ان جي جو ڪجھ انصار عَلَيهِمُ الرِّضوَان سرڪارِ نامدار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا پاڙيسري هئا. انهن ڪجھ ڪير واريون ڏاچيون (يا ٻڪريون) سرڪار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيون هيون ۽ اهي انهن جو ڪير سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ موڪليندا رهندا هئا ۽ سرڪار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو ڪيراسان کي پياريندا هئا.

**(صحيح بخاري ج7ص232 رقم الحديث 6459)**

## سڄي رات جي عبادت کان افضل

**حُجَّةُ الْاِسلام** حضرتِ سيِّدُنا امام محمد غزالي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الوَالِي نقل ڪن ٿا، حضرتِ سيِّدُنا ابو سليمان عَلَيهِ رَحمَةُ المَنَّان فرمائن ٿا، مون کي رات جي ڪاڌي مان هڪ گرهہ گهٽ ڪري ڇڏڻ سڄي رات جي عبادت کان وڌيڪ عزيز آهي. وڌيڪ فرمائن ٿا، بُک اللهُ عَزَّوَجَلَّ جي خزانن مان هڪ خزانو آهي ۽ هي رُڳو پنهنجي پسنديده ٻانهن کي ئي عطا فرمائيندو آهي. (احياءُ العلوم ج3 ص 90)

دعا ہے کچھ نہ کچھ لقمے خدا کے واسطے چھوڑوں
رِضائے حق کی خاطر لذّتِ دنیا سے منہ موڑوں

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪاش اسان کي بہ اختياري بُک يعني جاڻي واڻي گهٽ کائڻ جو مدني خزانو ۽ **پيٽ جو قفلِ مدينہ** نصيب ٿي وڃي! سبحٰن الله! الله وارن جي لاءِ بُک رحمت جو خزانو آهي ۽

اهو خزانو رُڳو نيڪ ٻانهن کي نصيب ٿيندو آهي ۽ جنهن کي نصيب ٿيندو آهي اهو ان خزاني جي شڪراني ۾ ڇا ڪندو آهي اهو هن حڪايت مان سمجهندا جيئن ته

## بک جو خزانو ۽ ان جو شڪرانو

حضرتِ سيّدُنا ابراهيم بن ادهم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللّٰهِ الۡمُعظم بلخ جا بادشاهه هئا، پر پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه بادشاهي ڇڏي فقيري اختيار ڪئي هئائون. هڪ ڏينهن پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي کائڻ جي لاءِ ڪجهه به نه مليو، پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ان جي شڪراني ۾ چار سؤ رڪعتون نفل ادا ڪيائون. ڪين ٻئي ڏينهن به ڪاڌو نه مليو ته اهڙيءَ طرح چار سؤ رڪعتون نماز ادا ڪيائون. ستن ڏينهن تائين ايئن ئي ٿيو. ڪمزوري وَڌي ويئي ته بارگاهِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيائون، يا ربَّ العزت! تنهنجي عبادت تي قُوَّت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪجهه کائڻ جي لاءِ عنايت ٿي وڃي ته ڪرم ٿيندو. انهيءَ وقت هڪ نوجوان حاضر ٿي عرض ڪيو، حضور! اسان جي گهر اوهان جي دعوت آهي، قدم مبارڪ ڪٽي ايندا. پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ان سان گڏ تشريف ڪٽي ويا. جڏهن ان نوجوان پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي غور سان ڏٺو ته بي اختيار تي چوڻ لڳو، حضور! مان اوهان رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو پُڳل غلام آهيان ۽ جيڪو ڪجهه مون وٽ آهي اهو سڀ اوهان رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو ئي آهي پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمايائون، مون تو کي آزاد ڪيو ۽ جيڪو ڪجهه تو وٽ آهي اهو سڀ توکي بخشيو. ان جي اجازت وٺي پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه اتان ڪان روانا ٿيا ۽ بارگاهِ الاهيعَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيائون، يا الله عَزَّوَجَلَّ! مان هاڻي توکان سواءِ ڪنهن کي نه چاهيندس

جو مون تہ توکان رُڳو مانيءَ جو ٽڪرو گهريو هيو پر تو ايڏي سڄي دنيا منهنجي سامهون ڪري ڇڏي! (تذکرة الاوليا ص 96)

ڪثرتِ دولت کی آفت سے بچانا یاخدا
دے مجھے عشقِ محمّد کا خزانہ یاخدا

## هڪ خراب گرهہ جون تباهڪاريون

**جيڪو** هٿ ۾ آيو بنا سوچڻ سمجهڻ جي پيٽ ۾ پلٽيندو ڏڪيندو رهڻ ڳٽيءَ جوڳو آهي، جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا مَعروف ڪرخي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، رُڳو **هڪ خراب گرهہ** ڪڏهن ڪڏهن دل جي ڪيفيت کي ايتريقدر تباهہ ڪري ڇڏيندو آهي جو پوءِ سڄي عمر دل راهِ راست تي ناهي ايندي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي جو اهو ئي خراب گرهہ سڄي سال تائين تهجُّد جي نعمت کان ماڻهوءَ کي محروم ڪري ڇڏيندو آهي. ۽ پڻ ڪنهن وقت هڪ پيرو بدنگاهي ڪرڻ وارو عرصي تائين تلاوتِ قرآن پاڪ جي سعادت کان محروم ڪيو ويندو آهي. (منهاج العابدين ص 157)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## چاليهن ڏينهن جون نمازون نامقبول

مِنا مِنا اسلامي ڀائرو! جن کي عبادت ۽ تلاوت ۾ دل نہ لڳڻ، نعت شريف ۽ دعا ۾ سوز ۽ رقت نہ ملڻ ۽ هزار ڪوشش جي باوجود تهجُّد ۾اک نہ کلڻ جهڙيون شڪايتون آهن انهن جي لاءِ حضرتِ سيّدُنا مَعروف ڪرخي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي بيان ۾ عبرت جو تمام گهڻو سامان آهي. **حرام جي روزيءَ** کان هر هڪ کي بچڻ لازمي آهي

نہ تہ تباهي ۽ برباديءَ کان سواءِ ڪجهه هٿ نہ ايندو. الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري رسول، رسولِ مقبول، سيّده آمنہ جي گلشن جي مهڪندڙ گل صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشادِ عبرت بنياد آهي، ”جنهن حرام جو هڪ گرهہ کاڌو ان جي چاليهہ ڏينهن جون نمازون قبول نہ ڪيون وينديون ۽ ان جي دعا چاليهن ڏينهن تائين قبول نہ ٿيندي.“

(فردوس الاخبار ج4 ص 243 رقم الحديث 6263)

## حرام گرهہ جي سزا

**منقول** آهي،”انسان جي پيٽ ۾ جڏهن حرام گرهہ پوندو آهي، تہ زمين ۽ آسمان جو هر فرشتو ان تي ان وقت تائين لعنت ڪندو آهي جيستائين جو اهو حرام گرهہ ان جي پيٽ ۾ رهي ۽ جيڪڏهن انهيءَ حالت ۾ مري ويو تہ ان جو ٺڪاڻو جهنّم هوندو.“ (مڪاشفة القلوب ص10)

## نور سان پرپور سينو

**سرڪارِ مدينه**، سلطانِ باقرينہ، قرارِ قلب وسينہ، فيض گنجينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ رغبت نشان آهي، ” جڏهن ٻانهو پنهنجي ڪاڏي ۾ گهٽتائي ڪري تو ان جو جَوف (يعني سينو) نُور سان معمور ڪيو ويندو آهي.

(الجامع الصغير ص 35رقم الحديث 469)

## چار نصيحتون

**حضرت** سيّدُنا ابراهيم بن ادهم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْاَعْظَم فرمائن ٿا مان ڪوهِ لبنان ۾ ڪيترن ئي اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جي صحبت ۾ رهيس. انهن مان هر هڪ مون کي اها ئي وصيّت ڪئي تہ جڏهن ماڻهن ۾ وڃو تہ هنن چئن ڳالهين جي نصيحت ڪجو﴿1﴾ جيڪو **پيٽ** **ڀري** کائيندو ان کي

عبادت جي لذت نصيب نہ ٿيندي. ﴿2﴾ جيڪو **وڌيڪ سمهندو** ان جي عمر ۾ برڪت نہ ٿيندي. ﴿3﴾ جيڪو رُڳو ماڻهن جو راضپو چاهي اهو رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ کان مايوس ٿي ويندو. ﴿4﴾ جيڪو **غيبت** ۽ **فضول ڳوئي** وڌيڪ ڪندو اهو دينِ اسلام تي نہ مرندو.

(منهاج العابدين ص 107)

## بُري خاتمي جو خوف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هيءَ حقيقت آهي تہ ڍؤ ڪري کائڻ سان پيٽ وزندار ٿي ويندو آهي، عضوا ساٽا ٿي پوندا آهن ۽ بدن سُست ٿي پوندو آهي ۽ عبادتن ۾ دِلي سُڪون نصيب ناهي ٿيندو، هن جو تجربو **رمضان المبارڪ** جي **تراويح** ۾ گهڻن کي ٿيندو هوندو. چوتہ ”فوڊ ڪلچر“ جو دؤر آهي، ڪيترن ئي قسمن جون غذائون دٻي دٻي پيٽ ۾ وِڌيون وينديون آهن، نتيجي ۾ پوءِ ڪباب، سموسا پڪوڙا وغيره پيٽ ۾ ”گڙ گڙ“ ڪندا آهن، ٿڌي ۾ ٿڌو پاڻي، مزيدار شربت ۽ ڪٿين شين جي گهڻي استعمال جي سبب ڪنگهڻ ۽ اوڳرايون ڏيڻ سان اڄ ڪلهہ مسجدون گونجي رهيون هونديون آهن! ۽ وري جيڪڏهن ڪنهن هڪ کي ڪنگهہ ايندي آهي تہ غالبًا نفسياتي طور تي ٻئي کي بہ اچڻ لڳندي آهي ۽ ائين ڪنگهہ جي شور ۾ اضافو ٿيندو ويندو آهي! حضرتِ سيّدُنا ابراهيم بن ادهم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡاَعۡظَم جو چوڻ ارشاد بہ انتهائي ڳٽڻيءَ جوڳو آهي تہ جيڪو غيبت ۽ فضول ڳوئي وڌيڪ ڪندو اهو دينِ اسلام تي نہ مرندو. آهہ! شايد لکين مسلمانن ۾ ڪو هوندو جيڪو اڄ غيبت ۽ فضول ڳوئي کان بچڻ جو ذهن رکندو هجي. يا الله عَزَّوَجَلَّ اسان جو ايمان سلامت رک.

اٰمين بِجاهِ النّبيِّ الاَمين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مسلماں ہے عطّار تیری عطا سے
ہو ایمان پر خاتمہ یاالٰہی عزوجل

## دين جو غلاف

**حضرتِ** سيّدُنا حامد لفّاف رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي خدمت ۾ هڪ شخص نصيحت جو طلبگار ٿيو، فرمايائون، دين جي حفاظت جي لاءِ قرآن پاڪ جيان غلاف ٺاهيو. عرض ڪيائين، دين جو غلاف ڇا آهي؟ فرمايائون ضرورت کان وڌيڪ ڳالهيون ڪرڻ کان بچڻ، ماڻهن سان بنا ضرورت جي ميل جول نہ رکڻ ۽ ضرورت کان **وڌيڪ نہ کائڻ**. وڌيڪ فرمايائون، جيڪڏهن توهان ماڻهن کي معلوم ٿي وڃي تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ وٽ شاهِ خير الانام ۽ صحابہءِ ڪرام صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم و عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان سان گڏ ايمان وارن جي جنّت ۾ ڪهڙي مهماني ٿيندي تہ هن دنيا جي ڪجهہ ڏينهن واري زندگي ۾ ڪڏهن پيٽ پري ڪاڌو نہ ڪائو ها. (تذڪرة الواعظين ص 234)

## عبادت جي مٺاڻ

**حُجَّةُ الْاسلام** حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ الْوَالِی فرمائن ٿا، پيٽ پري کائڻ سان عبادت جي مٺاڻ غائب ٿي ويندي آهي. اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا صديق اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو، جڏهن کان مسلمان ٿيو آهيان ڪڏهن بہ **پيٽ پري** ناهي کاڌو، تہ جيئن عبات جي مٺاڻ نصيب ٿئي ۽ جڏهن کان مان مسلمان ٿيو آهيان ديدارِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي جام پيئڻ جي شوق ۾ ڪڏهن **ڍؤ ڪري ناهي پيتو**. (منهاج العابدين ص 193)

بھوک کی اور پیاس کی مولٰی مجھے سوغات دے
یا الٰہی! حَشر میں دیدار کی خیرات دے

حضرتِ سيّدُنا سفيان ثوري رَحْمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جو ارشاد آهي عبادت هڪ فن آهي جنهن جي سِڪڻ جي جڳهہ خَلوَت (يعني تنهائي) آهي ۽ ان جو اوزار بُک آهي. (ايضًا)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## قيامت ۾ ڪيترا بکيو هوندو

حضرتِ سيّدُنا ابوبُجَيْر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي. مني مني مصطفيٰ، سلطانِ انبياء، حبيبِ ڪبريا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي، "ڪيترائي ماڻهو دنيا ۾ عمده خوراڪ کائڻ وارا ۽ خوشحال زندگي گذارڻ وارا آهن پر قيامت جي ڏينهن اهي بُکايل ۽ اگهاڙا هوندا. " (شعب الايمان ج2ص 170رقم الحديث 1461)

بُھوک کی نعمت بھی دے اور صَبر کی توفیق دے
یا خدا ہر حال میں تو شُکر کی توفیق دے

حضرت سيّدُنا عبدالله ابنِ عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي، الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب ، مُنَزَّهٌ عَنِ العُيُوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ شخص جي اوڳرائي ٻُڌي تہ فرمايائون، پنهنجي اوڳرائي (جو آواز) گهٽ ڪر، ان ڪري جو قيامت جي ڏينهن سڀ کان وڌيڪ بُکيو اهو هوندو جيڪو دنيا ۾ وڌيڪ پيٽ ڀري ٿو. (ترمذي ج4 ص 217 رقم الحديث 2486)

حضرتِ سيّدُنا ابو طالب المڪي رَحْمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا تہ جن اوڳرائي ڏني هئي اهي صحابي (يعني ابوجُحيفه) رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، تہ الله جو قسم! جنهن ڏينهن سرورِ ڪائنات صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي اها ڳالهہ ارشاد فرمائي.ان ڏينهن کان وٺي اڄ تائين مون ڪڏهن بہ

پيٽ پري ناهي ڪاڏو ۽ مون کي الله عَزَّوَجَلَّ مان اميد آهي تہ آئنده بہ منهنجي (پيٽ پري کائڻ کان) حفاظت فرمائيندو. (قوة القلوب ج2 ص 325)

مجھے بھوک کی دے سعادت الٰہی
پئے غوث دے استِقامت الٰہی

## سائي ڪل وارو بزرگ

حضرت سيِّدُنا ابو طالب المڪي رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه جوٿين صدي ۾ جا عالم، محدث ۽ مفڪر، تمام وڏا وليُّ الله ۽ تصوف جا زبردست امام ٿي گذريا آهن، حضرتِ سيِّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللہِ الْوَالِي تصوف ۾ سندن جي ڪتاب ”قوة القلوب“ مان ڪافي فيض حاصل ڪيو آهي پاڻ رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه جي تقويٰ جو عالم هي هيو جو ڪجھ عرصي تائين کائڻ ئي ڇڏي ڏنو هئائون رُڳو مباح قدرتي طور تي ڦٽندڙ گاهہ کائي گذارو فرمائيندا رهيا. رُڳو سائو سائو گاهہ کائيندا هئا ان لاءِ پاڻ رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ڪل سائي ٿي ويئي هئي!

## جنازي تي ڪنڊ ۽ بادام جي ورڪا ڪئي ويئي

وفات جي وقت ڪنهن حضرتِ سيِّدُنا ابو طالب المڪي رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمتِ سراپا عظمت ۾ عرض ڪيو، حضور مون کي ڪجھ وصيت فرمايو، فرمايائون، جيڪڏهن منهنجو خاتمو خير تي ٿي وڃي تہ منهنجي جنازي تي بادام ۽ ڪنڊ ڇٽجو، عرض ڪيو، مون کي ڪيئن خبر پوندي؟ فرمايائون مون وٽ وينو رهہ ۽ پنهنجو هٿ منهنجي هٿ ۾ ڏئي ڇڏ. جيڪڏهن مون تنهنجو هٿ زور سان دٻائي ڇڏيو تہ سمجھي وڃجانءِ تہ منهنجو خاتمو ايمان تي ٿيو

آهي. اهڙيءَ طرح ان هٿ ۾ هٿ ڏئي ڇڏيو. جڏهن رخصت جو وقت قريب آيو تہ پاڻ رَحْمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ان جو هٿ زور سان دٻائي ڇڏيائون ۽ روح مبارڪ جسم مان پرواز ڪري ويو. **جڏهن جنازو مبارڪ کنيو ويو تہ ان تي ڪنڊ ۾ بادام جي ورڪا ڪئي ويئي.** سندن يومِ عرس 6 جمادي الآخره سن 386 ھ آهي. بغداد معليٰ ۾ **"مقبرهٔ مالڪيَّہ"** ۾ پاڻ رَحْمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي مزارِ فائض الانوار عام ۽ خاص جي لاءِ زيارت گاهہ آهي.

**(المنتظر في تاريخ الملوڪ والامم ج14 ص 385 وغيات الاعيان ج4 ص121 ملتقطًا)**

عاشق کا جنازہ ہے ذرا دھوم سے نکلے
محبوب کی گلیوں سے ذرا گھوم کے نکلے

**دعوت اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو **فڪر مدينہ** جي ذريعي **مدني انعامات** جو ڪارڊ پري هر مدني مهيني جي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪر مند رهڻ جو ذهن بڻجندو.

## دنيا جي ڪنجي

**حضرت** سيِّدُنا ابوسليمان داراني قُدِّسَ سِرُّہُ الرَّبَّانِي فرمائن ٿا "دنيا جي ڪنجي پيٽ ڀري کائڻ ۽ آخرت جي ڪنجي بُک آهي." (نزهة المجالس ج اول ص 177)

## قيامت ۾ ڪنهن جو پيٽ ڀريل هوندو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هر وقت لذيذ شيون گهڻي ڇڏڻ وارن ۽ بُک لڳي نہ لڳي تہ جهٽ پٽ پيٽ ڀري کائڻ وارن جي لاءِ فڪر جو مقام آهي. خدا جو قسم! قيامت جي بُک برداشت

نہ ٿي سگهندي قيامت ۾ ڏؤ ٿيڻ لاءِ بهترين عمل دنيا ۾ بُکايل رهڻ آهي، جيئن تہ سلطانِ کريم و جواد، راحتِ هر قلبِ ناشاد، حبيبِ ربُّ العباد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ حقيقت بُنياد آهي، "جيڪي دنيا ۾ بُکايل رهندا هئا اهي قيامت جي ڏينهن سير (يعني پيٽ ڀريل) هوندا." (اتحاف السادة المتقين ج9 ص 17)

حضرتِ سيِّدُنا ابو هريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آهي، تاجدارِ رسالت، شفيع امت، مالڪِ ڪوثر و جنّت، سراپا رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي، "(قيامت جي ڏينهن) حساب جي سختي ان بُکايل تي نہ ٿيندي جنهن (دنيا ۾) فاقي ۽ بُک تي صبر ڪيو هوندو." (البدور السافرة 212)

يا الٰہی! جب زبانیں باہر آئیں پیاس سے
ساقیِ کوثر شہِ جود وعطا کا ساتھ ہو

## قيامت جي ساڙيندڙ گرمي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور تہ فرمايو! قيامت جو مُعاملو ڪيتريقدر سخت آهي. دنيا ۾ رُڳو ڪجهہ منٽن جي نفس جي لذت خاطر خوب پيٽ ڀري کائڻ پيئڻ وارن جي لاءِ ڪيتريقدر سخت آزمائش آهي. آهہ ! آهہ ! آهہ ! هڪ تہ قيامت جي ساڙيندڙ اس، مٿان وري زمين بہ ٽامي جي، وري پير بہ اگهاڙا، ۽ ويتر بُک ۽ اُڃ جي شدت **الامان والحفيظ** نفس جي فرمانبرداري ۾ تباهي ئي تباهي آهي. جيئن تہ

## نفس جهنم ۾ پهچائي ڇڏيو

حضرتِ سيِّدُنا ابوالحسن رازي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي والد کي فوت ٿيڻ جي ٻن سالن کان پوءِ خواب ۾ ڊامبر جي لباس ۾ ڏسي پُڇيو،

هي چا! اوهان کي جهنّمين جي لباس ۾ ڏسي رهيو آهيان! والد جواب ڏنو، پيارا پٽ! منهنجو نفس مون کي جهنّم ۾ وٺي ويو، توهان نفس جي دوکي کان بچي رهجو. (مكاشفة القلوب ص20)

سرورِ دیں لیجے اپنے ناتُوانوں کی خبر
نفس و شیطاں سیِّدا! کب تک دباتے جائیں گے (حدائقِ بخشش شریف)

يـــا الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي نفس جي شرارتن کان بچاءِ ۽ رُڳو پنهنجي رِضا جي لاءِ ”پيٽ جو قفلِ مدينه“ لڳائيندي بُک ۽ اُڃ برداشت ڪرڻ جو جذبو نصيب فرماءِ ۽ اسان کي قيامت جي شديد بُک ۽ اُڃ ۽ هر سختي ۽ جهنّم جي عذاب کان امان ڏي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

یاالٰہی! خوب ڈٹ کر کھانا پینا چھوڑ دوں
کر کرم کہ نفسِ اَمّارہ سے رِشتہ توڑ دوں

## بک جا ڏهه فائدا

﴿1﴾ دل جي صفائي ﴿2﴾ رقتِ قلبي ﴿3﴾ مسڪينن جي بُک جو احساس ﴿4﴾ آخرت جي بُک ۽ اُڃ جي ياد ﴿5﴾ گناهن جي رغبت ۾ گهٽتائي ﴿6﴾ ننڊ ۾ گهٽتائي ﴿7﴾ عبادت ۾ آساني ﴿8﴾ ٿوري روزي ۾ ڪفايت ﴿9﴾ تندرستي ﴿10﴾ بچيل ڪاڌو خيرات ڪرڻ جو جذبو.

(احياءُ العلوم ج3 ص 91 کان 96 تان مختصر ڪري)

حُجَّةُ الْاِسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا، بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِيْن فرمائن ٿا، اَلْجُوعُ رَأْسُ مَالِنَا يعني بُک اسان جو بهترين سرمايو آهي. هن مان مُراد هي آهي تہ اسان کي

جيڪي وسعت، سلامتي، عبادت، حلاوت ۽ علمِ نافع حاصل ٿيندو آهي، هي الله تبارڪ و تعاليٰ جي لاءِ بُک ۽ ان تي صبر ڪرڻ جي سبب حاصل ٿيندو آهي. (منهاج العابدين ص108)

بھوک سرمایہ بنے میرا خدائے ذُوالجلال
از طُفیلِ مصطفٰے کر بھوک سے مجھ کو نہال

**قيامت جي ڏينهن دعوت**

مشهور تابعي حضرتِ سيّدُنا ڪعب الاحبار رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ فرمائين ٿا، قيامت جي ڏينهن منادي ندا ڏيندو. اي الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ بُکيا اجارا رهڻ وارؤ اٿو! هي بُڌي بُک سهڻ وارا اچي دسترخوان تي ويهي رهندا جڏهن تہ بين ماڻهن جو اجان حساب ڪتاب جاري هوندو. (نزهة المجالس ج اول ص 178)

گدا بھی مُنتَظِر ہے خُلد میں نیکوں کی دعوت کا
خُدادن خیر سے لائے سخی کے گھر ضِیافت کا (حدائقِ بخشش شریف)

**جنت ۽ دوزخ جا دروازا**

حُجَّةُ الْاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ الْوَالِی فرمائن ٿا، پيٽ ۽ شرمگاهہ جهنّم جي دروازن مان هڪ دروازو آهي ۽ ان جو اصل (يعني حقيقت) پيٽ پري ڪائڻ آهي ۽ **عاجزي** ۽ انڪساري جنّت جي دروازن مان هڪ دروازو آهي ۽ ان جي پاڙ (يعني بنياد) **بُک** آهي. پنهنجي مٿان جهنّم جو دروازو بند ڪرڻ وارو يقيني طور تي پنهنجي لاءِ جنّت جو دروازو کولي ٿو ڇو تہ انهن ٻنهي مُعاملن منجهہ هڪ ٻئي ۾ اوپر ۽ اولهہ جيان فرق آهي، انهيءَ ڪري انهن مان هڪ دروازي جي ويجهو ٿيڻ يقينًا ٻئي کان پري ٿيڻ آهي. (يعني جيڪو

بُک جي ذريعي عاجزي اختيار ڪري جنّت جي ويجهو ٿيو تہ اهو جهنّم ڪان پري ٿيو ۽ جيڪو پيٽ پري ڪائڻ جي ذريعي پيٽ ۽ شرمگاھ جي آفتن ۾ مبتلا ٿيو اهو جهنّم جي ويجهو ٿي جنّت ڪان پري وڃي پيو.
(احياءُ العلوم ج3 ص 92)

دور آفت ہو ڈٹ کے کھانے کی
کاش! صورت ہو، خُلد پانے کی

## بدن جي اصلاح

اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، ”توهان پيٽ پري ڪائڻ پيئڻ کان بچو ڇو تہ هي جسم کي خراب ڪندو آهي، بيماريون پيدا ڪندو آهي ۽ نماز ۾ سُستي آڻيندو آهي ۽ توهان تي ڪائڻ پيئڻ ۾ وِچترائي لازم آهي ڇو تہ ان سان جسم جي اصلاح ٿيندي آهي ۽ فضول خرچيءَ کان نجات ملندي آهي. (ڪنزالعمال ج15 ص 183 رقم الحديث 41706)

## پيٽ پري ڪائڻ جون ڇهہ آفتون

حضرت سيّدُنا ابوسليمان داراني قُدِّسَ سِرُّہُ الرَّبَّانِي فرمائن ٿا، پيٽ پري ڪائڻ ۾ ڇهہ آفتون آهن: ﴿1﴾ مُناجاتِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ کان محرومي ﴿2﴾ علم ۽ حڪمت جي حفاظت ۾ مشڪلات ﴿3﴾ مخلوق تي شفقت ڪرڻ کان خالي. ڇو تہ پيٽ پريل سمجهندو آهي تہ سيني جو پيٽ پريل آهي تنهنڪري مسڪينن ۽ بُکايلن جي همدردي ڪانئس گهٽ ٿي ويندي آهي.﴿4﴾ عبادت بوجهہ محسوس ٿيڻ لڳندي آهي. ﴿5﴾ خواهشن جو ميڙ گڏ ٿيندو آهي ﴿6﴾ نمازي مسجدن جي طرف وڃي رهيا هوندا آهن ۽ گهڻو ڪائڻ وارا بيت الخَلا جا چڪر لڳائيندا رهندا آهن. (احياءُ العلوم ج3 ص 92)

## خشڪ ماني ۽ لوڻ

حضرتِ سيّدُنا محمد بن واسع عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ النَّافِع خشڪ (يعني رُکي) ماني لوڻ سان کائي وٺندا هئا ۽ فرمائيندا هئا، ”جيڪو دنيا ۾ ٿوري مقدار ۾ راضي ٿي ويندو آهي اهو ڪنهن جو محتاج ناهي رهندو.“ (مڪاشفةالقلوب ص 122)

## ڪاڏو عقل کي کائي ڇڏيندو آهي

ابن نجيح رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه چون ٿا، امام اعظم ابو حنيفه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ مون کي فرمايو، جڏهن دنيا جو ڪو اهم ڪم اچي وڃي ته ان کي پورو ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪاڏو نه کائو ڇو ته فَاِنَّ الۡاَکۡلَ يُغَيِّرُ الۡعَقۡلَ يعني ڪاڏو عقل کي کائي ڇڏيندو آهي. (مناقب ابي حنيفه للڪردي ص 351)

## دل جي سختيءَ جا سبب

حضرتِ سيّدُنا سفيان ثوري رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا، دل جي سختيءَ جا ٻه سبب آهن: ﴿1﴾ پيٽ ڀري کائڻ ﴿2﴾ گهڻو ڳالهائڻ.

ياوہ گوئی کی، ڈٹ کے کھانے کی

دُور عادت ہو یا خدایارب!

## ست گره

امير المؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ ستن يا نون گرهن کان وڌيڪ ڪاڏو نه کائيندا هئا. (احياءُ العلوم ج3 ص 97)

## پيٽ ڀرڻ جون پريشانيون

پيٽ ڀري کائڻ جون آفتون بيان ڪندي حُجة الاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡوَالِي فرمائن ٿا. (پيٽ ڀري کائڻ واري جي اکين ۾) گهٽي قدر ننڊ ڀريل هوندي آهي پوءِ جيڪڏهن ان حالت ۾ تهجُّد به پڙهيائين تڏهن به عبادت جو مِٺاج حاصل ڪري نه سگهندو. پوءِ

مُجَرَّد (يعني غير شادي شده) شخص جڏهن پيٽ پري سمهندو آهي تہ ان کي احتلام ٿي ويندو آهي هاڻي جيڪڏهن ٿڌي پاڻيءَ سان غسل ڪيائين تہ اهو بہ تڪليف وارو عمل آهي جيڪڏهن وِتر کي تهجد تائين ٽاري ڇڏيائين تہ تهجد تہ ويو، وتر پڙهڻ کان بہ محروم ٿي ويندو آهي هي سڀ پيٽ ڀرڻ جو جنجال آهي. (احياءُ العلوم ج3 ص 94)

**احتلام جو هڪ سبب**

حضرتِ سيِّدُنا ابو سليمان داراني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي فرمائن ٿا، احتلام هڪ عقوبت (مصيبت) آهي“. ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هي ان سبب کان ارشاد فرمايائون تہ بنا موقعي غسل جي تڪليفن جي سبب اهڙيءَ طرح گهڻيون عبادتون نڪري وينديون آهن. بس ننڊ آفتن جو ميڙ، پيٽ ڀرڻ ان جو سبب ۽ بُکيو رهڻ انهن (آفتن) کي قطع ڪرڻ (يعني ڪٽڻ) آهي. (ايضًا)

**شيطان رت ۾ گردش ڪندو آهي**

هڪ حديثِ مُرسل ۾ آهي، بيشڪ شيطان انسان ۾ رت جيان گردش ڪندو آهي تہ بُک ۽ اڃ جي ذريعي ان جا رستا سوڙها ڪري ڇڏيو.

(اتحاف السادة المتقين ج9 ص 12)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! روايت ۾ **مرسل حديث** جو ذڪر آهي، **مرسل حديث** ان حديث کي چوندا آهن. ”جنهن ۾ تابعي سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان روايت ڪري ۽ صحابي رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي ڇڏي ڏي.

(نزهة النظر في توضيح نخبة الفڪر ص 63)

**ٻہ نهرون**

**سلف صالحين** رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِيْن فرمائن ٿا، ”پيٽ پري ڪائڻ نفس ۾ هڪ نهر آهي جتي شيطان پهچي ويندو آهي

۽ بُک روح ۾ هڪ نهر آهي جيڪا فرشتن جي گذرگاهہ آهي.“
(سبع سنابل مترجم اردو ص 241)

ہمیں بارِ خدایا پیٹ کا قفلِ مدینہ دے
وسیلہ مصطفٰے کا پیٹ کا قفلِ مدینہ دے

## چاليهن ڏينهن جو فاقو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن بُک ۽ اڃ جي ذريعي شيطان جو رستو سوڙهو ڪندا هئا. حضرتِ سيّدُنا سَهل بن عبدالله تُستري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه چاليهہ ڏينهن بُکايل رهندا هئا پوءِ ڪجهہ کائيندا هئا. (احياءُ العلوم ج 3 ص 98) ڪين سڄي سال جي کاڌي لاءِ رُڳو هڪ درهم ڪافي هوندو هو. (الرسالة القشيريه ص 401)

## ڇهہ مدني گل

حضرتِ سيّدُنا سهل بن عبدالله تُستري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جا ڇهہ فرمان ملاحظ فرمايو. ﴿1﴾ قيامت جي ڏينهن ڪو عمل ضرورت کان وڌيڪ کائڻ کي ترڪ ڪرڻ کان افضل نہ هوندو ڇو تہ هي سُنّت نَبَوي آهي﴿2﴾ سمجهدار ماڻهو دين ۽ دنيا ۾ بُک کي تمام گهڻو نفعي بخش قرار ڏين ٿا. ﴿3﴾ آخرت جي طلبگارن جي لاءِ کاڌي کان وڌيڪ ڪنهن شيءِ کي مان نقصانڪار نہ ٿو سمجهان. ﴿4﴾ علم ۽ حڪمت کي بُک ۾ ۽ گناهہ ۽ جهالت کي پيٽ ڀري کائڻ ۾ رکيو ويو آهي. ﴿5﴾ جيڪو پنهنجي نفس کي بُکيو رکي ٿو ان کان وسوسا ختم ٿي وڃن ٿا. ﴿6﴾ ٻانهو جڏهن بُکيو، بيمار ۽ امتحان ۾ مبتلا هوندو آهي ان وقت الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ان جي طرف متوجهہ ٿيندي آهي پر جنهن کي الله عَزَّوَجَلَّ چاهي.

(احياءُ العلوم ج 3 ص 91)

يا الٰہی بھوک کی دولت سے مالا مال کر
دو جہاں میں اپنی رحمت سے مجھے خوش حال کر

## پيٽ تو ذليل آهي!

**قوة القلوب** ۾ آهي، ” بُک بادشاهہ ۽ پيٽ پرڻ غلام آهي، بُکايل عزّت وارو ۽ (وڌيک) پيٽ پريل ذليل آهي “ ۽ هي بہ چيو ويو، ”بُک سڀني جي سڀني عزّت آهي جڏهن تہ پيٽ پرڻ سراسر ذلت آهي“ ۽ ڪجهہ اسلاف رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی کان منقول آهي، فرمايائون، ” بُک آخرت جي ڪنجي ۽ زُهد (يعني دنيا کان بي رغبتي) جو دروازو آهي جڏهن تہ پيٽ پرڻ دنيا جي ڪنجي آهي ۽ (دنيا جي طرف) رغبت جو دروازو آهي. (قُوة القلوب ج2 ص 332)

## بکايل رهڻ جي تاڪيد ڇو؟

**حضرتِ سيّدُنا بايزيد** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْمَجِيد جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو، اوهان بُکيو رهڻ تي ايڏو زور ڇو ڏيندا آهيو؟ فرمايائون جيڪڏهن **فرعون** بُکيو هجي ها تہ ڪڏهن بہ خدائيءَ جي دعويٰ نہ ڪري ها ۽ جيڪڏهن قارون بُکيو هجي ها تہ ڪڏهن بہ بغاوت نہ ڪري ها. (مطلب تہ انهن تي مال جي گهڻائي تي تہ نافرمان ٿي ويا.)

(ڪشف المحجوب مترجم ص 647)

## اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي خفيہ تدبير کان بي خوف ٿيڻ ڪبيره گناهہ آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** واقعي صحت جي نعمت ۽ دولت جي ڪثرت اڪثر گناهن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندي آهي، تنهن ڪري جيڪو

خوب جاندار يا مالدار يا صاحبِ اقتدار هجي ان کي خداءِ عليم و خبير عَزَّوَجَلَّ جي خفيہ تدبير کان تمام گهڻو ڊڄڻ جي ضرورت آهي جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا حسن بصري رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائين ٿا، ”جنهن شخص تي الله عَزَّوَجَلَّ دنيا ۾ (روزي ۾ خوب ڪثرت، فرمانبردار اولاد جي نعمت، مال ۽ دولت، سٺي صحت، منصبِ وجاهت عهدو ۽ وزارت يا صدارت يا حڪومت وغيره جي ذريعي) فراخي ڪري پر ان کي جيڪڏهن هي انديشو نہ ٿيندو هجي تہ ڪٿي هي (آسائشون) الله عَزَّوَجَلَّ جي خفيہ تدبير تہ ناهي اهڙو شخص الله عَزَّوَجَلَّ جي **خفيہ تدبير** کان غافل آهي.“

(تنبيه المغترين ص 54)

حضرتِ سيّدُنا امام محمد بن احمد ذهبي رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي تصنيف ”**ڪتاب الڪبائر**“ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي خُفيہ تدبير کان نہ ڊڄڻ کي ڪبيره گناهن جي فهرست ۾ شامل ڪيو آهي، تنهن ڪري سرمائيدارن وغيره سان گڏوگڏ نادارن (غريبن) بيمارن ۽ مصيبت جي ماريلن کي بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي **خفيہ تدبير** کان ڊڄڻ لازمي آهي جو ٿي سگهي ٿو انهن آفتن جي ذريعي آزمائش ۾ وڌو ويو هجي ۽ ناجائز شڪوه، غير شرعي بي صبري، غربت ۽ مصيبت کي حرام وسيلن جي ذريعي ختم ڪرڻ جون ڪوششون آخرت جي تباهيءَ جو سبب بڻجي وڃن. راحتن ۾ زندگي گذارڻ وارن کي بہ رب عزيز و قدير عَزَّوَجَلَّ جي **خفيہ تدبير** کان ڊڄڻ واجب آهي جو ڪٿي ائين نہ ٿئي جو مليل دنياوي نعمتن جي ذريعي تڪبُّر، نافرماني ۽ مختلف قسمين جي گناهن جو سلسلو وڌندو رهي ۽ نهيل نڪيل خوبصورت بدن ۽ مال ۽ ملڪيت جهنم جي ٻارڻ جو سبب بڻجي وڃي. هن سلسلي ۾ حديثِ نبوي ۽ فرمانِ خداوندي ٻُڌندا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي **خفيہ تدبير** کان ڏڪندا.

**اللہ عَزَّوَجَلَّ جي طرفان ڍر**

**حضرتِ** سيّدُنا عقبہ بن عامر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي، نبيِ اکرم، نورِ مجسم، رسولِ محتشم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي، جڏهن توهان ڪنهن ٻانهي کي ڏسو تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ ان کي عطا فرمائي ٿو ۽ اهو پنهنجي گناهہ تي قائم آهي تہ هي ان جي طرف کان ڍر آهي. پوءِ هيءَ آيتِ ڪريمہ تلاوت فرمايائون.

فَلَمَّا نَسُوْا مَا ذُكِّرُوْا بِهٖ فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ اَبْوَابَ كُلِّ شَیْءٍؕ حَتّٰۤى اِذَا فَرِحُوْا بِمَاۤ اُوْتُوْۤا اَخَذْنٰهُمْ بَغْتَةً فَاِذَا هُمْ مُّبْلِسُوْنَ۝۴۴

(پاره 7 سُوْرَۃُ الْاَنْعَام آيت 44)

ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ جڏهن انهن وساري ڇڏيو جيڪي انهن کي نصيحتون ڪيون ويون اسان انهن تي هر شيءِ جا دروازا کولي ڇڏيا ايستائين جو جڏهن خوش ٿيا ان تي جو کين مليو تہ اسان اوچتو کين پڪڙ ڪئي تڏهن اهي نااميد رهجي ويا.

(مُسند امام احمد ج6 ص 122 رقم الحديث 17313)

**گناهن کي سنو سمجهڻ ڪفر آهي**

**مفسرِ** شهير مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان هن آيتِ ڪريمہ جي تحت فرمائن ٿا، ” معلوم ٿيو تہ تمام عذابن مان سخت ترين عذاب دل جي سختي آهي جو جنهن جي سبب تعليمِ نبي اثر نہ ڪري. هن آيتِ ڪريمہ مان معلوم ٿيو تہ گناهہ ۽ معاصي جي باوجود دنياوي راحتون ملڻ اللہ عَزَّوَجَلَّ جو ڏمر ۽ عذاب آهي جو ان سان انسان اجان وڌيڪ غافل ٿي گناهہ ڪرڻ تي دلير ٿي ويندو آهي. بلڪ ڪڏهن خيال ڪري ٿو تہ

گناھ سني شيءِ آھي نہ تہ مون کي ھي نعمتون نہ ملن ھا اھو ڪفر آھي. (يعني گناھ کي گناھ تسليم ڪرڻ فرض آھي ان کي چاڱي واڱي سنو چوڻ يا سنو سمجھڻ ڪفر آھي) ھي بہ معلوم ٿيو تہ نيڪوڪار تي تڪليفون اچڻ رحمتِ الاھي عَزَّوَجَلَّ جو ذريعو آھي جو ان سان ان صالح (يعني نيڪ ٻانهي) جا درجا بلند ٿيندا آھن. ” (نورالعرفان ص 210)

## دعاءِ مصطفيٰ صلی اللہ علیہ وسلم

الله عَزَّوَجَلَّ جا پيارا محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڪثر ھيءَ دعا گھرندا رھندا ھئا.

يَا مُقَلِّبَ الْقُلُوْبِ ثَبِّتْ قَلْبِيْ عَلٰى دِيْنِكَ۔

يعني اي دلين کي ڦيرڻ وارا منھنجي دل کي پنھنجي دين تي قائم رک.

(مُسند امام احمد ج4 ص 515 رقم الحديث 13697)

يا خدا تُو مرا ايمان سلامت رکھنا
از پئے غوث و رضا سايہ رحمت رکھنا

## چاليھ ھزارن مان چار

حضرت سيِّدُنا عبدالله بن مبارڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا، ھڪ حڪيم (يعني داناءُ) چاليھ ھزار ڳالھين مان ھنن چئن جو انتخاب ڪيو: ﴿1﴾ ھر عورت تي ھر مُعاملي ۾ اعتماد نہ رکو. ﴿2﴾ڪڏھن پنھنجي دولت تي ڀروسو نہ ڪريو﴿3﴾ پنھنجي معدي تي ان جي طاقت کان وڌيڪ بوجھ نہ وجھو (يعني خوب پيٽ ڀري نہ کائيندا ڪريو) ﴿4﴾ اھڙي علم (يعني معلومات ۽ خبرن وغيره) جي پويان نہ لڳو جنھن مان توھان نفعو نہ حاصل ڪري سگھو.

(المنبهات للعسقلاني ص 47)

**ست آنڊا**

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي، **مومن** هڪ آنڊي ۾ کائيندو آهي ۽ ڪافر يا **منافق** ستن آنڊن ۾ کائيندو آهي.

(صحيح بخاري ج 6 ص 246 رقم الحديث 5394)

**ستن آنڊن جو مطلب**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حديثِ پاڪ مان هي مُراد ناهي ته مسلمان جو هڪ آنڊو ۽ ڪافر جا ست آنڊا هوندا آهن. هر شخص جا ست ئي آنڊا هوندا آهن. هتي هن ڳالهه جي طرف اشارو آهي ته تمام گهڻو کائڻ هي ڪافر جو مشغلو آهي. **حجة الاسلام** امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِي هن حديثِ مبارڪ جي شرح بيان ڪندي فرمائن ٿا، يعني **مومن** جي مقابلي ۾ **منافق** ستُوڻ تي وڌيڪ کائيندو آهي يا منافق جي خواهش مومن جي خواهش کان ست ڀيرا وڌيڪ هوندي آهي، آنڊي جو ذڪر خواهش ڏانهن اشارو آهي جو ته خواهش کاڌي کي اهڙيءَ طرح قبول ڪندي آهي جهڙيءَ طرح آنڊو. هي مطلب ناهي ته منافق جا آنڊا مومن جي آنڊن کان وڌيڪ هوندا آهن.

(احياءالعلوم ج3 ص 89)

**مومن ۽ منافق جي خوراڪ ۾ فرق**

حضرتِ سيّدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، ”مومن هڪ ننڍڙي ٻڪريءَ جيان آهي جنهن کي هڪ مٺ چوهارا هڪ لپ جَوَ ۽ هڪ ڍڪ پاڻي ڪافي آهي ۽ منافق هڪ درندي (يعني خونخوار جانور) جيان هڙپ هڙپ ڪري کائيندو ۽ ڳهندو آهي. ان جو پيٽ پنهنجي ’پاڙيسريءَ‘ جي خاطر ناهي سُسندو ۽ پنهنجي ڀاءُ تي پنهنجي ڪنهن شيءِ جو ايثار ناهي ڪندو.“ (قوت القلوب ج2 ص 324)

## اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي غذا

منهنجا آقاءِ نعمت، سرڪارِ اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت مولانا شاه احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن تمام گهٽ غذا استعمال فرمائيندا هئا، جيئن ته حضرت سيّد ايوّب علي شاه صاحب رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، ” اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي غذا وڏ ڪان وڏ **هڪ پيالي ٻڪريءَ** (جي گوشت) **جو شوروو بغير مرچ جي ۽ هڪ يا ڏيڍ عدد سوجيءَ جو بسڪيٽ ۽** اهو به روزانو نه، ڪڏهن ڪڏهن ناغو به ٿي ويندو هيو.

**(حياتِ اعليٰ حضرت ج1 ص 27)**

ڪر عطا احمد رضائے احمدِ مرسَل ہمیں
میرے مولیٰ حضرتِ احمد رضا کے واسطے

## ست مدني گل

حضرتِ سيّدُنا عبـــدالله ابنِ عبـاس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا، **عقلمند** ڪي گهرجي ته ستن ڳالهين ڪي ستن ڳالهين تي فوقيت ڏي: ﴿1﴾ غربت کي مالداري تي ﴿2﴾ ذلت کي عزت تي ﴿3﴾عاجزي کي خود پسنديءَ تي ﴿4﴾ **بُک** کي پيٽ پرڻ تي ﴿5﴾ غم کي خوشيءَ تي ﴿6﴾ غريب نيڪو ڪارن کي بلند پائي جي دنيادارن تي ۽ ﴿7﴾ موت کي زندگيءَ تي.

**(المنبهات للعسقلاني ص 85)**

## ٻارهن ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو وضو

حضرتِ سيّدُنا عبدالوهاب شعراني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي فرمائن ٿا، ”مون ڪافي اهل الله رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى کي بُک ۾ نهايت ثابت قدم ڏٺو ايتري تائين جو انهن مان ڪجهه ته سڄي هفتي ۾ هڪ ڀيرو رفع حاجت جي لاءِ ويندا هئا جو ته اهي هرهر بيت الخلا ۾ وڃي اگهاڙي ٿيڻ ۾ الله تبارڪ

وتعاليٰ کان شرمائيندا هئا. سيّدي شيخ تاج الدين ذاکر عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللّٰهِ الۡقَادِر تہ هن معاملي ۾ ايتري تائين پهچي ويا هئا جو ڪين ٻارهن ڏينهن ۾ رُڳو هڪ ڀيرو وضوءَ جي حاجت پيش ايندي هئي.“

(تنبيه المغترين ص 36)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مدني قافلي جو هڪ مسافر

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پيٽ جو قفلِ مدينہ لڳائيندي گهٽ ڪائڻ سان اچ بہ گهٽ لڳندي آهي ۽ پاڻي گهٽ پيئڻ سان ننڊ بہ گهٽ ايندي آهي. يعني گهٽ ننڊ سان گذارو ٿي ويندو آهي ۽ ماڻهو چُست ٿي ويندو آهي. **دعوتِ اسلامي** جي شروعات ۾ هڪ ڀيرو اسان جو **مدني قافلو** (باب المدينہ ڪراچي) مان پنجاب جي سفر تي هيو. قافلي ۾ شامل هڪ سفيد ريش بزرگ دورانِ سفر مون کي (يعني راقم الحروف کي) ٻڌايو تہ اَلۡحَمۡدُللّٰه عَزَّوَجَلَّ بہ ڏينهن ٿي چُڪا آهن منهنجو وضو اجان تائين سلامت آهي. ۽ پنهنجي مرحوم پير ۽ مرشد جي باري ۾ ٻڌايائين تہ انهن جو **پندرهن ڏينهن تائين وضو** باقي رهندو هيو! هي سڀ **پيٽ جو قفلِ مدينہ** لڳائڻ يعني گهٽ ڪائڻ جون برڪتون آهن جو هن سان ننڊ ۽ رفع حاجت جي ضرورت ۾ گهٽتائي اچي ويندي آهي ۽ ائين عبادت ۽ دين جي مدني ڪم ڪرڻ جي لاءِ خوب وقت ملي ويندو آهي.

میں کم بولوں کم سوؤں کم کھاؤں یاربّ!
تِری بندگی کا مزا پاؤں یا ربّ!

## ٽن ڏينهن جو فاقو

حضرتِ سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي، خاتونِ جنّت سيّدة النساء، فاطمة الزهراء رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا مانيءَ جو هڪ ٽڪرو کڻي هڪ پيري سرڪارِ نامدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ دربار ۾ حاضر ٿيون مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پُڇيو، هي ٽڪرو ڪهڙو آهي؟ عرض ڪيائين، مون ماني پچائي هئي تہ اوهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان بغير کائڻ پسند نہ ڪيم ان لاءِ هي ٽڪرو حاضر ڪيو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو، **ٽن ڏينهن کان پوءِ هي پهريون کاڌو آهي جيڪو توهان جي والدِ جي** (مبارڪ) **وات ۾ داخل ٿيو آهي.**

**(المعجم الكبير للطبراني ج1 ص 259 رقم الحديث 750)**

دونوں جہاں کے داتا ہو کر، کون و مکاں کے آقا ہو کر
فاقہ سے ہیں سرکارِ دو عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

**الله اڪبر!** ٻنهي جهانن جا خزانا جن جي هٿن ۾ آهن انهن جي دنيا کان ايتريقدر بي رغبتي! هي محبوب رب باري صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي اختياري بُک شريف هئي نہ تہ بين ڪي جهوليون ڀري ڀري نوازيندا هئا جيئن تہ

## ڪير جو هڪ پيالو ۽ ستر صحابہ عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، ان خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم جنهن کان سواءِ ڪو معبود ناهي، مان بُک جي سبب کان پنهنجو پيٽ زمين تي رکندو هيس ۽ بُک جي سبب پيٽ تي پٿر ٻڌندو هيس هڪ ڏينهن مان ان رستي تي ويهي رهيس

جتان ماٺهو ٻاهر ويندا هئا. ٻنهي جهانن جا آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون وٽان گذريا تہ مون کي ڏسي مُرڪيا ۽ منهنجو چهرو ڏسي منهنجي حالت سمجهي ويا. ارشاد فرمايائون، اي ابوهريره! مون عرض ڪيو، لبيڪ يا رسول الله (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) فرمايائون، مون سان گڏ اچو. مان پويان هلڻ لڳس. جڏهن شهنشاهِ بَحَر و بَر مديني جا تاجوَر، ساقيءِ حوضِ ڪوثر، حبيبِ داوَر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي مبارڪ گهر ۾ جلوه گر ٿيا تہ اجازت وٺي مان بہ اندر داخل ٿيس. سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ پيالي ۾ کير ڏٺو تہ فرمايائون، ”هي کير ڪٿان آيو آهي؟ گهروارن عرض ڪيو. فلاڻي صحابيءَ يا صحابيہ اوهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي لاءِ تحفي طور موڪليو آهي. فرمايائون. ابوهريره! مون عرض ڪيو، لَبَّيك يا رسول الله (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) فرمايائون، وڃو، اهلِ صُفّہ کي وٺي اچو. ” حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، تہ اهلِ صُفّہ عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان اسلام جا مهمان آهن، نہ انهن کي گهر ٻار سان رغبت آهي نہ مال ۽ دولت سان ۽ نہ اهي ڪنهن شخص جو سهارو وٺندا آهن. جڏهن محبوبِ رب ذوالجلال صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ صدقي جو مال ايندو هو تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهو مال انهن (اصحاب صُفّہ عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) جي طرف موڪلي ڏيندا هئا ۽ پاڻ ان مان ڪجهہ نہ ڪڍندا هئا ۽ جڏهن پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ ڪو هديو ايندو هيو تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن وٽ موڪليندا هئا ان مان پاڻ بہ استعمال ڪندا هئا ۽ انهن کي بہ شريڪ فرمائيندا هئا. مون کي هي ڳالهہ ڏکي لڳي ۽ دل ۾ خيال آيو اهلِ صُفہ (عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان)

جو هن کير مان چا ٿيندو، مان ان جو وڌيڪ مستحق هيس جو هن کير مان ڪجهه ڍُڪَ پيئان ها ۽ ڪجهه قوت حاصل ڪيان ها. جڏهن اصحابِ صُفّہ (عَلَیۡهِمُ الرِّضۡوَان) اچي ويندا تہ سرڪارِ نامدار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي ئي ارشاد فرمائيندا، تہ انهن کي کير پيش ڪر. انهيءَ صورت ۾ تمام مشڪل آهي جو کير جا ڪجهه ڍڪ مون کي ميسر ٿين. پر الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت کان بغير چارو نہ هيو. مان اصحابِ صُفّہ (عَلَیۡهِمُ الرِّضۡوَان) وٽ ويس ۽ انهن کي سڏي آيس. اهي آيا، انهن تاجدارِ مدينهءِ منوره، شهنشاهِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان اجازت طلب ڪئي. پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اجازت عطا فرمائي ۽ اهي گهر ۾ حاضر ٿي ويهي رهيا. مني مني آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، ”ابوهريره !“ مون عرض ڪيو، **لبيك يا رســول الله** (صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم). فرمايائون، ”پيالو کڻو ۽ هنن کي کير پياريو. “ حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا، مون پيالو کنيو. مان اهو پيالو هڪ شخص کي ڏيان پيو اهو ڍؤ ڪري پيئي پيو پوءِ پيالو مون کي موٽائي پيو ڏئي. ايسيتائين جو مان پياريندو پيارين‍دو آقاءِ مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين پهچي ويس ۽ سيئي ماڻهو ڍؤ ڪري چُڪا هئا. سرڪارِ مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پيالو کڻي پنهنجي **دستِ اقدس** تي رکيو. پوءِ منهنجي طرف ڏسي تبسُّم فرمايائون، ۽ ارشاد فرمايائون، ”**ابو هريره!** مون عرض ڪيو، **لبيك يا رسول الله** (صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم). فرمايائون، هاڻي مان ۽ توهان باقي رهجي ويا آهيون. عرض ڪيم، **يا رسول الله** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان

صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سچ فرمايو، فرمايائون، ”ويهو ۽ پيئو.“ مان ويهي رهيس ۽ کير پيئڻ لڳس. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايائون، ” پيئو“. مون پيتو، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مسلسل فرمائيندا رهيا،”پيئو “. ايستائين جو مون عرض ڪيو، نه، قسم آهي ان ذات جو جنهن اوهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي حق سان مبعوث فرمايو، هاڻي وڌيڪ گنجائش ناهي، فرمايائون،” مون کي ڏيکاريو.“ مون پيالو پيش ڪيو، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم الله تعالیٰ جي واکاڻ بيان ڪئي، بِسْمِ اللّٰه پڙهي بچيل کير نوش فرمائي ڇڏيو. (صحيح بخاري ج7ص 230 رقم الحديث 6452)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ هي سرڪارِ مڪهءِ مڪرمه، تاجدارِ مدينهءِ منوّره صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو عظيم معجزو آهي جو تمام يعني ستر اهلِ صُفّه عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ملي ڪري به کير جو هڪ پيالو پورو نه پي سگهيا. منهنجا آقا اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه انهيءَ ايمان افروز واقعي جي طرف اشارو ڪندي عرض گذار آهن.

کيوں جنابِ بُو ہریرہ! تھا وُہ کیسا جامِ شیر
جس سے ستّر صاحِبوں کا دُودھ سے مُنہ پھِر گیا

## ماڻهن کان بي نيازي

حضرتِ سيّدُنا ابو يحييٰ مالڪ بن دينار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار فرمائن ٿا، مان حضرتِ سيّدُنا ابو عبدالله محمد بن واسع عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ النَّافِع کي چيو، اي ابو عبدالله! خوش نصيب آهي اهو شخص جنهن وٽ ٿورو اناج هجي ۽ ان کي ڪفايت ڪري ۽ ائين اهو ماڻهن کان بي نياز رهي. اهو ٻُڌي انهن مون کي

فرمايو، اي ابو يحيىٰ! ان شخص جي لاءِ خوشخبري آهي جيڪو صبح ۽ شام بُکيو هجي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ان کان راضي هجي.

(احياءُ العلوم ج3 ص 90)

**نصيحت بي اثر ٿيندي**

**منقول** آهي، ”پيٽ پريل جي نصيحت بي اثر هوندي آهي ۽ جڏهن ان کي نصيحت ڪئي ويندي آهي تہ ان جو ذهن قبول ناهي ڪندو.“ (نزهة المجالس ج اول ص 178)

**موت جي وقت بدبوءِ**

**اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايو، پنهنجو پاڻ کي پيٽ پري کائڻ کان بچايو جو هي زندگيءَ ۾ **بوجهہ** ۽ موت جي وقت **بدبوءِ** آهي. (احياءُ العلوم ج3 ص 90)

**ڪاڏو وڏيڪ تہ ڪمائڻ بہ وڏيڪ**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** سچ فرمايو آهي سيّدُنا فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ، واقعي **پيٽ جو قفلِ مدينہ** نہ لڳائڻ ۽ خوب پيٽ پري ڪائڻ زندگيءَ ۾ بوجهہ بڻيل رهندو آهي جو وڏيڪ کائڻو هجي تہ ان جي لاءِ وڏيڪ ڪمائڻو پوي ٿو ۽ خوب محنت سان پچائڻو پوي ٿو، وري پيٽ ۾ دير تائين ان جو بوجهہ کڻڻو پوي ٿو، گهڻو کاڌو هاضمي جي سرشتي کي مُتاثر ڪندو آهي، تنهن ڪري قبض، گيس ۽ نہ ڄاڻ پيٽ جون ڪيترين تڪليفون ڪڻيون پون ٿيون. مطلب تہ وڏيڪ کائڻ ۾ خريداريءَ تي بہ خرچ وڏيڪ، گهڙي کن زبان جي ذائقي کان پوءِ نڙيءَ کان هيٺ لهندي ئي لذت جو خاتمو ۽ دير تائين پيٽ ۾ ”ڳڙ ٻڙ“ جو بوجهہ، وڏيڪ بوجهہ وڌڻ تي ڊاڪٽرن ۽ دوائن وغيره جي خرچن جو بار. تہ اهڙيءَ طرح اهو سڀ بوجهہ بوجهہ ۽ بوجهہ ئي

آهي. ڪاش! ڪجهہ گهڙين جي لذتن جي خاطر تاحيات ۽ بوجهہ ۾ موت جي وقت جي بدبوءِ جهڙن خطرن کان بچڻ جو ذهن بنائڻ ۾ اسين ڪامياب ٿي وڃون!

## عبادت جي لذت کان محرومي

**منقول** آهي، جيڪڏهن تون پيٽ پري ڪائڻ جو عادي آهين تہ عبادت ۾ لذت جي اميد نہ رک، ۽ عبادت کان بغير دل ۾ نور ڪيئن پيدا ٿي سگهي ٿو؟ ۽ جيڪڏهن عبادت ٿئي بہ ٿي لذت هجي تہ اهڙي عبادت سان دل ۾ نور ڪهڙي طرح اچي سگهي ٿو؟ (منهاج العابدين ص 107)

## بک جي سبب کان بيهوشي

**حضرتِ** سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، مون (بُک جي ڪري) پنهنجي هي حالت بہ ڏٺي جو مديني جي تاجوَر، محبوبِ ربِ اڪبر صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي منبر شريف ۽ اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي حُجري مبارڪ جي وچ ۾ بيهوش ٿي ڪِري پوندو هيس، ڪو ماڻهو ايندو هو ۽ منهنجي ڪنڌ تي پير رکي ڇڏيندو هيو، هو سمجهندو هيو تہ مون تي جُنون جي ڪيفيت طاري آهي، حالانڪ مون کي جُنون وغيره ڪجهہ نہ هوندو هيو هيءَ حالت بُک جي سبب کان هوندي هئي.“ (صحيح بخاري ج 8 ص 193 رقم الحديث 7324)

بخش دے میری ہر خطا یارب!
فاقہ مستوں کا واسِطہ یارب!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو علمي شوق هيو جو سڀ ڪجهہ ڇڏي ڪري سَروَرِ ڪونين، رحمتِ دارين، راحتِ قلب بيچين، ناناءِ حسنين صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمين

شريفين ۾ پيا رهندا هئا. بُکن تي بُکون سهندا هئا ۽ علم حاصل ڪندا هئا ۽ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي ئي هي اعزاز حاصل آهي جو سڀ کان وڌيڪ احاديثِ مبارڪ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهن. خوب ڊؤ ڪرڻ، خواهش ناموري، حرص ۽ طمع ۽ حب جاه جي نحوستن جي آلودگين سان تعليم ۽ تعلم (درس ۽ تدريس) ۾ روحانيت جي تلاش ڪندڙن کي منزل ملڻ هڪ ڏکيو امر (يعني ڪم) آهي. تحصيلِ علمِ دين ۾ سراپا اخلاص بڻجي وڃو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جون خوب رحمتون ماڻيو. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن جي ذريعي بہ علم حاصل ٿيندو آهي ۽ بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون آهن، دعوتِ اسلامي جي **مدني قافلي** جي بهار ملاحظ فرمايو.

## نامعلوم سور ۽ مدينا

**پاڪستان** جي صوبي پنجاب جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي، مان دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه (بابُ المدينه ڪراچي) ۾ "تربيتي ڪورس" جي لاءِ آيو هيس، ان دوران هڪ ڏينهن خميس جو صبح تقريبًا چئين وڳي پيٽ جي کاٻي طرف اوچتو سور پيو، سور ايتريقدر شديد هيو جو ست **انجيڪشن** لڳا تڏهن آرام آيو، معمول موجب جمعرات جو ٿيڻ واري سنّتن ڀرئي اجتماع جي لاءِ (مدني مرڪز فيضانِ مدينه) ۾ شام جو حاضر ٿيس. رات ڏهين وڳي وري سُور شروع ٿيو پر اجتماع ۾ گھري ويندڙ اجتماعي دعا جي وقت نيڪ ٿي ويس، هڪ ڪلاڪ کان پوءِ وري تمام **شديد سور** پيو. ڊاڪٽر **ٽي انجيڪشن** لڳايا پوءِ ڪجھ فائدو ٿيو. پوءِ حالت هيءَ ٿي ويئي جو

جڏهن بہ کاڌو کائيندو هيس **سور** شروع ٿي ويندو هيو. روزانو ٿي چار ٽُڪا لڳندا هئا. ڊرپ چڙهندي هئي، الٽرا سائونڊ بہ ڪرايم، پر ڊاڪٽرن کي سُور جو سبب سمجهہ ۾ نہ آيو. مان اسپتال ۾ پيو هيس اتي مون کي معلوم ٿيو تہ مون سان گڏ آيل اسلامي ڀائر سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ 12 ڏينهن جي لاءِ سفر جي تياري ڪري رهيا آهن، ڊاڪٽر سفر ڪان گهڻو روڪيو پر مون کان رهي نہ سگهيو. آءُ **ڏيره بگٽي** (بلوچستان) وڃڻ واري مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس. **ڏيره بگٽي** ويندي رستي ۾ ٿورڙو سُور پيو، پوءِ اتان کان اسان "سئي" اچي جمعرات جي سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت ڪئي ۽ پوءِ **ڏيره بگٽي** واپس آياسين. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **مدني قافلي جي برڪت سان سور اهڙو ختم ٿيو ڄڻ ڪڏهن هيو ئي نہ ۽** اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اڄ تائين مون کي ٻيهر اها تڪليف نہ ٿي ۽ **سڀ کان وڏي سعادت هي ملي جو مون کي مدني قافلي ۾ خواب ۾ مديني جي تاجدار** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو ديدار** ٿي ويو.

لوٹنے رَحمتیں قافِلے میں چلو　　سیکھنے سنّتیں قافِلے میں چلو
درد سر ہو اگر دُکھ رہی ہو کمر　　پاؤ گے صِحّتیں قافِلے میں چلو
ہے طلب دید کی، دید کی عید کی　　کیا عَجَب وہ دِکھیں قافِلے میں چلو

**دعوت اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو **فڪر مدينہ** جي ذريعي **مدني انعامات** جو ڪارڊ ڀري هر مدني مهيني جي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اِن شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ، گناهن ڪان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪرمند رهڻ جو ذهن بڻجندو.

## ڪاش! بک خريد ڪري سگهجي ها!

**حضرت** سيّدُنا يحيىٰ بن مُعاذ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، ”جيڪڏهن بُک بازار ۾ وڪرو ٿئي ها تہ آخرت جا طلبگار ضرور ان جي خريداري ڪن ها.“(الرسالة القشيريه ص 141)

## هر طرف کاڌو خريد ڪيو پيو وڃي!

الله! الله! اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي مدني ذهن جي بہ ڇا ڳالھ آهي! حضرتِ سيّدُنا يحيىٰ بن مُعاذ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ”بُک“ خريدڻ جي ڳالھ فرمائي رهيا آهن، جڏهن تہ نادان ماڻهن ۾ گهٽي کائڻ جا باقاعده مقابلا ڪيا وڃن ٿا، جيڪو سيني کان وڌيڪ کاڌو کائي وڃي ان کي وڏو بهادر تصور ڪيو ويندو آهي. افسوس! صد ڪروڙ افسوس! اڄ ڪلھ ماڻهو پيسا ڏئي ڪري کاڌي جون بازاري شيون ۽ ان سان گڏوگڏ طرح طرح جا ”امراض“ خريد ڪرڻ ۾ مصروف آهن، هر طرف کائڻ پيئڻ جي شين جي خريداريءَ جي ڌوم مَتل آهي، **فوڊ ڪلچر** جو دؤر هلي رهيو آهي، هڪ هڪ محلي ۾ ڪيترائي ريسٽوران ڪليل آهن، هر طرف هوٽل چمڪي رهيا آهن، چئن پاسن کان ڪباب سموسن جا بستا، ڏهي ٻڙا ۽ آلو چولي جا پريل ٿالھ مسڪرائيندي نظر اچي رهيا آهن چئن ئي طرفن کان سيخ ڪباب ۽ چکن تڪن جي خوشبو ڦهليل آهي، آئسڪريم ۽ سوڊا ليمن جي بوتلن جي دڪانن جون خوب بهارون آهن. ضرورتمند خريدارن سان گڏوگڏ ڪيترائي ماڻهو فقط نفس جي لذت جي خاطر کائڻ پيئڻ جي شين مٿان بي تاب انداز ۾ ڦيريون پيا

ڏين. جيڪو هٿ ۾ آيو ڦڪي رهيا آهن، جيڪو مليو هڙپ ڪري رهيا آهن، نہ ڪنهن ڪي دنياوي نقصان جو فڪر، نہ بيماريءَ جي پرواهہ ۽ نہ ئي آخرت جي حساب جي لِڳَل آهي، هر هڪ جي آرزو آهي ڪاوان، ڪاوان ۽ بس ڪاوان ۽ ڪائيندو ئي رهان جڻ هر طرف کان صدائون بلند ٿي رهيون آهن.

## ڪائو پيئو، جان ٻڌايو!

ڪاش! سرڪارِ نامدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابهءِ ڪرام و شهيدان ڪربلا عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جي مبارڪ بُک اسان کي ياد رهي. هاءِ! افسوس! اسان ”ڪاوان ڪاوان“ جا نعرا لڳائي رهيا آهيون ۽ انهن مقدس هستين جي طرف کان ” بُک بُک“جا پيغام ملي رهيا آهن. اسين جيتوڻيڪ هر گهڙي ڪائڻ پيئڻ ۾ مشغول آهيون پر ڪا تہ ڳالهہ آهي جو تمام انبياء، صحابہ ۽ اولياء عَلَيْهِمُ السَّلَام و عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي طرف کان **گهٽ کائڻ** جو درس ملي رهيو آهي.

شوق کھانے کا بڑھ چلا یارب! نفس کا داؤ چل گیا یارب!
خوب کھانے کی خو مٹا یارب! نیک بندہ مجھے بنا یارب!

## گهڻو ڪائڻ ڪافرن جي صفت آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رُڳو نفس جي لذت جي لاءِ ڪابہ شيءِ ڪائڻ صحيح ناهي. صدرالشريعه، بدرالطريقه حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، قرآن ڪريم ۾ **ڪافرن جي صفت** اها بيان ڪئي ويئي آهي تہ ڪاڌي مان انهن جو مقصد تلذُّذ و تنعُّم (يعني رُڳو لطف ۽ لذت حاصل ڪرڻ) هوندو

آهي ۽ حديثِ پاڪ ۾ ڪثرت خوري (يعني گهڻو کائڻ) ڪافرن جي صفت ٻڌائي وئي آهي. (ماخوذ از بهارشريعت حصو 16 ص 30)

"کھاؤں کھاؤں" کی خُو نکل جائے
نقلِ کُفّار سے بچا یا ربّ

**بک ۾ طاقت**

**حضرت** سيّدُنا سهل بن **عبدالله** رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي حالت اها هئي جو جڏهن بُکايل هوندا هئا ته **طاقتور** هوندا هئا پر جڏهن ڪجهه کائيندا هئا ته **ڪمزور** ٿي ويندا هئا! (الرسالة القشيريه ص 142)

ڪنهن فارسي شاعر ڇا ته پياري ڳالهه چئي آهي.

اگر لذّتِ ترکِ لذّت بدانی
دِگرلذّتِ نفْس،لذّت نخوانی

(يعني جيڪڏهن تون لذتن کي ڇڏڻ جي لذت کي ڄاڻي وٺين ته پوءِ نفس جي لذت کي ڪڏهن به لذت نه ڄاڻندين.)

**تصوف ڪيئن حاصل ڪرڻ**

**حضرت** سيّدُنا جنيد بغدادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِی فرمائن ٿا، اسان تصوف کي قِيل ۽ قال (يعني بحث ۽ مباحثه) سان نه پر **بُک**، دنيا کان دوري ۽ نفساني لذتن کي ترڪ ڪري (پوءِ) حاصل ڪيو آهي. (سبع سنابل مترجم ص 241)

**مان سڀ ڪان برو آهيان**

**حضرتِ** سيّدُنا عثمان غني رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، نيڪ ٻانهن جون پنج نشانيون آهن: ﴿1﴾ سٺي صحبت ۾ رهندو آهي. ﴿2﴾ زبان ۽ شرمگاهه جي حفاظت ڪندو آهي ﴿3﴾ دنيا جي نعمت کي جنجال ۽ ديني نعمت کي ربّ ذوالجلال جو فضل تصور ڪندو آهي ﴿4﴾ حلال ڪاڏو به

هن خوف کان پيٽ پري ناهي کائيندو جو ان ۾ ڪٿي حرام نہ مليل هجي. ﴿5﴾ پاڻ کان علاوه سيني مسلمانن کي نجات يافتہ تصور ڪندو آهي ۽ پاڻ کي گناهگار سمجهندي پنهنجي هلاڪت جو خطرو محسوس ڪندو آهي. (المنبهات للعسقلاني باب الخماسي 59)

ہائے! حُسنِ عمل نہیں پلّے حشر میں ہوگا کیا مرا یا ربّ!
خوف آتا ہے نارِ دوزخ سے ہو کرم بہرِ مصطفٰے یاربّ!

## بُک جي ڪري ڪري پوندا هئا

**حضرت** سيدُنا فضالہ بن عُبيد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، حبيبِ ڪبريا، امام الانبياء صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن ماڻهن کي نماز پڙهائيندا هئا تہ ڪجهہ صحابہ عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان نماز ۾ ئي قيام جي حالت ۾ بُک جي سختيءَ جي ڪري ڪِري پوندا هئا، ۽ اهي اصحابِ صُفہ هوندا هئا. ايستائين جو اعرابي (ڳوٺاڻا) چوڻ لڳندا هئا، هي ماڻهو ديوانا آهن. جڏهن سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نماز مان فارغ ٿيندا هئا تہ انهن ڏانهن ڌيان ڏئي فرمائيندا هئا، جيڪڏهن توهان کي ڄاڻ ٿي وڃي تہ توهان جي لاءِ **اللہ تعالیٰ** وٽ ڇا (اجر ۽ ثواب) آهي تہ توهان ان ڳالهہ کي پسند ڪريو ها تہ توهان جي بُک ۽ حاجت منديءَ ۾ وڌيڪ اضافو ٿئي. (جامع ترمذي ج4 ص 162 رقم الحديث 2375)

فاقہ مستی کی دُھن ملے یاربّ
دل کا مُرجھایا گل کِھلے یاربّ

## ڪيترن ئي ڏينهن جو فاقو

صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ اولياءِ عظام رَحِمَهُمُ اللّٰہُ تَعَالٰی مان ڪيترائي، ڪافي ڏينهن تائين نہ ڪائيندا هئا جيئن **حجۃ الاسلام** امام محمد غزالي عَلَيْہِ رَحْمَۃُ اللہِ الْوَالِي فرمائن

تا، حضرتِ سيّدُنا صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ **ڇهن ڏينهن** تائين ڪجهه تناوُل نه فرمائيندا هئا، حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن زبير رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ **ستن ڏينهن** تائين نه کائيندا هئا، حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا جا شاگردِ رشيد حضرت ابو الجوزا رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ **ست ڏينهن** بکايل رهندا هئا، حضرتِ سيّدُنا ابراهيم بن ادهم ۽ حضرتِ سيّدُنا سفيان ثوري رَحِمَہُمَا اللّٰہُ تَعَالٰی هر **ٽن ڏينهن** کان پوءِ کاڌو تناوُل فرمائيندا هئا. هي سڀ حضرات **بُک** جي ذريعي آخرت جي رستي تي هلڻ ۾ مدد حاصل ڪندا هئا. (احياءُ العلوم ج3 ص 98)

فاقہ مستوں کا واسطہ مولیٰ بخش دے میری ہر خطا مولیٰ

## سچي سال جو فاقو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪيترن ئي ڏينهن تائين بُکايل رهڻ هر هڪ جي وس جي ڳالهه ناهي، اهو انهن حضرات جو حصو ۽ انهن جي **ڪرامت** هئي، حقيقت اها آهي ته انهن کي روحاني غذا حاصل هئي. الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان ڪجهه اولياءِ ڪرام رَحِمَہُمُ اللّٰہُ تَعَالٰی چاليهن چاليهن ڏينهن تائين نه کائيندا هئا بلڪ اسان جا غوثِ الاعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن ڪڏهن ڪڏهن ته **هڪ هڪ سال** بغير کائڻ پيئڻ جي گذاريو آهي. شهنشاهِ بغداد اسان جي غوثِ پاڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي الله عَزَّوَجَلَّ پاڻ کارائيندو ۽ پياريندو هيو. جيئن ته منهنجي آقا اعلیٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جو هڪ مبارڪ شعر آهي،

قسمیں دے دے کے کھلاتا ہے پلاتا ہے تجھے
پیارا اللہ ترا چاہنے والا تیرا (حدائق بخشش)

## بغير کائڻ پيئڻ جي ماڻهو ڪيترا ڏينهن زندهہ رهندو آهي؟

**ڏکهي** عرصي تائين نہ کائڻ پيئڻ جي باوجود جيئڻ ۾ زندگيءَ جي معمولات ۾ فرق نہ اچڻ جا مُعاملات ”خواص“ جا آهن، انهن کي روحاني غذائون ملنديون آهن. ”**عوام**“ هنن ڏکڻ فاقن (يعني بُکن) کي برداشت نہ ٿو ڪري سگهي، جيڪڏهن ڪو جذبات ۾ اچي فاقو (يعني بُک ڪاٽڻ) شروع ڪري بہ ڇڏي تہ ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ حوصلو هاري ويهندو ۾ پوءِ شايد بيهر همت بہ نہ ڪري سگهي. هڪ ڊاڪٽر جي تحقيق جي مطابق بغير ڪجهہ کائڻ جي **18** ڏينهن ۾ جيڪڏهن تمام گهڻو طاقتور هجي تہ وڌ کان وڌ **25** ڏينهن ۾ پڻ بغير پاڻي پيئڻ جي ٽي ڏينهن ۾ آڪسيجن کان سواءِ هڪ منٽ کان وٺي وڌ ۾ وڌ پنج منٽن تائين انسان زندهہ رهي سگهي ٿو.

## عوام ڪيترو کائي؟

**عام** ماڻهو جي لاءِ ايترو بہ ڪافي آهي جو هو جيڪڏهن گهٽي کائڻ جو عادي آهي تہ رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ حاصل ڪرڻ لاءِ ”**پيٽ جو قفلِ مدينہ**“ لڳائيندي هوريان هوريان گهٽ ڪندي ڪندي ٽيون حصو پيٽ پرجي وجي ايتري خوراڪ تي ڪفايت (يعني گذارو) ڪرڻ سکي وٺي. اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ بُک جون برڪتون بہ حاصل ٿينديون، ڪمزوري بہ نہ ٿيندي ۾ حيرت انگيز طور تي صحت بہ بهتر ٿي ويندي ۾ پڻ ڊاڪٽرن جي وڏين وڏين فِيُن ۾ دوائن جي خرچن مان بہ تقريبًا جان ڇٽي پوندي. يقين نہ ايندو هجي تہ تجربو ڪري ڏسو.

مری ڈٹ کے کھانے کی عادت مٹادے
مجھے متّقی تو بنا یا الٰہی عزوجل

## بيمار دل جون دوائون

حضرت سيدُنا عبدالله انطاڪي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا ته بيمار دل جون پنج دوائون آهن: ﴿1﴾ نيڪن جي صحبت ﴿2﴾ تلاوتِ قرآن پاڪ ﴿3﴾ گهٽ کائڻ ﴿4﴾ تهجد جي پابندي ﴿5﴾ رات جي آخري حصي ۾ روئڻ ۽ ٻاڏائڻ.

(المنبهات للعسقلاني باب الخماسي ص 60)

## هڪ هزار سال جيئڻ وارو پکي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! افسوس صد ڪروڙ افسوس! ڪجهه ماڻهو ايڏو گهڻو کائيندا آهن جو پيٽ ته الامان الامان پڪاريندو آهي ۽ هٿو هٿ سُستي اچي ويندي آهي. هلڻ ته هڪ طرف رهيو سندن اٿڻ به مشڪل ٿي پوندو آهي. هتي شايد ڳِجهه پکيءَ جو مثال ڏئي سگهجي ٿو جو ڳِجهه جڏهن ڪنهن مردار کي کائڻ جي لاءِ لهندو آهي ته ان جي هيبت کان ٻيو ڪو پکي ويجهو به ناهي ڦڙڪندو پر ايترو گهڻو کائيندو آهي جو ان جي لاءِ اڏامڻ مشڪل ٿي ويندو آهي ايتري تائين جو جيڪڏهن انهيءَ حالت ۾ ان کي ڪو ڪمزور شخص (ٻلڪ ٻار) به پڪڙڻ چاهي ته پڪڙي سگهي ٿو! ڏٺو توهان! **پيٽ جو قفلِ مدينه** نه لڳائڻ يعني تمام گهڻو کائي ڇڏڻ مردار خور ڳجهه جي صفت آهي. **ڳجهه هڪ هزار سال تائين زنده رهندو آهي**. بدبوءِ ان کي پسند آهي، خوشبوء کان سخت نفرت ڪندو آهي جيڪڏهن سنگهي وٺي ته مري ويندو آهي. حضرتِ سيدُنا امام حسن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جو ارشاد

آهي ڳجهہ جڏهن ڳالهائيندو آهي تہ چوندو آهي، ” اي انسان! جيترو چاهين زندهہ رهي وٺ آخر هڪ ڏينهن موت اچي رهندو.“

(حياة الحيوان الكبرىٰ ج2 ص474)

موت آ کر ہی رہے گی یاد رکھ　　جان جا کر ہی رہے گی یاد رکھ

قبر میں میّت اُترنی ہے ضَرور

جیسی کرنی ویسی بھرنی ہے ضَرور

**دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو **فڪرِمدينہ** جي ذريعي **مدني انعامات** جو ڪارڊ پري هر مدني مهيني جي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اِن شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪرمند رهڻ جو ذهن بڻجندو.

## مچراٺ کي قتل ڪري ڇڏيندو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! لذت جو حرص موت جو ڪارڻ ٿيندو آهي، **مڇر** انساني رت جو حريص ٿيندو آهي، هي رت جي رڳ جي مٿين چمڙيءَ تي جيڪا نسبتًا نرم ٿيندي آهي. ان تي ويهي پنهنجي ڪوڪلي سُونڊ وجهي ڪري رت چوسڻ ۾ مشغول ٿي ويندو آهي ڪڏهن تہ ايترو گهڻو پي وٺندو آهي جو اڏرڻ کان لاچار ٿي ويندو آهي يا ان جو پيٽ ئي ڦاٽي پوندو آهي ۽ مري ويندو آهي! **مڇر** ۾ الله عَزَّوَجَلَّ هيءَ قوت رکي آهي جو ڪڏهن ڪڏهن اُٺ کي قتل ڪري ڇڏيندو آهي، بلڪ هر چوپائي کي قتل ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. **مڇر** جي ڏنگ سان مري ويل جانورن کي جيڪو بہ درندو يا

پکي ڪائيندو آهي، اهو بہ تُرت مري ويندو آهي. پُراڻي زماني ۾ عراق جي بادشاهن وٽ **موت جي سزا** جو انتهائي درد ناڪ طريقو هيو ۽ اهو هي تہ ڏوهاريءَ کي اگهاڙو ٻَڌي **مڇرن** جي نالين وٽ رکي ڇڏيندا هئا ۽ اهو مڇرن جي هرهر ڏنگڻ جي ڪري ڦٿڪي ڦٿڪي آخرڪار مري ويندو هو. (نمرود کي بہ مڇر ئي ماريو هو) **(حياة الحيوان الكبرىٰ ج اول ص 184)**

**ٿلهو مڇر مدينا**

**حضرتِ** سيِّدُنا ربيع بن انس رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، ”مڇر جيستائين بُکيو رهي ٿو تہ جيئرو رهي ٿو ۽ جڏهن ڪائي پئي ٿو ڪري تہ ٿلهو ٿي وڃي ٿو ۽ جڏهن ٿلهو ٿي وڃي ٿو تہ مري وڃي ٿو. اهو ئي حال ماڻهوءَ جو آهي جو جڏهن هُو دنيا جي نعمتن کان مالا مال ٿيندو آهي تہ ان جي دل مرده ٿي ويندي آهي.“ **(تنبيه المغترين ص 54)**

**مٺا مٺا** اسلامي ڀائرو! مڇر تہ **ٿلهو** ٿيندي ئي موت جي منهن ۾ هليو ويندو آهي ۽ خاڪ ۾ ملي ويندو آهي پر افسوس! انسان جڏهن **مٽارو** ٿي ويندو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن قسمين قسمين آفتن کان دنيا ۾ ئي پريشان ٿيندو آهي ۽ مختلف قسمن جي گناهن ۾ پئجي **اللّٰه** ۽ **رسول** عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضگيءَ جي صورت ۾ سڪرات ۽ قبر ۽ حشر جي سختين ۽ جهنّم جي درد ناڪ عذابن ۾ گرفتار ٿي ويندو آهي. جيئن تہ

**مَٽاري بدن جون آفتون مدينا**

**حضرت** سيِّدُنا يحيىٰ مُعاذ رازي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، جيڪو پيٽ پري ڪائڻ جو عادي ٿي ويندو آهي ان جي بدن تي گوشت وڌي ويندو آهي ۽ جنهن

جي بدن تي گوشت وڌي وڃي ٿو، اهو **شهوت** (خواهش) پرست ٿي ويندو آهي ۽ جيڪو شهوت (خواهش) پرست ٿي ويندو آهي ان جا **گناهہ** وڌي ويندا آهن ۽ جنهن جا گناهہ وڌي ويندا آهن ان جي دل سخت ٿي ويندي آهي ۽ جنهن جي دل سخت ٿي ويندي آهي اهو **دنيا** جي آفتن ۽ رنگينين ۾ غرق ٿي ويندو. (**المنبهات للعسقلاني باب الخماسي** 59)

کھانے کی حِرص سے تُو یاربّ نَجات دیدے
اچّھا بنا دے مجھ کو اچّھی صِفات دیدے

## پيٽو تي گناهن جي يرمار

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله** عَزَّوَجَلَّ جو قسم ڳٽتي سخت ڳٽتيءَ جي ڳالهہ آهي جو پيٽ ڀري کائڻ گناهن ۾ انسان کي غرق ڪري ٿو ڇڏي. جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا امام غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَالِي ارشاد فرمائن ٿا گهڻو کائڻ سان عضون ۾ فتنو پيدا ٿئي ٿو ۽ فساد پيدا ڪرڻ ۽ اَڻنگو ڪم ڪرڻ جي دلچسپي پيدا ٿيندي آهي، ڇو تہ جڏهن انسان خوب پيٽ ڀري کائيندو آهي تہ ان جي جسم ۾ تڪبر ۽ اکين ۾ **بدنگاهي** جي خواهش پيدا ٿيندي آهي ڪَنَ بُريون ڳالهيون ٻُڌڻ جا مشتاق رهندا آهن، زبان **فحش گوئي** تي آماده ٿيندي آهي، شرمگاهہ شهوت رانيءَ جي تقاضا ڪندي آهي. پير ناجائز جڳهن جي طرف هلڻ جي لاءِ بيقرار ٿيندا آهن. ان جي ابتڙ جيڪڏهن انسان بُکيو هجي تہ بدن جا سيئي عضوا پُرسڪون رهندا ۽ نہ ئي ڪنهن بُرائيءَ جي لالچ ڪندا ۽ نہ ئي بُرائي کي ڏسي ڪري خوش ٿيندا. **حضرت** استاد ابو جعفر عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡاَكۡبَر جو ارشادِ گرامي آهي، ”پيٽ جيڪڏهن

ٻُڪيو هجي تہ جسم جا باقي عضوا سير يعني پُرسُڪون هوندا آهن، ڪنهن شيءِ جو مطالبو ناهن ڪندا ۽ جيڪڏهن پيٽ پريل هجي تہ بيا عضوا ٻُڪيا رهڻ جي سبب مختلف بُراين ڏانهن رجوع ڪندا آهن. (منهاج العابدين ص 92)

## هلڪي بدن جي فضيلت

**حضرت** سيِّدُنا عبدالله ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا کان روايت آهي، نبيِّ ڪريم، رؤف رَّحيم عَلَیْہِ اَفْضَلُ الصَّلٰوۃِ وَالتَّسْلِیْم ارشاد فرمايو،”الله عَزَّوَجَلَّ کي توهان مان سڀ کان وڌيڪ اهو ٻانهو پسند آهي جيڪو گهٽ کائڻ وارو خفيف (يعني هلڪي) بدن وارو آهي. (الجامع الصغير ص 20 رقم الحديث 221)

## مرد ۽ عورت جو وزن ڪيترو هئڻ گهرجي

**گهٽ** کائڻ جي هڪ آفت جسم جو وزن وڌي وڃڻ ۽ ٻاهر پيٽ نڪري اچڻ بہ آهي ۽ اڄ وڏو تعداد هن مرض ۾ مبتلا آهي. وزن جو مقدار پنهنجي پنهنجي قد جي لحاظ سان هوندو آهي. وچولي قد (ساڍا پنج فٽ يعني 66 انچ) واري مرد جو وزن 150 پاؤنڊ (يعني 68 ڪلوگرام) ۽ وچولي عورت (سوا پنج فٽ يعني 63 انچ) جو 130 پاؤنڊ (يعني 59 ڪلوگرام) کان هرگز وڌڻ نہ گهرجي. پنهنجو قد ماپي ڏنل اندازي موجب جيڪو بہ چاهي پنهنجي وزن جو حساب لڳائي سگهي ٿو.

## سيدنا يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جو وزن

**جيڪو** جيڏو ڊگهي قد جو هجي ان حساب سان ان جو وزن بہ وڌيڪ هئڻ ضروري آهي، پهريان جي دؤر ۾ قد تمام وڏو هوندو هيو انهيءَ حساب سان وزن بہ وڌيڪ هوندو هيو. جيئن تہ مفسرِ شهير

مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡمَنَّان فرمائن ٿا، عزيزِ مصر، مصر جي بازار ۾ حضرتِ سيّدُنا يوسف عَلٰی نَبِيِّنَاوَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُوَالسَّلَام کي هن ريت خريد ڪيو جو پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام جي وزن جي برابر سون، اوتري ئي چاندي، اوترو ئي تتاري مُشڪ، اوترا ئي موتي ۽ اوترو ئي ريشمي ڪپڙو ڏنو هو. ان وقت پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام جو وزن چار سؤ رطل (هڪ رطل اڌ سير جي برابر ٿيندو آهي ان حساب سان) **پنج مڻ** هيو ۽ عمر شريف **ٻارهن سال** هئي. (نورالعرفان ص 378) پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام سهڻي بيهڪ وارا ۽ انتهائي حسين هئا ۽ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي وزن موجب يقينًا قد آور به هئا.

## ٿلهو ٿيڻ جا سبب

**ياد رهي!** جيڪو ويچارو هن مرض ۾ مبتلا هجي ان تي کِلڻ، ٽوڪ ڪرڻ يا بنا شرعي اجازت جي ڪهڙي طرح به دل آزاريءَ جو ذريعو بڻجڻ حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. گڏوگڏ هي ضروري به ناهي ته رُڳو کائڻ پيئڻ جي ڪثرت جي سبب پيٽ نڪتل هجي. ڪيترائي گهٽ کائڻ وارا به ڏُبرا هوندا آهن! بهرحال ويهي دير تائين لکڻ پڙهڻ يا دفتري ڪم ڪار ڪرڻ ۽ پيادل هلڻ بدران رُڳو اسڪوٽر ڪار وغيره ۾ سفر ڪرڻ، پلٿي هڻي کائڻ، ميز ڪرسي تي پير لٽڪائي کائڻ، گهڻو گرم کائڻ، بدن جو وزن اڪثر کاٻي طرف رکڻ مثلاً ويني يا کاڌو کائيندي کاٻو هٿ زمين تي رکڻ، پِٺ وغيره تي کاٻي طرف سهارو وٺڻ جي عادت وغيره سان به پيٽ ۽ وزن وڌي سگهن ٿا. جيڪو **پيٽ جو قفل مدينه** نہ ٿو لڳائي يعني خوب پيٽ ڀري کائيندو آهي، پزّا (PIZZA) پَراٺا ۽ هر قسم جون مُرغن (يعني

تيل، گيھہ سان پريل) غذائون هڙپ ڪري وڃي ٿو. آئسڪريم ۽ ٿڌا مشروبات بہ پيٽ ۾ وڃھندو رهي ٿو ۽ ان جو وزن بہ وڌيڪ ۽ پيٽ بہ نڪتل آهي تہ ان کي سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ مون پاڻ ئي پنھنجو وزن وڌائي ڇڏيو آهي. ماڻهو شايد ٿڌين بوتلن کي بہ نقصانڪار نہ سمجھندا هوندا جڏهن تہ 250 ملي ليٽر جي هڪ **ٿڌي بوتل ۾ تقريبًا ست چمچا کنڊ هوندي آهي** ۽ آئسڪريم چڱو ڀلو "**شوگر بم**" آهي، وزندار ماڻهوءَ کي تہ **ٿڌي بوتل ۽ آئسڪريم** ڏانهن ڏسڻ بہ نہ گهرجي جو هي ان جي حق ۾ مٺو زهر آهي! خاص طور تي ٽي شيون بدن جو وزن وڌائينديون آهن.**(1)** ميدو**(2)** سٽيءَ **(3)** مٺاڻ. اسان جي تقريبًا هر غذا ۾ اهي ٽئي شيون موجود هونديون آهن. هڪ حد تائين انساني جسم جي لاءِ هنن جو هجڻ بہ ضروري آهي. جنهن جي رت ۾ شوگر وڌي وڃي اهو بہ مريض ۽ جنهن جي رت ۾ شوگر ضرورت کان گهٽ ٿي وڃي اهو بہ مريض ٿي ويندو آهي تہ جيڪو پيٽ ڀري کائڻ وارو هوندو ان جي پيٽ ۾ هنن ٽنهي شين جا جُزا ضرورت کان وڌيڪ مقدار ۾ ٿي ويندا ۽ ٿي سگهي ٿو ائين بدن جو وزن بہ وڌندو وڃي ۽ انهيءَ سبب کان ڪيترين ئي بيماريون بہ ٿينديون رهن. ڪجهہ ماڻهن جي قدرتي طور تي بناوت اهڙيءَ طرح ٿيندي آهي جو اهي ڪيترو بہ کائن تہ بدن ناهي وڌندو، سنهڙا ئي رهندا آهن، ان جو مطلب هرگز اهو ناهي تہ کين وڌيڪ کائڻ نقصان نہ ڪندو. انهن کي بہ گهٽي کائڻ سان پيٽ جي خرابي ۽ دل جي بيماري وغيره جي شڪايت ٿي سگهي ٿي. دل جي مرضن

جو تعلق جيتوٽيڪ گهٽي ڪائڻ سان آهي پر فڪر ۽ پريشاني (TENSION) جي ڪري بہ دل جو دؤرو پئجي سگهي ٿو ۽ انسان جو هارٽ فيل ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن **جوانيءَ** ۾ ئي ميدو، سٽپ ۽ مناڻ وارين شين جو استعمال گهٽ ڪيو وڃي تہ زندهہ رهڻ جي صورت ۾ **پوڙهائپ** ۾ سهولت ٿي سگهي ٿي.

## جواني جي تعريف

**لُغتن** جي ڪتابن مطابق (بالغ ڪان وٺي) 30 يا 40 سالن تائين ماڻهو **جوان** رهندو آهي. 30 يا 50 سال جواني ۽ پوڙهائپ جو وچون وقفو يعني **اڌڙوٽ** ۽ ان ڪان پوءِ **پوڙهائپ** اچي ويندي آهي بهتر تہ اهو ئي آهي تہ هڪ ڏينهن جي بار جي غذا ۾ بہ احتياط ڪجي ۽ پڻ بالغ ٿيندي ئي پرهيزيءَ ڏانهن توجهہ وڌائي وڃي. جيڪڏهن 30 سال جو ٿي وڃڻ جي باوجود جيڪو هٿ ۾ آيو اهو ڪائيندو رهيو تہ ان جو نقصان پاڻ ئي ڏسڻ شروع ڪري ڇڏيندو. پوءِ جيئن جيئن عمر وڌندي ويندي بيماريون پاڙ پڪڙڻ شروع ڪنديون. جيڪڏهن ڪو 50 سالن جو ٿي وڃي پوءِ بہ هر شيءِ ڪائي تہ اهو اهڙو آهي جڻ اردو چوٽي جيان چئي رهيو هجي تہ، ”آبيل مجھے مار.“ اهڙن جو شوگر، ڪوليسٽرول وغيره ڪان بچڻ تمام مشڪل هوندو آهي. **30** سالن جي عمر ڪان پوءِ عام طور تي رت ۾ مرضَ پيدا ٿيڻ شروع ٿي ويندا آهن، تنهن ڪري هر ڇهن مهينن ڪان پوءِ مختلف ٽيسٽون ڪرائيندو رهڻ مفيد آهي ۽ جيڪڏهن ڪو مرض نڪري اچي تہ علاج سان گڏوگڏ هر ڏيڍ مهيني ڪانپوءِ ان جي ٽيسٽ ٿيڻ گهرجي. اهو سوچي ٽيسٽ نہ ڪرائڻ تمام

وڏي ڀُل آهي جو ڪجهه نڪتو تہ ٽينشن ٽيندو. هي ذهن ۾ رکو تہ مرض جي طرف کان لاپرواهي ڪرڻ مرض جو علاج ناهي. هي لاپرواهي اڳتي هلي نقصان جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿي. باقي ويچارن هن عمر جي ڪيترن ئي ماڻهن جو ڏينهون ڏينهن هارٽ فيل ٿي رهيو آهي. لقوو ۽ فالج (يعني اڌ رنگ) جون شڪايتون بہ عام آهن. الله عَزَّوَجَلَّ اسان سڀني جي حفاظت فرمائي ۽ اسان کي آزمائش کان بچائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**پزا (PIZZA) جا نقصان**

پزا ۽ تيل ۾ گيهه وارا پيا بازاري کاڌا (FASTFOOD) تيزيءَ سان تلهائپ آڻيندا آهن، هي صحت جي لاءِ انتهائي نقصانڪار آهن، بازاري کاڌن ۾ عام طور تي سَستيون ۽ ڪيترن ئي ڏينهن جون پاروٿيون شيون بہ استعمال ڪيون وينديون آهن. خاص طور تي گرميءَ جي موسم ۾ پڪل پاروٿين شين کي جلد سينوَر يعني ڇارو (FUNGUS) نالي جراثيم جو تهہ جمي ويندو آهي. جنهن ڪري فوڊ پوائزن جو شڪار ٿي بيمار يا موت سان منهن ڏيڻ جو انديشو رهندو آهي. **عرب امارات** جتي هوٽلن جي کاڌن جو ڪافي اعليٰ معيار مڃيو ويندو آهي، اتان جي انگلش اخبار "خليج ٽائمز" جي 4 آگسٽ 2004 جي شماري ۾ هڪ تنقيدي مضمون شايع ٿيو جنهن ۾ متحده عرب امارات جي گاديءَ واري هنڌ **ابوظهبي** جي هوٽلن جي فاسٽ فوڊ يعني تيل گيهه واري تيار ٿيل کاڌن ۾ بالخصوص پِزا (PIZZA) جي ڪافي نِندا ڪئي

ويئي. اخباري بيان (جو خلاصو آهي) ابوظهبي جي اڪثر اسپتال ۽ دواخانن ۾ هفتي ۾ ٽي يا چار مريض اهڙا ايندا آهن جن کي پڙا وغيره کائڻ جي سبب کان فوڊ پوائزن هوندو آهي! ان جي مرضن ۾ **النيون، دست، بد هاضمو، ڪمزوري ۽ جسم ۾ سُستي** وغيره شامل آهن. هڪ ڊاڪٽر جو چوڻ آهي، گذريل هفتي مون وٽ ٽي مريض آيا تنهي پِزا کاڌا هئا، هنن مان هڪ مريض ٻن ڏينهن تائين داخل رهيو. هن مضمون ۾ ٻين ڊاڪٽرن جا بيان بہ شامل هئا، سيني جي راءِ جو خلاصو اهو سامهون آيو تہ **بازاري غذائون ۽ پِزا وغيره کائڻ بيماريءَ کي هٿوهٿ سيني لائڻ آهي.**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** پِزا فاسٽ فوڊ ۽ مُرغن (روغنيات واريون) غذائون کائڻ سان رت ۾ ڪوليسٽرول جو مقدار وڌندو آهي، ڪوليسٽرول جا اثرات شريانين (يعني رت جي ننڍين ننڍين رڳن) کي سخت ۽ سوڙهو بہ ڪندا آهن، جن سان سِڌو سنئون دل کي نقصان پهچڻ جو هر وقت امڪان رهندو آهي. جيڪڏهن مريض کي ان سان گڏ شوگر بہ هجي ۽ اهو سگريٽ جو بہ عادي هجي تہ **STROKE** يعني چڪرائجي ڪِري پوڻ يا هارٽ اٽيڪ جو خطرو ويتر وڌي ويندو آهي. جسماني صحت جي لاءِ سادي ۽ تازي خوراڪ ۽ وزن جو تناسب صحيح رکڻ تمام ضروري آهي جو ان سان تلهائپ ۽ غير ضروري ڪوليسٽرول کي روڪڻ ۾ مدد ملندي آهي.

## هڪ پڙا خور جي حڪايت

**هڪ** اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ آءُ سنهڙو ۽ ڪمزور هيس، **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول جون برڪتون حاصل ٿيڻ کان اڳ ماڊرن

دوستن جي صحبت ۾ هئس، اسان جي فرينڊ سرڪل ۾ ” ڪائڻ“ جا مقابلا ٿيندا هئا ۽ آءُ اڪثر گهٽي مقدار ۾ ڪائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو هيس پر بدن پوءِ بہ سنهو ئي هيو. آخرڪار ڪنهن **پزّا** ۽ **پيپسي ڪولا** جي عادت وجهي ڇڏي. مون پهريون پيرو پزا ڪاڌو ان وقت شايد منهنجو وزن 60 ڪان 62 ڪلو گرام هيو. شروعات ۾ مهيني ٻن مهينن ۾ هڪ پيرو ڪائيندو هيس پوءِ چسڪو وڌيو تہ هفتي ۾ هڪ پيرو ڪڏهن بہ پيرا ڪائيندو هيس، ان سان گڏ پيپسي (يا ڪابہ ڪولا ڊرنڪ يعني ڪاري بوتل جيئن ڪوڪا ڪولا وغيره) ۽ مايونيز (MAYONNAISE) (هڪ قسم جي مخصوص سٽپ) واري سلاد جو مزو وٺندو هيس، آهستي آهستي منهنجو وزن وڌڻ شروع ٿيو، آءُ خوش فهمي ۾ هئس تہ ”واهہ! پنهنجي تہ جان نهي رهي آهي!“ مون ڪي ڪهڙي خبر هئي تہ جان نهڻ بدران برباد ٿي رهي آهي! “ مون ڪي ڪهڙي خبر هئي تہ هن بازاري **پزّا** رت ۾ ڪوليسترول CHOLESTEROL پيدا ڪري هوريان هوريان منهنجي دل ڪي نقصان پهچائڻ شروع ڪيو آهي! آهہ! 60 ڪلو گرام ڪان وڌي منهنجو وزن 95 ڪلو گرام ٿي ويو! مان ٿلهو ٿي ويس ۽ منهنجو پيٽ ڦوڪجي دهل بڻجي ويو، رت ۾ ڪوليسترول وڌي ويو ۽ ڪجهہ مرض دائمي طورتي ڳچيءَ ۾ پئجي ويا. اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ خوش قسمتيءَ سان **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** جي برڪت سان **پيٽ جي قفلِ مدينه** جا فضائل ٻُڌي منهنجو ذهن نهيو ۽ مون گهٽ ڪائڻ شروع ڪيو. اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ (بيان ڏيڻ تائين) منهنجو 5 ڪلو

گرام وزن گھٽ ٿي ويو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آءُ پنهنجي اندر چُستي ۽ هلڪائپ محسوس ڪري رهيو آهيان. مون ڪي سفر وڏيڪ ڪرڻا هوندا آهن. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هاڻي ان ۾ بہ ڪافي آساني ٿي ويئي آهي. جيئن تہ پيٽ جو قفلِ مدينه معدي کي حيرت انگيز طور تي درست ڪري قبض وغيره کي پاڙان پٽي ڇڏيندو آهي تنهن ڪري سڀ کان عظيم فائدو هي ٿيو آهي جو هر وقت باوضو رهڻ واري ”**مدني انعام**“ تي عمل ٿيڻ شروع ٿي چُڪو آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ گهر ۾ جَوَ شريف جي ماني پَچائڻ جي ترڪيب بڻجي ويئي آهي. دعا ڪريو تہ مون کي استقامت ملي وڃي ۽ هر مسلمان کي پيٽ جي قفلِ مدينه جي معرفت نصيب ٿي وڃي. ها پِزّا وغيره جي باري ۾ منهنجا هي جذبات آهن تہ ” کنهن کي پِزّا، پيپسي ڪولا ۽ ڪوڪا ڪولا وغيره ڊرنڪس جي عادت وجهڻ دوستيءَ جي آڙ ۾ دشمني آهي.“

## ٿلهائپ کان بچڻ جي تدبير

رضاءِ رب ذوالجلال عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ **پيٽ جو قفلِ مدينه** لڳائيندي ڪاڏو گهٽ ڪائڻ جي عادت وجهڻ سان گڏوگڏ وزن ۾ ڪيترين ئي بيمارين کان حفاظت ٿي سگهي ٿي. اسپتال جي بستري تي وڃي ڊاڪٽرن جي مشوري تي پرهيز ڪرڻ جي بدران ڪيڏو نہ سٺو ٿيندو جو طبيبن جي طبيب، الله عَزَّوَجَلَّ جي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن حڪم جي روشنيءَ ۾ اسين هينئر کان ئي پرهيز شروع ڪري ڇڏيون. جيئن تہ پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ صحت نشان آهي، ” ماڻهو پنهنجي پيٽ کان وڏيڪ بُرو ٿانءُ ناهي پريندو، انسان جي لاءِ ڪجهہ گرهہ ڪافي آهن جيڪي ان جي پُٺيءَ کي سڌو رکن،

جيڪڏهن ائين نہ ڪري سگهي تہ (پيٽ جو) ٽيون حصو **(1/3)** کاڌي جي لاءِ ۽ ٽيون حصو **(1/3)** پاڻي جي لاءِ ۽ ٽيون حصو ساهہ جي لاءِ هجي.“ (ابنِ ماجہ ج 4 ص 48، رقم الحديث 3349)

## پھريان رت ٽيسٽ ڪرايو

**جن** جو وزن وڌيڪ آهي انهن جي خدمت ۾ مشوري طور عرض آهي تہ ڪنهن ليبارٽري ۾ وڃي امراضِ قلب (دل جي مرضن) جي متعلق رت جون چار ٽيسٽون جن جي مجموعي ڪي ”لپڊ پروفائيل“ **(LIPID PROFILE)** چئبو آهي، اهي ڪرايو. ان ۾ **ڪوليسٽرول** جي ٽيسٽ بہ شامل آهي، **14** ڪلاڪ خالي پيٽ هجي تہ ڪوليسٽرول جي ٽيسٽ جو نتيجو وڌيڪ صحيح ايندو آهي. **شوگر** بہ ٽيسٽ ڪرايو. زهي نصيب! رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ روزو رکي سج لهڻ کان پهريان هي سڀ ٽيسٽون ڪرايون وڃن. پوءِ پنهنجي ڊاڪٽر جي هدايت جي مطابق پنهنجو وزن گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. هر صحتمند کي بہ هر ڇهن مهينن کان پوءِ اهي ٽيسٽون ڪرائيندو رهڻ فائديمند آهي تہ جيئن بيماري پاڙ پڪڙي ان کان پهريان ئي بچاءُ جي ترڪيب ڪري سگهجي.

## ٿلهائپ جو علاج

**وزن** گهٽ ڪرڻ جي لاءِ **سبزيون** (پٽاٽا، وغيره بادي شين کان علاوه) بهترين نعمت آهن. پر رُڳو پاڻيءَ ۾ اوٻاريل هجن يا هڪ فرد جي لاءِ رُڳو چانهہ وارو هڪ چمچو ”زيت“ يعني **زيتون شريف** جو تيل وجهي پچايون ويون هجن. مرچ مصالحو ۽ هيڊ وجهڻ ۾ حرج ناهي. روزانو هڪ گرام

(يعني چپٽي جيتري) **هيڊ** سيني جي پيٽ ۾ وجڻ گهرجي اِن شاءَاللهعَزَّوَجَلَّ **ڪينسر** کان حفاظت ٿيندي. هر وقت جي کاڌي ۾ ڄاڻايل طريقي موجب تيار ٿيل سبزيءَ جي گهٽ ۾ گهٽ هڪ پوري پليٽ کائي ڇڏيو. جيڪڏهن ماني ۽ چانور وغيره کائڻ ضروري هجن تہ رُڃو اڌ چپاتي (ڦلڪو)، پاٽي ۾ اوٻاريل چانور رُڃو اڌ ڪوپ، ننڍڙي هڪ ٻوٽي، انب کائڻ ضروري هجي تہ سڄي ڏينهن ۾ رُڃو اڌ انب، چانهہ پيئڻ چاهيو تہ ”اسڪيمڊ ملڪ“ جي ڦڪي ئي پي ڇڏيو جيڪڏهن نہ پي سگهو تہ ڊاڪٽر جي مشوري سان چانهہ جي ڪوپ ۾ **CANDEREL** جي هڪ ٽڪي وجهي ڇڏيندا ڪريو. جيڪڏهن شوگر جو مرض نہ هجي تہ کنڊ جي بدران ماکي وجهي ڇڏيندا ڪريو. سلاد، ونگي، ڪيرو( يعني بادرنگ) وغيره بہ ڪثرت سان استعمال ڪريو. هر قسم جي کاڌي ۽ ڀاڄيءَ وغيره ۾ زيتون شريف جو تيل بهترين رهندو نہ تہ ڪارن آئل **CORN OIL** اهو بہ گهٽ ۾ گهٽ مقدار ۾ استعمال ڪريو، کائڻ کان پهريان ڀاڄيءَ جي پيالي جي مٿان چمچي جي ذريعي گيهہ يا تيل اهڙيءَ طرح سان ڪڍي ڇڏيو جو هڪ قطرو بہ نظر نہ اچي. ها بنا شرعي اجازت جي هي تيل اڇلائي ڇڏڻ **اسراف** ۽ گناهہ آهي بيهر پچائڻ جي لاءِ استعمال فرمايو. چانور، ڳئون ۽ ٻڪريءَ جو گوشت، گيهہ، مکڻ، انڊي جي زردي، ڪيڪ پيسٽريون، ڪوڪو چاڪليٽ ۽ ٽافيون، نمڪو وارن جون ترِيل شيون **CREAM** لڳل يا منيون غذائون، مڻايون، آئسڪريم، ٿڌا شربت، پڪوڙا، ڪباب، سموسا وغيره هر اها شيءِ جنهن ۾ **ميدو** ، **سٽيپ** يا

**مٺاڻ** شامل هجي ان کان بچندا رهو. اِن شآءاللّٰهعَزَّوَجَلَّ وزن ۾ گهٽتائي اينديءَ ۽ اوهان اِن شآءاللّٰهعَزَّوَجَلَّ خوش بدن (SMART) ٿي ويندؤ. ڊاڪٽرن وٽ ڪاڏي جو ” چارٽ “ ملندو آهي ان جي ذريعي بہ وزن جو تناسب برقرار رکي سگهجي ٿو. پنهنجي ڊاڪٽر سان مشورو ڪري وزن گهٽ ڪرڻ وڏيڪ مناسب آهي. جيترو ٿي سگهي هڪ ئي ڊاڪٽر کان علاج جو سلسلو رکڻ گهرجي. ان سان اهو فائدو ٿيندو تہ اهو ڊاڪٽر اوهان جي جسماني ڪيفيت کان واقف ٿي ويندو. اهڙيءَ طرح علاج بهتر طريقي تي ٿي سگهندو. ٻي صورت ۾ ڊاڪٽر بدلائيندا رهندؤ تہ هر نئون ڊاڪٽر نئين طريقي سان علاج شروع ڪندو ۽ اوهان تي هر هڪ تجربو ڪندو رهندو.

## قبض جا چار علاج

**قوت القلوب** ج 2 ص 365 تي نقل آهي تہ ” **ڇهن** ڪلاڪن کان اڳ جيڪڏهن ڪاڌو نڪري وڃي تڏهن بہ **معدو** بيمار ۽ جيڪڏهن24 ڪلاڪن کان وڏيڪ وقت تائين خارج نہ ٿئي تڏهن بہ سمجهي وڃو تہ **معدو** بيمار آهي. **جوڙن** (سنڌن) **جو سور** پيٽ جي هوا روڪڻ جو نتيجو آهي. جهڙيءَ طرح نهر جو هلندڙ پاڻي جيڪڏهن روڪيو وڃي تہ نهر جي ڪنارن کي نقصان ٿيندو ۽ ڪنارا ٽُٽي پاڻي وهڻ لڳندو آهي. اهڙيءَ طرح **پيشاب** روڪڻ سان جسم کي نقصان ٿيندو آهي.“ پنهنجو هاضمو درست رکو، نہ تہ ٽلهائپ جو علاج ڏکيو آهي، **سبزيون** ۽ **ميون** جو استعمال ڪريو. جيڪڏهن قبض رهندو هجي تہ ﴿1﴾ چار، پنج عدد ٻج سميت **پَڪل زيتون** (امرود) يا ﴿2﴾ مناسب مقدار ۾ **پپيتو** کائي ڇڏيو

اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ **پيٽ** صاف ٿي ويندو. ﴿3﴾ هر چوٿين ڏينهن چار **چمچا** اسپغول جو ڇلڪو (يعني ڏُهي) يا هڪ چمچو ڪا بہ هاضميدار سفوف (يعني ڦڪي) پاڻيءَ سان پي ڇڏيو. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ **پيٽ جي صفائي** ٿيندي رهندي. روز روز جيڪڏهن اسپغول يا هاضمي جي ڦڪي استعمال ڪئي وڃي تہ گهٽو ڪري بي اثر ٿي ويندي آهي ﴿4﴾ جيڪڏهن اوهان جو **ڊاڪٽر اجازت ڏئي** تہ هر ٻن يا ٽن مهينن کانپوءِ پنجن ڏينهن تائين صبح ۽ شام هڪ ٽِڪي گراميڪس **400** ملي گرام **GRAMEX 400 m.g.** **(Metronidazole)** استعمال ڪريو. ان کي قبض، بدهاضمي وغيره مرضن ۾ پيٽ جي اصلاح جي لاءِ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ بهترين دوا ڏسندؤ. پر جڏهن بہ هي ٽِڪيون وٺڻ شروع ڪريو تہ مسلسل پنج ڏينهن پورا ڪرڻ ضروري آهي. خالي پيٽ ۾ بہ استعمال ڪري سگهو ٿا. هاضمي جي خرابيءَ جو سڀ کان بهترين علاج **پيٽ جو قفلِ مدينه** آهي.

## بي وقتو ننڊ اچڻ جو علاج

**هڪ** گلاس پاڻي (ٿورو گرم هجي تہ وڌيڪ بهتر) ۾ هڪ چمچو ماکي ملائي نيراني (يعني صبح جو ڪجهہ کائڻ کان اڳ) ۽ روزو هجي تہ افطار جي وقت بنا وقفي جي هميشہ استعمال ڪريو. ٿلهائپ ۽ سيني بيمارين خاص ڪري پيٽ جي بيمارين کان اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ **حفاظت** ٿيندي. بهتر اهو آهي تہ ان ۾ هڪ سڄو يا اڌ ليمو بہ نِپوڙي ڇڏيو تہ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ فائدا وڌي ويندا. جيڪڏهن **مطالعو** ڪندي ڪندي يا اجتماع وغيره ۾ ويني ويني بي وقت ننڊ ايندي هوندي تہ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان کان بہ ڇوٽڪارو ملي ويندو.

## ٿلهائپ جو سڀ کان بهترين علاج

سڀ کان بهترين علاج الله عَزَّوَجَلَّ جي حبيب، حبيبِ لبيب، طبيبن جي طبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو تجويز فرمايل آهي، ”بُک جا ٽي حصا کيا وڃن هڪ حصو غذا، هڪ حصو پاڻي ۽ هڪ حصو هوا“. جيڪڏهن ڪائڻ ۾ **اهو طريقو** اختيار ڪيو وڃي تہ اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ نہ ڪڏهن بدن ٿلهو ٿيندو نہ ڪڏهن گيس، بادي، پيٽ ۾ گڙٻڙ، قبض وغيره جو عارضو. پر هاءِ! لذت خور نفس جون بهاني بازيون.

آئينِ نَو سے ڈرنا طرزِ کُہَن پہ اڑنا
منزِل یہی کٹھن ہے قوموں کی زندگی میں

## گهٽو کائڻ سان ٿيڻ وارا مرض

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پيٽ جو قفلِ مدينہ لڳائڻ جي بدران گهٽي کائڻ سان پيٽ خراب ٿيندو آهي، گهٽو ڪري قبضي بہ ٿيندي آهي ۽ چوٽي آهي، اَلْقَبْضُ اُمُّ الْاَمْرَاض يعني ”قبضي بيمارين جي ماءُ آهي“. طبيبن جي قول موجب 80 سيڪڙو بيماريون پيٽ جي خرابيءَ سان پيدا ٿينديون آهن، انهن مان مرضن جا 12 قسم هي آهن: ﴿1﴾ دماغي مرض ﴿2﴾ اکين جون بيماريون ﴿3﴾ زبان ۽ ڳلي جون بيماريون ﴿4﴾سيني ۽ ڦڦڙن جا مرض ﴿5﴾فالج ۽ لقوو ﴿6﴾جسم جي هيٺين حصي جو سُن ٿي وڃڻ ﴿7﴾شوگر ﴿8﴾هاءِ بلڊ پريشر ﴿9﴾ دماغي شريان (يعني مغز جي رڳ) ڦاٽي پوڻ ﴿10﴾ نفسياتي مرض (يعني پاڳل ٿي وڃڻ وغيره) ﴿11﴾ جگر ۽ پِتي جا مرض ۽ ﴿12﴾ ڊپريشن.

**تندرست رهڻ جو نسخو**

**حضرت** سيّدُنا ابن سالم رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا جيڪڏهن ڪو شخص ڪٽڪ جي سُڪل ماني ادب جي مطابق کائي ان کي موت ڪانسواءِ ڪا بيماري نہ ٿي اچي سگهي يعني اهو ڪڏهن بہ بيمار نہ ٿيندو. پُڇيو ويو، ادب ڇا؟ فرمايائون، **بک لڳڻ تي کائي ۽ ڍؤ ڪرڻ کان پهريان هٿ روڪي.** (احياء العلوم ج3 ص 95)

نا سمجھ بیمار کو اَمرِت بھی زَہر آمیز ہے
سچ یہی ہے سو دواء کی اِک دوا پرہیز ہے

**بک جو احساس**

**سنّت** اها آهي تہ جيستائين بُک نہ لڳي ان وقت تائين نہ کاڌو وجي. رُڳو کائڻ جي خواهش تي کائي ڇڏڻ يا بُک نہ هجڻ جي باوجود مقرر وقت تي لازمي طور کائڻ مفيد ناهي، بُک جي تعريف بيان ڪندي **حجة الاسلام** امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا، " **بُک** جي نشاني اها آهي تہ رڳو ماني هٿ ۾ اچي تہ ڀاجيءَ ڪانسواءِ شوق سان کائڻ شروع ڪري. مطلب تہ جيڪا بہ ماني هٿ ۾ اچي وڃي شوق سان کائي ڇڏي ۽ جيڪڏهن نفس رُڳو ماني ئي گهري يا مانيءَ سان گڏ ڀاجيءَ جي ضرورت پوي تہ سمجهو تہ اڃان زور سان **بُک** ناهي لڳي". (احياءُ العلوم ج3 ص 97)

**بک کان وڌيڪ کائڻ**

**بُک** کان گهڻو کائڻ **حرام** آهي، گهڻي جو مطلب اهو آهي تہ ايڏو کائي ڇڏي جو **پيٽ خراب** ٿيڻ جو شڪ ٿئي مثال طور دست ٿيندا ۽ طبيعت خراب ٿي پوندي.

(بهارِشريعت حصو 16 ص 30)

## هر ڪنهن جي خوراڪ هڪ جهڙي ناهي ٿيندي

**ڪنهن** جي گهٽ ڪائيندو ڏسي حقير ڄاڻڻ يا بدگماني ڪرڻ جائز ناهي، ڇاڪاڻ جو اول تہ پيٽ ڀري کائڻ گناهہ ناهي ۽ ٻيو اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ ان جي خوراڪ ئي وڌيڪ هجي. جي ها جهڙيءَ طرح هرهڪ جي ننڊ هڪجهڙي ناهي ٿيندي، يعني ڪو بہ ڪلاڪ آرام ڪري وٺي تہ سڄو ڏينهن چُست ۽ جيڪڏهن ڪو ڏهہ ڪلاڪ سُتو پيو هجي تڏهن بہ سُست جو سُست ئي رهندو آهي ائين ئي خوراڪ ۾ بہ آهي يعني ڪنهن جو رُڳو هڪ مانيءَ ۾ ڍؤ ٿي ويندو آهي ۽ ڪو تہ چار يا پنج مانيون کائي وجي تڏهن بہ سندس ڍؤ نہ ٿيندس! تہ هاڻي پوءِ پنجن مانين وارو جيڪڏهن ٽي مانيون کائي تہ يقينًا هن ٻُک کان گهٽ کاڌو ۽ هڪ ماني واري جي مقابلي ۾ قرباني ڏيڻ ۾ وڌي ويو. بهرحال ٻين جي تلاش ۾ پوڻ جي بدران پنهنجي عملن جي جاچ پڙتال ڪرڻ ۾ ئي دنيا ۽ آخرت جو ڀلو آهي. جو جڏهن ڪنهن ڏانهن هڪ آڱر سان اشارو ڪندا آهيون تہ ٽن آڱرين جو رخ پاڻمرادو پنهنجي طرف ٿي ويندو آهي جڻ ان ۾ اشارو آهي تہ ٻئي تي تنقيد ڪرڻ بدران پنهنجو پاڻ کي ڏس!

حِرص کھانے کی دور کر یاربّ! قلب کو نور نور کر یاربّ!
بد گمانی کی خُو نکل جائے دُور دل سے غُرور کر یاربّ!

## گهٽ کائڻ واري جي دل ڏکائڻ حرام آهي

**گهٽ کائڻ** واري شخص تي بنا شرعي اجازت جي ملامت ڪري ان جي دل ڏکائڻ ڪبيرہ گناهہ، حرام ۽ جهنّم ۾

وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، ڪڏهن ته گهڻو کائڻ مجبوري به ٿيندي آهي مثال طور **جوع البقر** (يعني ڳئون جيتري بُک) نالي بيماري ۾ مريض کي ايتري ته بُک لڳندي آهي جو ڪيترو به کائي وجهي پر بُک جو احساس ئي ختم ناهي ٿيندو! نفس ناهي چاهيندو پر پوءِ به هر هر کائڻو پوندو آهي اهڙيءَ طرح معدي ۾ **السر** هجي ته خالي پيٽ ۾ تڪليف وڌندي آهي تنهنڪري ڪجهه نه ڪجهه کائڻو پوي ٿو. بهرحال جيڪڏهن ڪو وڌيڪ کائيندو هجي ان جي باري ۾ به سٺو گمان ڪرڻ ضروري آهي جو گهٽ کائڻ مستحب آهي جڏهن ته مسلمان تي بدگُماني ڪرڻ حرام.

> **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو **فڪرِ مدينه** جي ذريعي **مدني انعامات** جو ڪارڊ پري هر مدني مهيني جي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪرمند رهڻ جو ذهن بڻجندو.

## ڊؤڪري پاڻي پيئڻ

**سخت** گرميءَ جي موسم هجي، روزو هجي، سخت اُڄ لڳل هجي ۽ افطار جي وقت ٿڌو پاڻي ۽ منو منو شربت موجود هجي اهڙي موقعي تي فقط رضاءِ الاهيعَزَّوَجَلَّ جي لاءِ شربت کي ڇڏي پاڻي به ايترو گهٽ پيئڻ جو اڄ ختم نه ٿئي اهو افضل عمل ۽ اهلِ تقويٰ جو طريقو آهي، ۽ جيڪڏهن ڪو ايترو پاڻي ۽ شربت پيئي جو اڄ ختم ٿي وڃي ته ان ۾ ڪنهن قسم جو گناهه ناهي. گردي جي پٿري وغيره جي علاج جي

لاءِ مجبوريءَ جي طور پاڻي بہ ڪثرت سان پيئڻو پوي ٿو ۽ هونئن بہ ڏؤ (يعني ايڏو پاڻي پي ڇڏڻ جو اڄ ختم ٿي وڃي) ڪانپوءِ زبردستي وڌيڪ پاڻي پيئڻ نفس تي ڏکيو ٿي پوندو آهي. **آبِ زم زم** جي تہ ڳالهہ ئي ڪجهہ ٻي آهي.”ان ڪي عبادت جي نيّت سان ڏسڻ سان هڪ سال جي عبادت جو ثواب ملندو آهي، ان ڪي پي ڪري جيڪا بہ دعا گهري وڃي اها قبول ٿيندي آهي.“

(المسلک المتقسط المعروف مناسک الملا علي قاري ص495)

ثواب حاصل ڪرڻ جي نيّت سان ان ڪي پيٽ ڀري پيئڻ گهرجي. مُحسنِ اهلسنّت، **صدرالشريعه، بدرالطريقه** حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُاللّٰهِتَعَالٰی‌عَلَيۡه فرمائن ٿا، ”اتي جڏهن پيئو تہ پيٽ ڀري پيئو.“ حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ اسان ۾ ۽ منافقن ۾ اهو فرق آهي تہ اهي **زم زم** پيٽ ڀري ناهن پيئندا.

(بهارشريعت حصو 6 ص 47، المستدرڪ للحاڪم ج1ص 646 رقم الحديث 1738)

يہ زم زم اُس لئے ہے جس لئے اس کو پیے کوئی
اِسی زم زم میں جنّت ہے اسی زم زم میں کوثر ہے

**پيادل گهمو! مدينہ**

**فزيو ٿراپسٽ** سان مشورو ڪري پنهنجي عمر جي حساب سان روزانو هلڪي ڦلڪي ورزش ڪندو رهڻ گهرجي ۽ پڻ رات جو ڪاڌي کان پوءِ طبيبن جي قول موجب گهٽ ۾ گهٽ ڏيڍ سؤ قدم پيادل هلڻ گهرجي. منهنجو مدني مشورو آهي تہ هلندي هلندي گهٽ ۾ گهٽ چاليهہ ڀيرا هي درود شريف: صلى الله تعالٰی علٰی محمّد پڙهڻ جو معمول بڻائي ڇڏيو اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ 150 کان وڌيڪ قدم هلڻ ٿي ويندو. هر هڪ ڪي

روزانو هڪ ڪلاڪ پيادل هلڻ گهرجي. جنهن کي بلڪل عادت ناهي اهو شروعات ۾ رُڪو 12 منٽ هلي يا هلندي هلندي صلی اللہ تعالٰی علٰی محمّد 313 ڀيرا پڙهي ۽ آخر ۾ هڪ ڀيرو وعلٰی اٰلِہٖ وَ اَصْحٰبِہٖ وَ بارَک وسلَّم چوي، ٿورو اطمينان سان پڙهڻ سان اِن شآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ هڪ ڪلو ميٽر ٿي ويندو. ايئن هوريان هوريان وڌائيندي وڌائيندي ٽيهه ڏينهن جي اندر اندر روزانو پنج ڪلو ميٽرن تائين هلڻ جي ترڪيب بڻائي. اسلامي ڀينرون گهر جي چار ديواريءَ ۾ گُهمن، پنهنجا ورد وظيفا ويهي پڙهڻ جي بدران گُهمندي ڦرندي پڙهڻ جي عادت بڻائين. منهنجي درخواست قبول ڪندي پيادل گهمو ٻي صورت ۾ خدانخواسته ڊاڪٽر جي چوڻ تي ڪٿي ندامت ۽ ٽينشن جو بوجھ کڻندي ”ڊوڙڻو“ نہ پوي!

## طاقت کان وڌيڪ بوجھ نہ ٿيندو

ٽئين سيپاري، سُوْرَۃُ الْبَقَرَۃِ جي آخري آيتِ ڪريمہ ۾ خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ رحمت نشان آهي.

لَا یُکَلِّفُ اللّٰہُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪنهن جان تي بار نہ رکندو پر سندس طاقت آهر.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقينًا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪنهن تي ان جي طاقت کان وڌيڪ بوجھ ناهي وجهندو. پر افسوس صد ڪروڙ افسوس! ان حريص ڀانهي تي جيڪو نفس جي لذت جي لاءِ هڪ ڪاڏو خوب پيٽ ڀري کائي ٿو، مٿان وري فقط لذتن جي خاطر ڏينهن رات جي مختلف وقتن ۾ بہ ڪجھ نہ ڪجھ کائي پنهنجي معدي تي ان جي طاقت کان

وڏيڪ ٻوجھ وجھندو پيو وڃي. ظاهر آهي جيڪو شخص هڪ مڻ ڪٽي سگھندو هجي ان تي اڍائي مڻن جو وزن رکيو وڃي تہ ڏڪندي ٿڙڪندي ڪِري پوندو. اهڙيءَ طرح معدي جي ڪم ڪرڻ جي بہ هڪ حد آهي تہ جيڪڏهن چڱيءَ طرح بغير چٻاڙڻ جي يا ضرورت کان وڌيڪ غذائون هن ۾ وڌيون وينديون تہ ويچارو آخر ڪهڙي ڪهڙي شيءِ کي ڪهڙيءَ طرح هضم ڪري سگھندو؟ نتيجي طور هاضمي جو سرشتو درهم برهم ٿي ويندو. **معدو** بيمار ٿي پوندو ۽ پوءِ سڄي جسم کي مرض فراهم (supply) ڪرڻ لڳندو. جيئن تہ طبيبن جي طبيب، محبوب رب مجيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ حڪمت نشان آهي، ” **معدو** بدن ۾ حوض جي مثل آهي ۽ (بدن جون) ناليون (يعني رڳون) معدي جي طرف اچڻ واريون آهن جيڪڏهن معدو صحتمند هجي تہ رڳون (معدي مان) صحت وٺي واپس ٿين ٿيون ۽ جيڪڏهن معدو خراب هجي تہ رڳون بيماري وٺي واپس وينديون آهن.“

**(شعب الايمان ج5 ص 66 رقم الحديث 5796)**

مرضِ عِصیاں کی ترقّی سے ہُوا ہوں جاں بلب
مجھ کو اچّھا کیجئے حالت مِری اچّھی نہیں

## مان ڪاڏو تمام گھٽ ڪائيندو آهيان

**ڪجھ** اهڙا اسلامي ڀائر جيڪي يا تہ وزني هوندا آهن يا پيٽ جي بيمارين جو شڪار، اهي چوندا وتندا آهن، ”مان ڪاڏو تمام گھٽ ڪائيندو آهيان“. انهن مان ڪجھ تہ سخت دليءَ جي ڪري ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ بي خوف هوندا آهن ۽ ڪجھ ماڻهو وري غلط

فهميءَ جي ڪري ائين چئي ڇڏيندا آهن. پر انهن جي پوري ڏينهن جي غذائي معمولات تي نظر وجهجي ته خبر پوندي آهي ته هي جنهن کي ”گهٽ کاڌو“ چئي رهيا آهن انهن جي ناشتي ۾ اندو پَرانو، مسڪ بن (يعني مکڻ مليل) ملائي، حلوو، چولا پوري وري سڄي ڏينهن جي اضافي غذا ”هڪ ٻه ٿڌيون بوتلون، هڪ اڌ آئس ڪريم، ٽي چار پيرا چانهه، بسڪيٽ، برگر، چولا پٽاٽا، ڪيڪ پيس، ٿورڙي مٺائي وغيره به شامل هوندي ۽ اهڙيءَ طرح معدي جي تباهي، وزنداري يا بيماريءَ جو راز فاش ٿي ويندو آهي! جيڪڏهن ڪنهن جو واقعي ٿورڙو کائڻ ۾ پيٽ پرجي ويندو آهي ته ان کي به گهرجي ته اجان گهٽ ڪري ايتريقدر جو ٻُڪ باقي رهي. جڻ ته ڪِوِل پنهنجي ”ڪٽي“ مان گهٽ ڪري ۽ هاتي پنهنجي ”مڻ“ مان گهٽ ڪري.

خدا ہم کو سچ بولنے کی دے توفیق
تو مُنہ سوچ کر کھولنے کی دے توفیق

## گهٽ کائڻ جا احتياط

**مدينه 1:** **پيءُ** يا ماءُ حڪم ڏئي ته پيٽ پري کائو ته انهن جي اطاعت (يعني فرمانبرداري) ڪريو.

**مدينه 2:** **جيڪڏهن** ملازمت ڪريو تا ۽ گهٽ کائڻ سان ڪمزوري ٿيندي هجي ۽ ڪم ۾ گهٽتائي ٿي ٿئي ته گهٽ کائڻ جي لاءِ سيٺ جي اجازت ضروري آهي.

**مدينه 3:** **اهڙيءَ** طرح اسلامي تعليم ۽ تعلم (پڙهائڻ ۽ پڙهڻ) ۾ رڪاوٽ پيدا ٿئي ته ضرورت موجب کائو.

**مدينہ 4**: **اوهان** جو مهمان گڏ ڪائي رهيو هجي ۽ امڪان آهي تہ اوهان جي گهٽ ڪائڻ جي ڪري اهو بہ شرمندو ٿي هٿ روڪي وٺندو تہ ان جو ساٿ ڏيو.

**مدينہ 5**: **جيڪڏهن** ميزبان زور پري ۽ ڪا مجبوري نہ هجي تہ بُک باقي هجڻ جي صورت ۾ ڪجهہ وڌيڪ ڪائو جو مسلمان جي دل خوش ڪرڻ ثواب آهي. الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب ، مُنَزّہُ عَنِ العُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مسرَّت نشان آهي، ”جيڪو شخص مسلمان جي گهروارن ۾ خوشي داخل ڪري الله تعالیٰ ان جي لاءِ جنّت کان علاوه ڪنهن شيءِ ڪي پسند ناهي ڪندو.“ (طبراني صغير ج2 ص 51)

## گهٽ ڪائڻ افضل پر ڪوڙ ڳالهائڻ حرام

**دعوت** ۾ جڏهن **ميزبان** چوي، اجان ڪٿو! تہ جيڪڏهن توهان فارغ ٿي چُڪا آهيو ۽ بُک باقي هجڻ جي باوجود وڌيڪ ڪائڻ نہ ٿا چاهيو تہ تمام سنيالي ڪري جواب ڏيندا. مثال طور چئو ”الله عَزَّوَجَلَّ برڪت ڏئي،“ ”جزاك الله خيرًا.“ ” اَلحَمدُلله آءُ پنهنجي حساب سان ڪائي چڪو آهيان“ وغيره. هرگز هرگز ڪوڙا فقرا (يعني ڪا ڪوڙي ڳالهہ) نہ چئو. گهٽ ڪائڻ جي باوجود ڳالهايا ويندڙ ڪوڙن جملن جا مثال هي آهن: ”مون پيٽ پري ڪاڌو آهي“. ”منهنجو پيٽ فل ٿي ويو آهي،“ ”نہ نہ هاڻي پيٽ ۾ بلڪل گنجائش ناهي،“ ”سچ تو چوان بلڪل بُک باقي ناهي“ وغيره وغيره. **ياد رکو! ڪوڙ ڳالهائڻ گناهِ ڪبيره، حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.** راهِ تقويٰ تي تمام سنيرجي هلڻو آهي، ڪٿي ائين نہ ٿئي جو بُک کان گهٽ ڪائڻ جو مُستحب ۽ افضل ڪم ڪرڻ وجو ۽ نفس ڪٿي

ڪري رياڪاري، ڪوڙ، تڪبر، ماءُ پيءُ جي نافرماني ۽ مسلمان جي تحقير ۽ بدگماني وغيره وغيره حرام ڪمن ۾ وجهي ڪري جهنّم جو حقدار بڻائي ڇڏي. ڇو ته **نفس** جو ڪم ئي بُراين تي اڀارڻ آهي. جيئن ته قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي:

اِنَّ النَّفۡسَ لَاَمَّارَةٌۢ بِالسُّوۡٓءِ

ترجمو ڪنزالايمان : بيشڪ نفس ته برائيءَ جو وڏو حڪم ڏيندڙ آهي.

نَفس کی چال سے بچا یا ربّ
اس کے جنجال سے بچا یا ربّ

**نفس** ڪي مارڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪرڻ گهرجي جو جيڪو نفس کي مارڻ ۽ ان کي بُري خواهشن کان روڪڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي ان جي لاءِ جنّت جي بشارت (يعني خوشخبري) آهي جيئن ته خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ جنّت نشان آهي:

وَ اَمَّا مَنۡ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ وَ نَهَى النَّفۡسَ عَنِ الۡهَوٰى ﴿۴۰﴾ فَاِنَّ الۡجَنَّةَ هِىَ الۡمَاۡوٰى ﴿۴۱﴾

ترجمو ڪنزالايمان : ۽ اهو جيڪو پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي حضور بيهڻ کان ڊنو ۽ نفس کي خواهش کان روڪيائين ته بيشڪ جنّت ئي (ان جو) ٺڪاڻو آهي.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نفس چاڪي چوندا آهن؟

**جيڪڏهن** رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي خاطر "پيٽ جو قفلِ مدينه" لڳائي بُک جون برڪتون حاصل ڪرڻ لاءِ اوهان جو ذهن بڻجي ويو آهي ته هي ڌيان ۾ رکندا ته نفس سان سخت مقابلو رهندو. نفس آسانيءَ سان

قابو ۾ اچڻ وارو ناهي. حضرتِ سيّدُنا بايزيد عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللّٰهِ الۡمَجِيد فرمائن ٿا،” نفس هڪ اهڙي صفت آهي جنهن جي باطل کان سواءِ تسڪين ٿيندي ئي ناهي.“(يعني نفس بُرائين سان ئي خوش رهندو آهي) حضرتِ سيّدُنا سليمان داراني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي فرمائن ٿا،” **نفس جي مخالفت افضل ترين عمل آهي.** “ (ڪشف المحجوب ص 395، 396)

اللہ، اللہ کے نبی سے فریاد ہے نفس کی بدی سے
ایماں پہ بہتر موت او نفس تیری ناپاک زندگی سے

## دل جي لاءِ سچي سال جي عبادت کان بهتر

**حضرتِ** سيّدُنا ابو سليمان داراني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي فرمائن ٿا، ” نفس جي خواهشن مان ڪنهن هڪ خواهش کي ترڪ ڪري ڇڏڻ دل جي لاءِ هڪ سال جي روزن ۽ سچي سال جي راتين جي قيام کان بہ وڌيڪ فائديمند آهي.“ (جذب القلوب ج2 ص 336)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## لومڙيءَ جو ٻچو

**بزرگانِ** دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الۡمُبِيۡن جو ڪڏهن ڪڏهن نفس کي مثالي صورت ۾ ڏسڻ ثابت آهي، جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا محمد بن عليان نسوي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللّٰهِ الۡقَوِي فرمائن ٿا، ابتدائي حال ۾ جڏهن **نفس** جي هلاڪتن جي باري ۾ معلومات ٿي تہ مون کي ان سان سخت دشمني ٿي وئي. هڪ ڏينهن **لومڙيءَ جي ٻچي** جهڙو ڪو جانور اوچتو منهنجي ڳِڙيءَ کان نڪري پيو! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ مونکي ان جي سڃاڻپ ڪرائي ۽ آءٌ سمجهي ويس تہ هي منهنجو **نفس** آهي مون هڪدم ان تي حملو ڪيو ۽ پنهنجي پير سان ان کي ڪُچلڻ ۽ چيپاڻڻ لڳس پر **يا للعجب**! مان جيئن جيئن

ان کي ڏک هٽندو پيو وڃان اهو ڪد آور ٿيندو پيو وڃي. مون چيو اي نفس! هر شيءِ تڪليف ۽ زخمن سان هلاڪ ٿيندي آهي پر تون آهين جو ويتر وڌندو ٿو وڃين! ان جواب ڏنو، منهنجو مُعاملو ئي ابتڙ آهي، جن شين سان ٻين کي تڪليف ٿيندي آهي مون کي انهن سان راحت ملندي آهي ۽ جن شين سان ٻين کي راحت ملندي آهي مون کي انهن کان تڪليف پهچندي آهي!

(ڪشف المحجوب مترجم باب مجاهداتِ نفس ص 407)

نِہنگ[1] و اَژدہا مارا اگرچِہ شیرِ نَر مارا
بڑے موذی کو مارا نفسِ اَمّارہ کو گر مارا

## ڪائڻ جي لاءِ جيئڻ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو! نفس کي مارڻ تمام ئي مشڪل امر آهي. بس کهڙي طرح به هن کي قابو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ هن جو هڪ طريقو هي به آهي ته نفس جيڪو چوي ان جي ابتڙ ڪرڻ گهرجي. مثال طور اهو سنن سنن ڪاڏن، چٽپٽي شين جو مشورو ڏئي يا پيٽ ڀري ڪائڻ جي ترغيب ڏياري ان وقت هن جي نه مڃجي، رُڳو ضرورت موجب ئي ڪائجي، حضور داتا صاحب رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا، بُک، صديقين جي غذا ۽ مريدن جي راهِ سُلوڪ آهي. "ڀهريان ماڻهو جيئرو رهڻ جي لاءِ ڪائيندا هئا پر توهان ڪائڻ جي لاءِ جيئرا آهيو."

(ڪشف المحجوب مترجم ص 605)

## مريض پاڻ طبيب بڻجي ويو

منقول آهي، حضرتِ سيّدُنا شيخ خواجه محبوب الٰاهي **نظام الدّين اولياء** رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ سخت بيمار ٿي پيا. مريدن عرض ڪيو،

---

[1] يعني مانگر مڇ

حضور هتي هڪ پنڊت ”جهاڙ ڦوڪ“ ڪندو آهي ۽ ان جو علاج گهڻو هلندو آهي جيڪڏهن حڪم ٿئي تہ ان وٽ وڃي هلون. فرمايائون، مان علاج جي لاءِ ڪافر وٽ نہ ويندس. مرض وڌيڪ شدت اختيار ڪئي ۽ پاڻ رَحْمَةُاللّٰهِتَعَالٰی عَلَيْه بيهوش ٿي ويا. مُريد ڪٽي انهيءَ ”پنڊت“ وٽ ويا ان ڦوڪ هنئي تہ ڪين هوش آيو ۽ صحتياب ٿي ويا. پاڻ رَحْمَةُاللّٰهِتَعَالٰی عَلَيْه پنهنجو پاڻ کي صحت مند ڏٺائون، پنڊت کي ڏسي پُڇيائون، توکي علاج ۾ هيءَ مهارت ڪيئن حاصل ٿي؟ ان وراڻيو، منهنجي گرو (يعني استاد) مون کان عهد ورتو آهي تہ **نفس جيڪو ڪجهہ چوي ان جي ابتڙ ڪجانءِ**. تنهن ڪري جڏهن ٿڌو پاڻي پيئڻ جي خواهش ٿيندي آهي تہ **گرم** پيئندو آهيان، **چانور** کائڻ لاءِ دل چوندي آهي تہ **ماني** کائيندو آهيان اهڙيءَ طرح **نفس** جي چوڻ جي ابتڙ ڪندو رهڻ سان مون ۾ هيءَ **قوت** پيدا ٿي چُڪي آهي. پاڻ رَحْمَةُاللّٰهِتَعَالٰی عَلَيْه فرمايو. هي ٻُڌاءِ تنهنجو نفس توکي مسلمان ٿيڻ جي اجازت ڏئي ٿو يا نہ؟ چيائين منع ٿو ڪري، فرمايائون هي مسلمان ٿيڻ کان منع ٿو ڪري تہ تنهنجي اصول جي موجب توکي ان جي چوڻ جي ابتڙ ڪندي **مسلمان** ٿيڻ گهرجي. هيءَ ڳالهہ پاڻ رَحْمَةُاللّٰهِتَعَالٰی عَلَيْه ڪجهہ اهڙي تہ دلنشين انداز ۾ ارشاد فرمائي جو تاثير جو تير ٻڌجي ان جي دل ۾ اثر ڪري ويئي ۽ هُو بي اختيار ٿي چوڻ لڳو، مان پنهنجي **ڪفر** کان توبهہ ڪري **مسلمان** ٿو ٿيان ۽ پڙهيائين.

لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ مُحَمَّدٌرَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

سُبحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! ان حضرت خواجہ نظام الدين عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْمُبِين جي ظاهر جو علاج ڪيو ۽ پاڻ رَحْمَةُاللّٰهِتَعَالٰی عَلَيْه ان جو احسان لاهيندي ان جي **باطن** جو علاج ڪري ڇڏيائون، ان پاڻ رَحْمَةُاللّٰهِتَعَالٰی عَلَيْه جي **جسم** جو

علاج ڪيو، پاڻ رَحْمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ان جي روح جو علاج ڪري ڇڏيائون، ان **ظاهري** مرض ختم ڪيو پاڻ رَحْمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ان جي باطني يعني **ڪفر** جي مرض کي ختم ڪري ڇڏيائون!

نگاہِ ولی میں وہ تاثیر دیکھی
بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

## ڏندن جي مهارن جو ڪينسر

**ڇانهه** پان جا عادي غذا سان گڏوگڏ ڇانهه پان ۾ گهٽتائي ڪرڻ جو ذهن بڻائين ائين نه ٿئي جو توهان غذا ۾ گهٽتائي ڪرڻ وجو ۽ نفس مڪار اوهان کي ٻُڪ مِٺائڻ جو ڏٿو ڏيئي ڇانهه ۽ پان جي ڪثرت جي آفت ۾ ڦاسائي ڇڏي. ڇانهه گُردن (يعني ٻُڪين) جي لاءِ نقصانڪار آهي. پان، گٽڪو، مين پوري ۽ خوشبودار سونف سُپاري وغيره جي عادت ڪيڏي ڇڏڻ ۾ ئي عافيّت آهي. جيڪي ماڻهو انهن جو ڪثرت سان استعمال ڪن ٿا انهن کي **مهارن، وات ۽ ڳلي جي ڪينسر جو انديشو رهي ٿو**. گهڻو پان کائڻ وارن جو وات، اندران ڳاڙهو ٿي ويندو آهي، جيڪڏهن مهارن ۾ رت يا گند ٿي ويو ته انهن کي نظر نه ايندو ۽ پيٽ ۾ ويندو رهندو. شايد انهن کي معلوم به ان وقت ٿيندو جڏهن خدانخواسته ڪنهن **خطرناڪ بيماريءَ** پاڙ پڪڙي ورتي هوندي!

## نقلي ڪَٿي جون تباهه ڪاريون

**پاڪستان** ۾ گهڻو ڪري **ڪٿي** جي پيداوار ناهي ٿيندي تنهن ڪري دولت جا حريص ماڻهو جن کي دنيا ۽ آخرت جي **برباد** ٿيڻ جو ڪو فڪر ناهي هوندو اهي **مٽيءَ** ۾ چمڙو رنگڻ جو رنگ ملائي ”

**ڪتي جهڙو بڻائي** “ وڪڻندا آهن! ۽ ائين ويچارا پان ڪائڻ وارا قسمين قسمين مرضن جو شڪار ٿي تباهه ۽ برباد ٿيندا رهن ٿا.

## ڪاڌي جو مزو رُڳو نڙيءَ تائين هوندو آهي

**جوَن جي** سُڪل ماني هجي يا گيهه ۾ ترَيل پَراٺو، پيٽ ۾ وڃڻ ڪانپوءِ بڻجي هڪ ٿي ويندا آهن. جيئن ئي گرهه نِڙيءَ کان هيٺ لٿو ان جو ذائقو ختم. جيڪو هٿ ۾ آيو اهو پيٽ ۾ وجهي ڇڏڻ ۽ پيٽ پري ڪائڻ ۾ زبان جو مزو تہ رُڳو ڪجهه گهڙين جي لاءِ هوندو آهي پر هن جا ديني ۽ دنياوي نقصان گهڻو عرصو رهندا آهن. جيڪڏهن ڪو ٿڌي دل سان غور ڪري تہ ان تي ظاهر ٿي ويندو تہ **ٻن منٽن جي** لذت جي خاطر آخرت جي ڏکي حساب جو بار کڻڻ ۽ وري سالن تائين هلڻ وارين بلڪہ قبر تائين پيڇو ڪرڻ وارين بيمارين کي پاڻ گهرائڻ هرگز دانشمندي ناهي تنهن ڪري ”پيٽ جو قفل مدينه“ لڳائيندي گهٽ ڪائڻ ۾ ئي عافيّت آهي، حضرتِ سيِّدُنا ابو درداء رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، ” **هڪ گهڙيءَ** جي لاءِ خواهش جي پيروي ڏکي غم جو ڪارڻ بڻبي آهي.“

یا وہ کوئی ڈٹ کے کھانا خوب سونا چھوٹ جائے
دنیوی لذات سے دل کاش میرا ٹوٹ جائے

## لذيذ گرهه جي عجيب حقيقت

**غور** ڪريو! وات ۾ پاٽي آٽڻ وارو، خوشبوءِ سان معطر، گيهه ۾ سٽيو، لذيذ ترين، چٽ پٽو گرهه وڏي شوق سان جيڪڏهن ڪو پنهنجي وات ۾ وجهي ۽ چابا ڏئي ڪري چباڙي جيئن ئي نِڙيءَ کان هيٺ

لاهي ۽ پوءِ جهٽڪي ۾ التي اچي ۽ ڪاڏو ٻاهرنڪري اچي ته هاڻي ان جي طرف ڏسڻ لاءِ به ان جي دل نه چاهيندي. هي آهي ان **لذيذ گرهه جي حقيقت**، وڌيڪ هن لذيذ ڪاڌي جي حقيقت کي هن حڪايت مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو.

## دل جلائڻ واري حڪايت

**هڪ** پاڙي ۾ بيت الخلا جي صفائي ٿي رهي هئي ۽ فضلو (يعني پائخانو) پکڙيل هيو. ماڻهو نڪ تي رومال رکي اتان ڪان تيزيءَ سان گذري رهيا هئا ته پائخاني زبان حال سان سڏي چيو، **اي پيٽ وارؤ!** ٿورو ترسو! مون کي سڃاڻو ٿا مان ڪير آهيان! مان اهو آهيان جنهن کي توهان خوب مشقت سان ڪمايو، وڏي محنت سان پچايو ۽ مزو وٺي کاڌو، ۽ پنهنجي معدي ۾ لِڪايو. افسوس! توهان جي ٿوري دير جي صحبت منهنجو هي حال بڻايو! مون کان چو ٿا ڀڄو! مان ته توهان جي لذيذ **برياني** آهيان،............ مان توهان جو گيهه سان ڀريل **پراٺو** آهيان، .......... مان ته توهان جو چِهرو **قورمو** آهيان

ديکھو مجھے جو دِیدہ عبرت نگاہ ہو

## پنهنجي اوقات ياد ڏيارڻ واري تنبيهه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عبرت ئي عبرت آهي ڪاڏو جيڏو **سٺو** هوندو آهي ان جو **انجام** اوترو ئي بُرو هوندو آهي. انسان جيترو وڌيڪ لذيذ ۽ سٺيو ڪاڌو ڪائيندو آهي ان جو پائخانو به اوترو ئي وڌيڪ گندو ۽ بدبودار ٿيندو آهي. جڏهن ته گاهه ڪائڻ وارن جانورن جو ڇيٽو انسانن جي پائخاني جي مقابلي ۾ نهايت ئي گهٽ گندو ٿيندو آهي. ٿي سگهي ٿو انهن ڳالهين کي پڙهي يا ٻُڌي ڪنهن

جي دل ڪچي ٿيڻ لڳي ۽ نفس ڪاوڙ ڏياري تہ انهن جي خدمت ۾ هي عرض آهي تہ اوهان جو ناراض ٿيڻ بيڪار آهي، اوهان جي ناراضگي بہ سراسر عبرت آهي، **غور ڪريو** تہ اسان جهڙو گناهگار انسان خوب آڪڙ ۽ غُرور ڪري ٿو ۽ ايترو نٿو سوچي تہ منهنجي اوقات ئي ڇا آهي! مان تہ اهو بيڪار آهيان جو بهترين ڪاڌا بہ مون سان گڏ ٿورڙي دير رهڻ ڪان پوءِ ايتريقدر تباهہ ۽ تبديل ٿي وڃن ٿا جو پوءِ انهن جو تذڪرو ٻُڌڻ خود مونکي پسند ناهي! حضرتِ سيّدُنا طاؤس رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡه ڪنهن ڪي آڪڙ سان هلندو ڏسي فرمايائون، اها چال ان جي نہ آهي جنهن جي پيٽ ۾ گندگي ڀريل هجي! حضرتِ سيّدُنا مطرف رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡه حجّاج بن يوسف جي لشڪر جي سپهہ سالار مُهَلَّب ڪي ريشمي لباس پهري آڪڙ ۾ هلندي ڏٺو تہ ٽوڪيو تہ هُو چوڻ لڳو، ”مون ڪي سڃاڻين نہ ٿو تہ مان ڪير آهيان! فرمايائون،” آءُ توکي چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو تہ شروع ۾ تون هڪ گندو قطرو هئين ۽ آخر ۾ خراب ٿي ويل مُردو ٿيندين ۽ اها بہ سيني ڪي خبر آهي تہ تون پيٽ ۾ گندگي ڪنيون ڦرندو ٿو وتين. اِها ڳڙِي گفتگو ٻُڌي هُو شرمائجي ويو ۽ آڪڙ ڪري هلڻ واري چال ڪان مُڙي ويو. حضرتِ سيّدُنا مُصعب بن زبير رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا، حيرت آهي تہ، انسان تڪبُّر ڪري ٿو جڏهن تہ اهو بہ ٻيرا پيشاب واري جاءِ مان نڪتو آهي!

## چا توهان گهٽ ڪائڻ جي عادت ٻٽائڻ چاهيو ٿا؟

**جيڪڏهن** توهان **پيٽ جو قفلِ مدينہ** لڳائڻ يعني گهٽ ڪائڻ جي عادت ٻٽائڻ ۽ ان تي استقامت حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا تہ **منهنجي** هنن مدني مشورن تي عمل ڪريو اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ تمام گهڻو فائدو ٿيندو. پنهنجو ذهن هيئن ٻٹايو جيئن

**حجة الاسلام** امام محمد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَالِي فرمائن ٿا،” آخرت ۾ حساب ۽ ڪتاب جي سختين ۽ موت جي سڪرات جي سختيءَ جو هڪ سبب پيٽ پري کائڻ بہ آهي، **حجة الاسلام** امام محمد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَالِي وڌيڪ فرمائن ٿا، گهڻو کائڻ سان آخرت جي ثواب ۾ گهٽتائي واقع ٿيندي آهي. انهيءَ ڪري توهان جيتريقدر لذتون دنيا جي اندر حاصل ڪري وٺندؤ اوترو حصو آخرت ۾ گهٽ ٿي ويندو. (منهاج العابدين ص 94)

ڈٹ کے کھانے کی محبّت قلب سے میرے نکال
نَزع میں دے مجھ کو راحت اے خدائے ذُوالجَلال

## جهنّمين جو کاڌو پيتو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! زبان جي ڪجھ منٽن جي لاءِ ذائقي خاطر ايتريقدر خوفناڪ مُعاملات جي پرواھ نہ ڪرڻ عقلمندي ناهي. **پيٽ جو قفلِ مدينه** لڳائيندي گهٽ، گهٽ ۽ گهٽ کائڻ ۾ ئي عافيّت آهي. پيٽ پري يا لذيذ شيون کائڻ ۽ ٿڌا مشروبات پيئڻ لاءِ دل خواهش ڪري تہ جهنّمين جي دل ڏڪائيندڙ کاڌي پيتي کي ياد ڪريو. جن کي ڪافرن جي لاءِ تيار ڪيو ويو آهي. جيئن سيپاري 25 سُوۡرَةُ الدُّخَانِ جي آيت نمبر 43 کان 46 ۾ دوزخين جي هوش وڃائيندڙ کاڌي جو تذڪرو ڪندي خداءِ قهار و جبّار **جلّ جلاله** ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ شَجَرَتَ الزَّقُّوۡمِ ﴿۴۳﴾ طَعَامُ الۡاَثِیۡمِ ﴿۴۴﴾ کَالۡمُهۡلِ ۚ یَغۡلِیۡ فِی الۡبُطُوۡنِ ﴿۴۵﴾ کَغَلۡیِ الۡحَمِیۡمِ ﴿۴۶﴾

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ ٿوهر جو وڻ گناهگارن جو کاڌو آهي. ڳريل ٽامي وانگر پيٽن ۾ ٽهڪي ٿو. ٽهڪندڙ پاڻيءَ جي جوش وانگر.

جهنّمين جي تباهه ڪندڙ مشروب جي باري ۾ سيپاري 26 سُوْرَةُ مُحَمَّدٍ جي پندرهين آيت ۾ ارشاد ٿئي ٿو.

وَسُقُوْا مَآءً حَمِيْمًا فَقَطَّعَ اَمْعَآءَهُمْ ﴿١٥﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جن کي ٽهڪندڙ پاڻي پيئاريو ويندو جيڪو انهن جا آنڊا ٽڪر ٽڪر ڪري رکندو.

## نانگن جي زهر جو پيالو

مُغيث بن سمي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا، جڏهن ڪنهن کي دوزخ ۾ آندو ويندو ته ان کي چيو ويندو، انتظار ڪر توکي هڪ تحفو ڏيون ٿا، پوءِ **نانگن جي زهر جو پيالو** ان کي ڏنو ويندو. جڏهن هُو ان کي پنهنجي وات جي ويجهو ڪندو ته ان جي چهري جو گوشت ۽ هڏيون ڪٽجي ڪِري پوندا. (البدور السافرة ص 442)

ڪرم از پئے مصطفےٰ يا الٰہی
جہنم سے مجھ کو بچا یا الٰہی

**دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو فڪر مدينه جي ذريعي مدني انعامات جو ڪارڊ پري هر مدني مهيني جي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪرمند رهڻ جو ذهن بڻجندو.**

## وڏي نعمت جو حساب بہ وڏو

**گھر** جا سيئي ياتي متفق هجن تہ ڪاڏي جي ياجي وغيره ۾ جيڪو تيل ۽ مصالحو وجهو تا ان جو مقدار اڌ ڪريو. تي سگھي ٿو ڪاڏي جي لذت گھٽ ٿي وڃي. جڏهن لذت ۾ گھٽتائي ٿيندي تہ شوق ۾ بہ گھٽتائي ٿيندي ۽ اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ **پيٽ جو قفلِ مدينه** لڳائڻ يعني کاڌو گھٽ کائڻ ۾ آساني ٿي پوندي. **مانيءَ** جو معمولي ٽڪرو جنهن سان پيٽ تي بار وڌو ويو يعني بُک ختم ڪئي وئي تہ ان جو قيامت ۾ حساب نہ ٿيندو. نہ تہ ياد رکندا! دنيا ۾ غذا جيتري قدر يلي ۽ لذيذ کائيندڙ اوترو ئي قيامت ۾ حساب بہ سخت کان سخت ٿيندو، مثال طور **ڪچڙيءَ** جو حساب نسبتًا هلڪو هوندو جڏهن تہ **برياني**ءَ جو اُن کان سخت. انهيءَ ۾ بہ ترڪيب هيءَ هوندي تہ جنهن شخص کي جيڪا شيءِ وڌيڪ پسند هوندي اها ان جي لاءِ وڏي نعمت ڳڻي ويندي. مثال طور جنهن کي بريانيءَ جي مقابلي ۾ کِچڙي وڌيڪ پسند هوندي ان جي لاءِ کِچڙي وڏي نعمت ۽ پوءِ برياني جي مقابلي ۾ کِچڙي جو حساب سخت. **سادي پاڻيءَ** جي مقابلي ۾ **ٿڌي** پاڻي جو، سادن کاڌن جي مقابلي ۾ لذيذ کاڌن جو حساب وڌيڪ سخت هوندو، پلاءُ ۽ قورمو ماني وغيره **گرما گرم** هجن تہ حساب وڌيڪ ۽ جيڪڏهن **بلڪل ٿڌا** ۽ بي مزي ٿي ويا هجن، ڇو تہ اهي نفس کي وڻندڙ ناهن هوندا ان لاءِ حساب بہ گھٽ. آه! آه! آه! هر نعمت جي باري ۾ قيامت جي ڏينهن پُڇيو ويندو.

## هر نعمت جي باري ۾ ٿي سوال

حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا قيامت جي ڏينهن هر شيءِ جي باري ۾ هي ٽي سوال ٿيندا! ﴿1﴾ تو اها شيءِ ڪيئن حاصل ڪئي ﴿2﴾ ان کي ڪٿي خرچ ڪيُئي ۽ ﴿3﴾ ڪهڙي نيّت سان خرچ ڪيُئي؟ (منهاج العابدين ص100)

سيپاري 30 سُوْرَةُ التَّكَاثُرِ جي آخري آيت ۾ ارشادِ الاهي عَزَّوَجَلَّ آهي،

ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَئِذٍ عَنِ النَّعِيْمِ ﴿۸﴾

ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ بيشڪ ضرور ان ڏينهن توهان کان نعمتن جي پُڇا ٿيندي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! دنيا جي رنگينين ۾ گم مالدار ۽ صاحبِ اقتدار جي مقابلي ۾ سنّتن جو پابند غريب ۽ نادار وڌيڪ خوش نصيب ۽ بخت بيدار آهي، ۽ اهو آخرت ۾ ڪامياب آهي جيڪو غُربت، مرض ۽ آفتن ۾ مبتلا هئڻ جي باوجود الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اطاعت گذار آهي. هڪ عبرتناڪ روايت ٻُڌندا ۽ عبرت سان سوچيندا. جيئن:

## جهنم جو غوطو

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آهي، فرمائن ٿا، تہ حضور سراپا نُور، فيض گنجور، شاهہ غيور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو، ” قيامت جي ڏينهن ڪافرن مان ان شخص کي آندو ويندو جيڪو دنيا ۾ تمام گهڻين نعمتن سان مالا مال ٿيو هوندو. چيو ويندو، ان کي باهہ ۾ غوطو ڏيو. اهڙيءَ طرح ان کي باهہ ۾ غوطو ڏنو ويندو، پوءِ ان کي چيو

ويندو، اي فلاڻا! ڇا ڪڏهن تون نعمتن سان مالا مال ٿيو هئين؟ تہ هُو چوندو."نہ، مون ڪا نعمت نہ ڏٺي" ۽ مسلمانن مان ان شخص کي آندو ويندو جيڪو دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ مصيبت ۾ گهيريل ۽ بدحال هيو، ڇيو ويندو هن کي جنّت ۾ هڪ غوطو ڏيو اهڙيءَ طرح ان کي جنّت ۾ هڪ **غوطو** ڏنو ويندو پوءِ پُڇيو ويندو، اي فلاڻا! ڇا تو ڪڏهن سختي ڏٺي، ڇا تون ڪڏهن مصيبت ۾ مبتلا ٿئين؟ تہ هُو چوندو "نہ مان ڪڏهن سختي ڏٺي ۽ نہ ئي مان ڪڏهن مصيبت ۾ مبتلا ٿيس." (ابن ماجه ج4 ص 530 رقم الحديث 4321)

**معلوم** ٿيو تہ جهنّم ايتريقدر دهشتناڪ آهي جو ان جو رُڳو هڪ غوطو دنيا جون سيئي رنگينيون، عيش عشرتون ۽ راحتن جا سامان وساري ڇڏيندو ۽ ان جو هي ذهن بڻجي ويندو تہ مان تہ هميشہ پريشان ئي رهيو آهيان گڏوگڏ جنّت جو هڪ غوطو ايتريقدر فرحت بخش آهي جو دنيا ۾ ڪنگال ۽ طرح طرح جي مصيبتن جي سبب بدحال رهڻ وارو رُڳو جنّت جي هڪ غوطي جي سبب سيئي غم وساري ڇڏيندو ۽ ان جو هي ذهڻ بڻجي ويندو تہ مون ڪڏهن بہ تڪليف ڏٺي ئي ڪونہ، تہ ڪيئن ٿيندي آهي!

میزاں پہ سب کھڑے ہیں، اَعمال تُل رہے ہیں
رکھ لو بھرم خدارا عطّارِ قادِری کا

**گهٽ ڪائڻ جي عادت بڻائڻ جو**

**گهٽي** ڪائڻ جي عادت وارو پيٽ جو قفلِ **مدينه** لڳائيندي جيڪڏهن جذبات ۾ اچي هڪ دم ڪائڻ گهٽ ڪري ڇڏيندو تہ قوي امڪان

آهي تہ ڪمزور ٿي وڃي ۽ ان جو حوصلو بہ پَست ٿيڻ لڳي. تنهن ڪري ٿورو ٿورو گهٽ ڪري. مثال طور هڪ ڏينهن ۾ 12 مانيون کائي ٿو ۽ پنهنجو پاڻ کي 6 مانين تي آڻڻ چاهي ٿو تہ انهن 12 مانين کي 60 حصن ۾ تقسيم ڪري ۽ روزانو هڪ حصو گهٽ ڪندو وڃي يعني پهرين ڏينهن 59 ٽڪرا کائي، ٻئي ڏينهن 58، اهڙيءَ طرح هڪ مهيني ۾ 30 ٽڪرن يعني 6 مانين تائين پهچي ويندو ۽ اِن شَــآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪمزوري وغيره بہ نہ ٿيندي. جيڪڏهن صرف چانور کائيندو آهي تہ ان جي بہ اهڙيءَ طرح ترڪيب ڪري سگهجي ٿي، مثال طور روزانو هڪ گرهہ گهٽ ڪندو رهي ۽ اهڙيءَ طرح گُهربل مقدار تي پهچي ۽ دل مضبوط رکي، ائين نہ ٿئي جو لذيذ غذا سامهون اچي وڃي يا دعوت ۾ پهتو ۽ نفس چيو تہ اڄ وڏيڪ کائي وٺ سڀاڻي وري پنهنجي معمول تي اچجانءِ تہ جيڪڏهن نفس جي ڳالهين ۾ اچي ويو تہ پوءِ استقامت مشڪل ٿيندي، چاهي ڪيڏو ئي لذيذ ترين کاڌو سامهون اچي وڃي جيڪو پنهنجي معمول تي قائم رهي اهو ئي ڪامياب آهي. ها جڏهن گهٽ کائڻ جي عادت ۾ پڪو ٿي ويو هجي هاڻي جيڪڏهن ڪنهن بہ دعوت وغيره ۾ معمول کان هٽي ڪري ڪجهہ وڌيڪ کائي ورتو تہ اِن شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ رڪاوٽ نہ ٿيندي.

بھائیو بہنو سبھی عادت بناؤ بھوک کی
پاؤگے رَحمت ذرا زحمت اُٹھاؤ بھوک کی

## ڪاڌي جو مقدار مقرر فرمائي ڇڏيو

**پنھنجي** لاءِ ڪاڌي جو مقدار (مثال طور اڌ ماني، هڪ چمچو چانور، ست ڳترا ڪدو شريف، وڏي هجي تہ هڪ نہ تہ ٻہ ٻوٽيون، هڪ ٽڪرو پٽاٽو، ٽي چمچا شوروو وغيره) مقرر فرمائي ڇڏيو جو ايترو ڪائڻ ڪان پوءِ چاهي ڪيتري ئي بُک باقي هجي تہ ٻہ وڌيڪ نہ ڪائيندس. اهڙيءَ طرح جڏهن ٻہ ڪائڻ ويهو تہ ٽي سگهي تہ مقرر ڪيل مقدار ۾ ڪاڌو اڳ ۾ ئي پنهنجي پليٽ ۾ الڳ ڪري ڇڏيو چو تہ **پيٽ جو قفلِ مدينہ** لڳائڻ جي خواهشمند جي لاءِ شايد ان ڪان بهتر ڪو طريقو هجي. ها، جيڪڏهن نفس پنهنجي ٿالهيءَ ۾ گهٽو وجهرائي ٻہ ڇڏي تہ گهٽ ڪري ڇڏيو. هڪ پيرو ڪٽي ڇُڪا آهيو پوءِ چاهي لک پيرا خواهش هجي ڪاڌو نہ ڪٽو نہ تہ نفس مطالبا وڌائيندو ويندو! ڪڏهن چوندو، هڪ ٻوٽي اجان ڪڻ، ڪڏهن چوندو پٽاٽو ڪڻ، هڪ چمچو دال جو وڌيڪ ڪڻ وغيره. دعوتن ۾ ٻہ ان انداز کي مدِ نظر رکو. چوتہ ”پيٽ جو قفلِ مدينہ“ لڳائڻ يعني بُک کان گهٽ ڪائڻ جي اجان تائين جنهن جي عادت ناهي نهي اهو جيڪڏهن عام رواج جي مطابق وڏي ٿانوَ مان هرهر ٿورو ٿورو ڪيندو رهندو تہ انديشو آهي تہ نفس ان کي ڌوکي ۾ وجهي ڪري گهٽو ڪارائي. جيڪڏهن ٿالھ ۾ سپ ملي ڪري ڪائي رهيا هجن ۽ پنهنجائپ جو ماحول هجي مثال طور سنّتن جي تربيت جو مدني قافلو هجي يا **دعوتِ اسلامي** جي جامعة المدينہ جو مدني ماحول تہ جيڪو اسلامي ڀاءُ يا طالبِ علم ”پيٽ جو قفلِ مدينہ“ لڳائڻ چاهي اهو ”مدني انعامات“ جي مطابق

ٿالهه مان پنهنجي **ٽڪر جي ٿانوَ** ۾ ضرورت جو کاڌو ڪڍي وٺي پر ٿالهه جي ويجهو ويهي ملي ڪري کائي. اهڙي موقعي تي جيڪڏهن گڏ کائڻ وارن کي بُرو لڳي ته سيني سان گڏ ملي ڪري ٿالهه ۾ ئي کائي. تنهن ڪري سيني کان محفوظ طريقو به اهو ئي آهي ته کاڌي جا گرهه مخصوص ڪري ڇڏي مثال طور **12** گرهن جي عادت بڻائي آهي ته سيني سان گڏ ملي ڪري کائڻ ۾ اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪا پريشاني نه ٿيندي جو تصوُّر ۾ ڳڻپ ڪري گرهه پورا ڪري سگهجن ٿا.

بھوک کا یا الٰہی قرینہ ملے پیٹ کا مجھ کو قفلِ مدینہ ملے
استِقامت کامَدَنی خزینہ ملے حرصِ لذّاتِ دنیا کبھی نا ملے

## ملائي (MIX) ڪري به کاڌو کائي سگهجي ٿو

**جيڪڏهن** گهر ۾ ڪيترن ئي قسمن جا کاڌا آهن مثال طور ماني، چانور، ڀاڄي، سموسا، مٺائي وغيره. ته ائين به ٿي سگهي ٿو ته ضرورت موجب سيني مان ٿورو ٿورو هڪ ئي ٿانوَ ۾ ڪڍي ڇڏيو ۽ سيني کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيو هن ريت جيڪڏهن لذت گهٽ به ٿي وڃي ته حرج ناهي جو اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان سان نفس تي ڪجهه نه ڪجهه دٻاءُ پوندو. پر عام دعوت ۾ احتياط ڪريو. ها جيڪڏهن **مدني ماحول** ۾ ئي دعوت آهي ۽ اوهان ڄاڻو ٿا ته ميزبان کي بُرو محسوس نه ٿيندو ۽ رياڪاري ۾ پوڻ جو به خطرو ناهي ته ملائي ڇڏڻ ۾ حرج ناهي. بهتر هي آهي ته ڪو هڪ اسلامي ڀاءُ ميزبان کي هي چئي ڇڏي، " **جيڪو جهڙيءَ** ريت کائڻ چاهي ڪيس ان ريت کائڻ جي اجازت ڏئي ڇڏيو" هاڻي جيڪڏهن اهو ها ڪري ته

سپ جي لاءِ اجازت تي ويئي. ڪنهن سگِ مدينه کي ٻُڌايو هيو تہ مون هڪ شخص کي ڏٺو تہ جڏهن دسترخوان تي مختلف قسم جا کاڌا آيا تہ انهن سيني مان تورو تورو ڪٽي پنهنجي ٿالهيءَ ۾ وجهي ڪري ملائي ڇڏيو! ڪنهن تعجب جو اظهار ڪيو، تہ چوڻ لڳا، ”پيٽ ۾ وڃي سيئي کاڌا ملي ويندا آهن مون اڳ ۾ ئي ملائي ڇڏيا.“

نَفْس کی چال میں نہ آئیں کاش!
ڈٹ کے کھانا کبھی نہ کھائیں کاش!

## پيِن جي موجودگي ۾ گهٽ کائڻ جو طريقو

**پيِن** جي موجودگيءَ ۾ رياڪاري يا ميزبان وغيره جي اصرار کان بچڻ جي لاءِ هڪ طريقو هي بہ تي سگهي ٿو تہ **ٺن آڱرين** سان ننڍا ننڍا گرهه ڪٽي خوب چباڙي کائو ۽ هميشہ انهن **سنّتن** جو خيال رکو. خاص ڪري دعوتن ۾ اڪثر ماڻهو جلدي جلدي کائيندا آهن انهيءَ ڪري تي سگهي ٿو کاڌي جي مشغوليت انهن کي توهان کان بي توجهه رکي. جيڪڏهن پوءِ بہ اوهان پاڻ کي جلد فارغ ٿيندو محسوس ڪريو تہ اطمينان سان هڏيون چوسيندا رهو. اميد آهي تہ اهڙيءَ ريت توهان سيني سان گڏ فراغت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندؤ. سيني جي آڌو جلدي جلدي هٿ روڪي وٺڻ جيڪڏهن **ريا** يعني ڏيکاءُ جي خاطر هجي جو ماڻهو سمجهن تہ نيڪ ماڻهو آهي ۽ تقويٰ جي سبب کان گهٽ ٿو کائي تہ ائين ڪرڻ حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. رياڪاريءَ کان پنهنجو پاڻ کي بچائڻ تمام ضروري آهي **سرڪارِ مدينه** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ

عبرت نشان آهي،” الله عَزَّوَجَلَّ ان عمل کي قبول ناهي فرمائيندو جنهن ۾ هڪ ذري برابر به ريا (يعني ڏيکاءُ) هجي.“
(الترغيب والترهيب ج1 ص 87)

جيڪڏهن ڪو تحديثِ نعمت جي لاءِ يا پيشوا پنهنجي ماتحتن، استاد پنهنجي شاگردن ۽ پير پنهنجي مريدن جي ترغيب جي لاءِ پنهنجو عمل ظاهر ڪري ته حرج ناهي. پر هتي به چڱيءَ طرح غور ڪرڻو پوندو جو واقعي تحديثِ نعمت يا ترغيب مقصود آهي يا نه. **جيڪڏهن دل جي گهرائيءَ ۾ به پنهنجي پرهيزگاريءَ جي ڌاڪ ڄمائڻ جي نيّت لِڪيل هجي ته پوءِ رياڪاري ۽ جهنّم جي حقداري آهي.**

## اخلاص قبوليت جي ڪنجي آهي

**بيشڪ** سچي عمر پيٽ پري ڪائي تڏهن به گناهگار ناهي ۽ جيڪڏهن زندگيءَ ۾ هڪ پيرو به رياڪار بڻيو ته گناهگار ۽ باهه جي عذاب جو حقدار آهي. اسلامي ڀائرن جي سامهون ته احتياط ڪري ٿورو ڪائي ته جيئن اهو تاثر قائم ٿئي ته واهه واهه! هن پيٽ جو قفلِ مدينه لڳايو آهي ۽ پوءِ ” ڪاوان ڪاوان“ ڪندو گهر پهچي ۽ ٻُڪايل شير جيان غذائن تي ڪِري پوي. اهڙو شخص پڪو رياڪار ۽ دوزخ جو حقدار آهي. بيشڪ اهو اسلامي ڀاءُ تمام عقلمند آهي جيڪو ٻين جي سامهون اهڙي طرح ڪائي جو ان جي گهٽ ڪائڻ جو ڪنهن کي اندازو نه ٿي سگهي ۽ گهر وغيره ۾ خوب چڱيءَ طرح **پيٽ جو قفلِ مدينه** لڳائي رکي. عمل مُرُڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ هئڻ گهرجي ڇوته **اخلاص قبوليت جي ڪنجي آهي.**

## گهٽ کائڻ واري جو امتحان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪو پيٽ جو قفلِ مدينه لڳائڻ يعني گهٽ کائڻ جي عادت بڻائڻ جي لاءِ رياضت جي شروعات ڪري ان جو امتحان هيئن ٻه ٿي سگهي ٿو ته ابتدائي طور تي ڪمزوري محسوس ٿئي، طبيعت ۾ چِڙ پيدا ٿيڻ لڳي، ڪجهه همدرد ٻه سمجهائڻ لڳن، ڪمزوريءَ کان ڊيڄارڻ لڳن ۽ اهڙيءَ ريت نفسياتي دٻاءُ وڌي. پوءِ گهٽ کائڻ جي برڪت سان هاضمي جي سرشتي ۾ بهتري اچڻ جي سبب ٿي سگهي ٿو کاڌو جلد هضم ٿئي ۽ جلدي جلدي بُک لڳڻ شروع ٿئي اهڙيءَ طرح کائڻ جو شوق ويتر وڌڻ لڳي. پوءِ جڏهن ٻه ڪٿي کاڌو پچي رهيو هوندو ته ان جي خوشبوءِ سان دماغ معطر ٿي ويندو ۽ وات پاڻي پاڻي ٿي ويندو، دل چوندي بس اڄ ته پيٽ ڀري ئي کاوان اهڙيءَ ريت گهر ۾ مختلف قسمن جون غذائون، انهن جي خوشبو بالخصوص **رمضان المبارڪ** ۾ افطار جي وقت شديد بُک ۽ اڄ ۽ سامهون وري لذيذ کاڌن جو ٿالهه ۽ قربانيءَ واري عيد ۾ گوشت جا انبار، سيخ تي چڙهيل ٻوٽين جي پُڄڻ جي بُک وڌائڻ واري خوشبوءِ ۾ ڀريل دونهون ۽ قسم قسم جا کاڌا توهان جو امتحان وٺندا رهندا، پر توهان همٿ نه هاريو، هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ياد ڪندا رهو،

اَفْضَلُ الْعِبَادَاتِ اَحْمَزُهَا يعني عبادتن ۾ افضل عبادت اها آهي جنهن ۾ زحمت (يعني تڪليف) وڌيڪ آهي.

(ڪشف الخفاء ج1 ص175)

## لڳاتار چاليهن ڏينهن تائين گهٽ کائو

ائين به ٿي سگهي ٿو جو ڪجهه ڏينهن پيٽ جو قفلِ مدينه لڳل رهي ۽ پوءِ استقامت نه رهي ۽ خوب کائڻ پيئڻ جو سلسلو شروع ٿي وڃي پر توهان همٿ نه هاريو، جدوجهد جاري رکو، هر ڀيري نئين طريقي سان ترڪيب ٺاهيندا رهو. مثال طور ڪڏهن نيّت ڪريو ته بِسۡمِ اللّٰه جي ستن اکرن جي نسبت سان ست ڏينهن **پيٽ جو قفلِ مدينه** لڳائيندس. انهيءَ ريت ربيع النور شريف جا 12 ڏينهن، شعبان المعظم جا 15 ڏينهن، رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي ۾ **پيٽ جو قفلِ مدينه** لڳايو. ڪوشش ڪريو ته ڪڏهن لڳاتار 40 ڏينهن تائين گهٽ کائڻ جي به سعادت ملي وڃي. اِن شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان استقامت به ملي ويندي. جيئن حضرتِ سيّدُنا وهب بن منبه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا، ” **جيڪو ماڻهو ڪنهن شيءِ کي چاليهن ڏينهن تائين پنهنجي عادت بڻائي ته الله تبارڪ وتعاليٰ ان کي** (يعني ان شيءِ کي) **ان جي طبيعت بڻائي ڇڏيندو آهي**.

**(الرسالة القشيريه ص 243)**

میں کم کھانا کھانے کی عادت بناؤں
خدایا کرم! استِقامت بھی پاؤں

## گهٽ کائڻ تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ

پيٽ جو قفلِ مدينه لڳي وڃي ۽ بُک کان گهٽ کائڻ جي عادت پئجي وڃي ان نيت سان ڪڏهن ڪڏهن ٻه رڪعتون **صلوٰة الحاجت** (عام نفلن وانگر) ادا ڪري ۽ ڪڏهن ائين ئي پيٽ جي قفلِ مدينه تي استقامت ۽ ڪاڏي جو لالچ ۽ شوق

ختم ٿيڻ جي لاءِ دعا ڪريو. گڏوگڏ **فيضانِ سنت** (جلد پهريون) جو اهو ئي باب يعني ”**پيٽ جو قفلِ مدينه**“ هر مهيني يا جڏهن ڪاڏي جو حرص وري وڌڻ لڳي ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهي يا ٻُڌي ونو، ۽ پڻ احياءُ العلوم ج 3 مان بہ پيٽ ڀري کائڻ جي آفتن وارو مضمون پڙهي ونو، تہ اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ تمام گهڻو فائدو ٿيندو ۽ هيءَ ڳالهہ چڱيءَ طرح ذهن ۾ ويهاريو تہ **پيٽ جو قفلِ مدينه** يعني بُک کان گهٽ کائڻ توهان کي رُڳو ڪجهہ ڏينهن ڏکيو لڳندو ۽ اهو بہ گهڻي قدر ان وقت تائين جو **دسترخوان** تي وينا هوندؤ، دسترخوان ڪٽڻ کان پوءِ اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ توجهہ هٽي ويندي. انهيءَ کانپوءِ جڏهن **پيٽ جي قفلِ مدينه** جي عادت پئجي ويندي ۽ ان جي برڪتن جو مشاهدو فرمائيندؤ تہ وڌيڪ کائڻ لاءِ اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ دل بہ نہ چاهيندي. توهان همت ڪريو اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ڏکيائي کان پوءِ آساني تي ئي ويندي. **الله** عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

فَاِنَّ مَعَ الْعُسْرِ یُسْرًاۙ(۵) اِنَّ مَعَ الْعُسْرِ یُسْرًاؕ(۶)

ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ بيشڪ ڏک سان گڏ سک آهي، بيشڪ ڏک پٺيان سک آهي.

(پ 30 سُوْرَۃُ اَلَمْ نَشْرَحْ آيت ۵-۶)

## ڪڙي نصيحت

**جيڪڏهن بُک** کان گهٽ کائڻ جي اجان تائين ترڪيب نہ بہ هئي تہ جنهن جو **مدني ذهن** هوندو اهو پاڻ ئي اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ پنهنجي ترڪيب ٺاهيندو ۽ **پيٽ جو قفلِ مدينه** لڳائي ونندو ۽ جيڪڏهن سندس پڪو **ارادو** هوندو تہ ان جو طريقيڪار بہ پاڻ ئي ٺاهي ونندو ۽ جيڪو ويچارو ”**جوع الکلب**“

جو مريض ۾ گهڻو کائڻ تي حريص هوندو ان جي لاءِ کوڙ ساريون تحريرون ۾ کيترائي بيانات بہ ناکافي آهن. شايد هيءَ تحرير بہ ان جي نظر کان گذري ويندي، ٻُڌو اڻ ٻُڌو ڪري ڇڏيندو، ٺڏيءَ دل سان غور ڪرڻ جي زحمت گوارا (يعني پسند) نہ ڪندو. بلڪ عين ممڪن آهي تہ مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ "پيٽ جو قفلِ مدينه" تي تنقيد تي لهي اچي. اهڙي شخص جي بابت ۾ هڪ بزرگ رَحْمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيْه بلڪل سچ فرمايو، " پيٽ پري کائڻ واري کي جڏهن نصيحت ڪئي ويندي آهي تہ ان جو ذهن قبول ئي ناهي ڪندو. "(نزهة المجالس ج1 ص 178) تہ اهڙو شخص نفس ۾ شيطان جي مشوري موجب بلڪل نين لذتن جي لاءِ راهون سِڌيون ڪندو رهندو ۾ مختلف قسمن جا کاڌا ٺاهڻ جا طريقا معلوم ڪرڻ جي لاءِ بازار مان ڪتاب آڻيندو۽ مختلف حيلن بهانن سان لذيذ غذائون گهرائيندو، هرهر کائيندو، بيت الخلا جا خوب چڪر لڳائيندو، جسم تي چربي چاڙهيندو، بدن وڌائيندو، ڊاڪٽرن کي پنهنجو بگڙيل پيٽ ڏيکاريندو ۾ علاج تي پاڻي جيان پيسا هاريندو رهندو. جڏهن تہ هن جي بيمارين جو علاج پاڻ هن وٽ موجود آهي، جيڪڏهن پيٽ جو **قفلِ مدينه** لڳائي تہ بيمارين ۾ دوائن ۾ ڊاڪٽرن جي خرچ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهي ٿو. پر جنهن پنهنجي زندگيءَ جو اصول "خور دن براءِ زيستن "يعني" جيئڻ جي لاءِ کائڻ " جي بدران " يستن براءِ خوردن"يعني" **ڪائڻ جي لاءِ جيئڻ** " **ٻڌايو آهي.** **اهو نادان صحتمند زندگي گذاري ئي نہ ٿو سگهي.**

پھول کی پتّی سے کٹ سکتا ہے ہِیرے کا جگر

مردِ ناداں پر کلامِ نرم و نازک بے اثر

يا ربِّ مصطفيٰ! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توکي اسان جي مٺي مٺي آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ بُک ۽ ان جي سبب پيٽ مبارڪ تي ٻڌل بامقدّر نوراني پٿر جو واسطو اسان کي گھٽ کائڻ، گھٽ سمھڻ ۽ گھٽ ڳالھائڻ جي نعمتن سان نواز. صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جي بُک شريف جو صدقو اسان سيني کي بـہ عافيّت واري بُک ۽ پيٽ جو قفلِ مدينه لڳائڻ جي سعادت عطا فرماءِ.

الٰہی پیٹ کا قفل مدینہ کر عطا ہم کو
کرم سے استقامت کا خزینہ کر عطا ہم کو

اٰمين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**دعوت اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو فڪر مدينہ جي ذريعي مدني انعامات جو ڪارڊ پري ھر مدني مھيني جي ڏھن ڏينھن جي اندر اندر پنھنجي علائقي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ، گناھن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪرمند رھڻ جو ذھن بڻجندو.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُ اللّٰه
صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# 52 حڪايتون

## (1) سيدنا جابر جي گهر دعوت

مشهور صحابي حضرتِ سيّدُنا جابر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، غزوهءِ خندق جي موقعي تي اسين خندق (يعني کاهي) کوٽي رهيا هئاسين تہ هڪ سخت ڇپ سامهون اچي ويئي. صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان بارگاهِ خيرالانام صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو، کاهيءَ ۾ هڪ ڇپ سامهون اچي ويئي آهي، فرمايائون، ” آءُ لهي ٿو اچان“. پوءِ پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اٿيا ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيٽ مبارڪ تي پٿر ٻَڌل هئا ۽ اسان بہ ٽن ڏينهن کان ڪجھ نہ چکيو (کاڌو) هو. مدني لجپال، سيّده آمنہ جي لال، محبوب رب ذوالجلال صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٽيڪم کنيو ۽ ڌڪ هنيو تہ اها ڇپ ڀڄي ڀُتي ڪري مٽيءَ جو ڍير بڻجي وئي. مون عرض ڪيو، يا رسول الله! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! مون کي گهر وڃڻ جي اجازت عطا فرمايو. (اجازت ملڻ تي گهر اچي) مون پنهنجي گهرواري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا کي چيو، مون تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ان حالت ۾ ڏٺو آهي جو صبر نہ ٿو ڪري سگهان. ڇا توهان وٽ ڪا (کائڻ جي) شيءِ آهي؟ انهن وراڻيو. جَوَ ۽ هڪ ٻڪري آهي. مون ٻڪريءَ کي ذبح ڪيو ۽ جَوَن کي پيسيو ايسيتائين جو اسان ٻنهي گوشت ديگڙيءَ ۾ وجهي ڇڏيو. آءُ بارگاهِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿيس ان وقت اٽو نرم ٿي ماني پچڻ جي قابل ٿي ويو هيو ۽ ديگڙي چلھ تي پچڻ واري هئي. (مون عرض ڪيو) يا رسول الله! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون وٽ ٿورڙو

ڪاڏو آهي. اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف وٺي هلو ۽ هڪ يا ٻن ماڻهن کي پاڻ سان گڏ وٺي هلو. فرمايائون،” ڪاڏو ڪيترو آهي؟“ مون مقدار ٻڌايو تہ فرمايائون، ”تمام گهڻو آهي ۽ پلو آهي.“ ”پنهنجي گهرواريءَ کي) چئو تہ منهنجي اچڻ کان اڳ ۾ چلهہ تان ديڳڙي لاهي ۽ نہ ئي تنور مان مانيون ڪڍي.“ (پوءِ) پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي) فرمايائون:” اٿو “ مهاجرين ۽ انصار عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان اٿي بيٺا. (سيِّدُنا جابر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا) آءُ پنهنجي گهرواريءَ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا وٽ ويس ۽ چيم ،”توهان جو پلو ٿئي، سرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مهاجرين، انصار عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ جيڪي ماڻهو پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هئا تشريف فرما ٿيا آهن.“ چوڻ لڳيون، ”ڇا سرڪار عالي وقار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان کان پُڇيو هيو؟“مون چيو،”ها.“(ايتري ۾) رحمتِ عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي) فرمايو،” اندر داخل ٿيو ۽ رش نہ ڪريو. حضورِ اڪرم، نورِ مجسم، نَيِّرِاعظم، رسولِ محتشم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (پنهنجي هٿ مبارڪ سان) **ماني ٽوڙڻ ۽ ان تي گوشت رکڻ شروع ڪيو جڏهن پاڻ سڳورا** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **ماني ۽ گوشت ڪڍي پيا وٺن تہ ديڳڙي ۽ تنور کي ڍڪي پيا ڇڏين،** ۽ ڪاڏو صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي عطا فرمائيندا پيا وڃن ۽ پوءِ وري ڍڪڻ لاهن پيا. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهڙيءَ طرح مانيءَ کي ٽوڙيندا ۽ ديڳڙيءَ مان گوشت ڪڍندا رهيا، ايتري تائين جو صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ڍؤ ڪري ويا ۽ ڪاڏو بچي پيو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(انهن ڪي) فرمايائون، ”توهان پاڻ بہ ڪائو ۽ ماڻهن ڪي تحفي ۾ بہ ڏيو ڇو تہ ماڻهو **بُک** ۾ مبتلا آهن.“ **(صحيح بخاري ج5 ص 55 رقم الحديث 4101)**

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن **مدني حڪايت** مان درس مليو تہ اسان جي مٺي مٺي آقا، مديني واري مصطفٰى صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بُک مبارڪ اختياري هئي تڏهن تہ هڪ پاسي بُک ڪان پيٽ مبارڪ تي پٿر ٻَڌي رکيو هئائون ۽ ٻئي پاسي هڪ ئي ديڳڙيءَ مان بيشمار صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ڪي ڍؤ ڪرايائون. هن **معجزي** ۾ حڪمت جا هزارين مدني گل آهن انهن مان هڪ هيءُ بہ **مدني گل** آهي تہ اسان جا مدني حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لاچار ۽ مجبور ناهن، پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان ٻنهي جهانن جي خزانن جا مالڪ ۽ مختار آهن. هن مدني حڪايت مان هيءُ بہ **درس** مليو تہ شاهِ خيرالانام ۽ صحابهءِ ڪرام صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم و عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان خوب تڪليفون برداشت ڪري، بُک ۾ رهي ڪري ۽ پنهنجي مبارڪ پيٽ تي پٿر ٻَڌي ڪري نيڪيءَ جي دعوت عام فرمايائون ۽ آهہ! هڪ اسان بہ آهيون جو هر قسم جون آسائشون موجود هجڻ جي باوجود راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ معمولي تڪليف ڪٽڻ جي لاءِ بہ تيار ناهيون ٿيندا. يقينًا هاڻي ڪو نبي نہ ايندو. مسلمانن ڪي ئي **نيڪيءَ جي دعوت** جو عظيم فرض نڀائڻو آهي. خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اڄ مسلمانن جي حالت تمام خراب ٿي چُڪي آهي. مسجدن جي ويراني ڏسي دل رت روئي رهي آهي. هڪ عبرت انگيز واقعو سماعت فرمايو:

## (2) مدني قافلي مسجد آباد ڪئي

**هڪ** اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي، سنّتن جي تربيت لاءِ دعوتِ اسلامي واري عاشقانِ رسول جو 12 ڏينهن جو **مدني قافلو** بابُ المدينه (ڪراچي) کان پنجاب جي هڪ شهر **سوهاوا** جي هڪ مسجد ۾ پهتو، دروازي تي تالو هيو، جيئن تيئن چابي حاصل ڪئي، دروازو کوليو تہ هر شيءِ مٿيءَ سان ڀريل هئي، ائين پئي لڳو ڄڻ ڪافي عرصي کان مسجد بند پئي آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسان ملي جُلي ڪري صفائي ڪئي، **علائقائي دورو** ڪري شهر جي ماڻهن کي **نيڪيءَ جي دعوت** پيش ڪري مسجد ۾ اچڻ جي التجا ڪئي. افسوس! اسان جي اخلاص جي گهٽتائي جي سبب هڪ شخص بہ گڏ نہ آيو، پر اسان همت نہ هاري. الله عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺي ويجهو ئي راند جي ميدان ۾ داخل ٿياسين ۽ ڊجندي ڊجندي راند ۾ مشغول نوجوانن جي خدمت ۾ **نيڪيءَ جي دعوت** پيش ڪئي سون. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ انهن جي دل تي اثر ٿيو، ڪيترائي نوجوان هٿوهٿ اسان سان گڏ هلڻ لڳا، مسجد اچي اسان سان گڏ نمازون پڙهڻ ۽ سنّتن ڀريا بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيائون، اسان جي گذارش تي انهن هن مسجد کي آباد ڪرڻ جي نيّت ڪئي، اهو منظر ڏسي اتي موجود تقريبًا 70 ورهين جا هڪ بزرگ روئي ڪري فرمائڻ لڳا، مان تہ ماڻهن کي مسجد آباد ڪرڻ جي لاءِ چوندو هيس پر منهنجي ٻُڌي ڪير؟ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **اڄ عاشقانِ رسول جي مدني قافلي جي برڪت سان اسان جي مسجد آباد ٿي ويئي آهي.**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد
تُوْبُوْا اِلَی اللّٰہ اَسْتَغْفِرُاللّٰہ
صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (3) 80 صحابہ ءِ ڌوڙڙو ڪاڌو

حضرتِ سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، حضرتِ سيّدُنا ابو طلحه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ (گھر تشريف ڪٽي اچي) حضرتِ سيّدتنا ام سُليم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا کي فرمايو، مون حضور پُرنُور، شافع يوم النُّشُور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڪمزور آواز کي ٻُڌو جنھن سان مون کي سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بُک جو علم ٿيو. ڇا توھان وٽ ڪا (ڪائڻ جي) شيءِ آھي؟ ام سُليم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا عرض ڪيو، جي ھا. پوءِ انھن جَوَ جي مانيءَ جا ڪجھه ٽڪرا ڪڍيا، پنھنجو رئو ڪٽي ان جي ھڪ حصي ۾ مانيءَ کي ويڙھيو ۽ ان کي منھنجي ڪپڙن جي ھينان لِڪائي ڇڏيو ۽ رَئي جو باقي حصو منھنجي (يعني سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي) مٿان ويڙھي ڇڏيائون ۽ پوءِ مون کي تاجدارِ رسالت، ماهِ نُبُوَّت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت سراپا عظمت ۾ موڪليائون. آءُ اھا ماني ڪٽي حاضر ٿيس، ٽڏھن ڏٺم تہ راحتِ ھر قلبِ ناشاد، محبوبِ ربُّ العباد صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪثير ماڻھن سان گڏ مسجد ۾ تشريف فرما آھن. آءُ اتي بيھي رھيس تہ الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہٌ عَنِ العُيُوب صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (غيب جي خبر ڏيندي) فرمايو، ڇا توھان کي ابو طلحه موڪليو آھي؟ مون عرض ڪيو، جي ھا يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

فرمايائون چا ڪاڏي جي لاءِ؟“ مون عرض ڪيو، جي سرڪار. شاهِ خيرالانام صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي فرمايو، ” هلو. سيئي هلڻ لڳا ۽ آءُ انهن جي آڏو آڏو هلڻ لڳس. ايسيتائين جو مان حضرتِ سيّدُنا ابوطلحه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ وٽ آيس ۽ انهن کي صورت حال کان آگاهه ڪيم. حضرتِ سيّدُنا ابو طلحه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو. اي امِّ سُليم! (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا) مديني جا شهنشاهه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن سان گڏ تشريف ڪٺي اچي رهيا آهن ۽ اسان وٽ ڪجهه ناهي جو انهن سيني کي کارايون. حضرتِ سيّدتنا امِ سُليم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا وراڻيو، **الله ورسوله اعلم يعني الله تعاليٰ** ۽ ان جا رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي بهتر ڄاڻين ٿا. حضرتِ سيّدُنا ابوطلحه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ هليا ايتري تائين جو سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. شهنشاهِ ڪونين، رحمتِ دارين، ڏکويل دلين جي چين، ناناءِ حسنين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان سان گڏ گهر تشريف وٺي آيا. سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، اي ام سُليم! جيڪو ڪجهه توهان وٽ آهي ڪٺي اچو. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا اهي ئي مانيءَ (جا ٽڪرا) ڪٺي آيون مديني واري آقا، مني مني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حڪم سان ماني کي ٽوڙيو ويو. پوءِ حضرتِ سيّدتنا ام سُليم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا ان تي گيهه جو ٿانءُ پلٽيو. ۽ ان کي ڀاڄيءَ جي طور تي استعمال ڪيائون. پوءِ سرڪارِ نامدار، باذن پروردگار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪو ڪجهه الله عَزَّوَجَلَّ کي منظور هيو اهو ان تي پڙهيو. پوءِ فرمايائون، ” ڏهن کي اندر اچڻ جي

اجازت ڏيو.“ انهن ڏهن ماڻهن کي گهرايو. انهن ڪاڌو ايسيتائين جو ڍؤ ڪري ويا. پوءِ ٻاهر نڪتا. پوءِ فرمايائون ”وڌيڪ **ڏهن** کي گهرايو.“ انهن ڏهن کي گهرايو. انهن به ڪاڌو ۽ ٻاهر هليا ويا. وري فرمايائون، ” وڌيڪ **ڏهن** کي گهرايو.“ ايسيتائين جو سڄي قوم ماني ڪاڌي ۽ سڀ ڍؤ ڪري ويا. اها قوم **ستر** يا **اسي** صحابه عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان تي مشتمل هئي (مسلم ج2 ص 178رقم الحديث 2040) **هڪ** روايت ۾ آهي. لڳاتار ڏهه ڏهه ماڻهو اندر داخل ٿيندا رهيا ۽ ڏهه ماڻهو ٻاهر نڪرندا رهيا ايتري تائين جو انهن مان ڪو به اهڙو نه رهيو جنهن اندر وڃي ڪاڌو نه ڪاڌو هجي ۽ سڀ ڍؤ ڪري ويا. سرڪارِ مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان ڪاڌي کي گڏ ڪيو ته اهو اوتروئي هيو جيترو کائڻ کان پهريان هيو. **هڪ** ٻي روايت ۾ آهي، ڏهه ڏهه صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ڪاڌو تناوُل فرمائيندا رهيا ايتري تائين جو اسي صحابه عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ڪاڌو کائي ورتو. تنهن کان پوءِ شهنشاهِ زمانه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ اهلِ خانه (يعني گهر وارن) ماني کاڌي ۽ پوءِ به ڪاڌو **بچي** پيو. **وڌيڪ هڪ** روايت ۾ هي به آهي، ”جيڪو ڪاڌو بچي پيو اهو انهن پاڙيسرين کي ڏنو.“

**(صحيح مسلم ج2 ص 178 رقم الحديث 2040)**

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي**

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اهو سرڪارِ مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو **معجزو** هيو جو ته ظاهري طور تي مختصر ڪاڌو 80 صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي کائڻ جي باوجود اوتري جو اوترو ئي رهيو.

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! تاجدارِ رسالت، قاسمِ نعمت، سراپا رحمت، مالڪِ جنّت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڇا ته شان ۽ عظمت آهي؟ جو پاڻ ٻُڪايل رهڻ ۽ پنهنجي غلامن کي خوب خوب نعمتون ڪارائين. سندن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان ايمان جي تازگيءَ جو ذريعو آهي.

اِنَّمَا اَنَا قَاسِمٌ وَّاللّٰهُ يُعْطِي
(بخاري ج1 ص 30 رقم الحديث 71)

يعني الله عَزَّوَجَلَّ عطا ڪندو آهي ۽ آءٌ تقسيم ڪندو آهيان

ربّ ہے مُعطی یہ ہیں قاسم — رِزق اُس کا ہے کھلاتے یہ ہیں
ٹھنڈا ٹھنڈا میٹھا میٹھا — پیتے ہم ہیں پلاتے یہ ہیں
اُس کی بخشش اِن کا صَدقہ — دیتا وہ ہے دِلاتے یہ ہیں
اِنَّآ اَعْطَيْنٰكَ الْكَوْثَر — ساری کثرت پاتے یہ ہیں
کہہ دو رضاؔ سے خوش ہو خوش رہ
مژدہ رِضا کا سناتے یہ ہیں

## (4) وڏي قدواري مڇي

حضرتِ سيّدُنا **ابوعبدالله جابر بن عبدالله** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمائن ٿا، امام المبلغين، سرور دنيا و دين، محبوب ربُّ العٰلمين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان (ٽي سؤ ماڻهن) کي قريش جي مقابلي تي موڪليو ۽ حضرتِ سيّدُنا **ابوعُبيده** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي اسان جو سپهه سالار مقرّر فرمايو ۽ ڪارڪن جي هڪ بوري بطور زادِ راهه (سفر ۾ کائڻ لاءِ) عنايت فرمائي. حضرتِ سيّدُنا ابو عُبيده رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ اسان کي (روزانو) هڪ هڪ **ڪارڪ** عطا فرمائيندا هئا. پُڇيو ويو، اوهان حضرات رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُم هڪ ڪارڪ سان ڪيئن گذارو ڪندا هئا؟ تڏهن

فرمايائون، اسان ان کي چوسيندا هئاسين جهڙيءَ طرح ٻار چوسيندو آهي ۽ پوءِ مٿان پاڻي پي ڇڏيندا هئاسين. تہ اها (کارڪ) ان ڏينهن رات تائين اسان جي لاءِ ڪافي ٿي ويندي هئي. اسان پنهنجي نيزن سان وڻن جا پن (جن کي اُٺ کائيندا آهن) ڪيرائيندا هئاسين ۽ انهن کي پاڻيءَ ۾ ڀڄائي کائيندا هئاسين. فرمائن ٿا، اسان **سمنڊ جي ڪناري** ڪان گذري رهيا هياسين تہ (پري ڪان) ڪناري تي واريءَ جي وڏي دڙي جيان ڪا شيءِ نظر آئي. اسين ويجهو پهچي ڏٺوسين تہ اهو جاندار (جو مُردو) آهي جنهن کي عنبر (مڇي) چيو وڃي ٿو. حضرتِ سيّدُنا ابو عُبيده رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ جن فرمايو، هي مُردار آهي. وري پاڻ ئي فرمايائون، نہ پر اسان **رسول الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا موڪليل آهيون ۽ اسين راهِ **خدا** عَزَّوَجَلَّ ۾ (گهرن کان نڪتا) آهيون ۽ اوهان حضرات (عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) اضطراري **(يعني مجبوريءَ جي) حالت** ۾ آهيو ان لاءِ (هن کي) کائي وٺو. اسان هڪ مهينو ان تي گذارو ڪيو ۽ اسان ٽي سؤ (ماڻهو) هئاسين ايستائين جو اسين ڪافي صحتمند ٿي وياسين. مون کي ياد آهي تہ اسان ان جي اک جي کوپي مان مٿ ڀري ڀري چربي ڪڍندا هئاسين ۽ اسان ان (مڇيءَ) مان ڏاند جيترا وڏا وڏا ٽڪرا ڪٽيندا هئاسين. (هن مڇي جي اک جو کوپو ايڏو تہ وڏو هو جو) حضرتِ سيّدُنا ابو عُبيده رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ اسان مان تيرهن ماڻهن کي ان جي اک جي کوپي ۾ ويهاري ڇڏيو (تہ سڀ ويهجي وياسين). ان جي هڪ **پاسراٽيءَ** کي پڪڙي (ڪمان جيان) سڌو ڪري پوءِ هڪ وڏي **اُٺ** تي ڏولي رکي سون تہ اهو ان (پاسراٽيءَ جي ڪمان) جي هيٺان گذري

ويو، ۾ اسان ان جي خشڪ گوشت جا ٽڪرا بطور زادِ راهه (يعني سفر ۾ استعمال لاءِ) ساڻ رکي ڇڏيا. جڏهن اسان مدينهءِ منوره پهتاسين ۾ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان ان جو ذڪر ڪيوسين تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، "اهو رزق هيو جيڪو الله تعالى توهان جي لاءِ پيدا فرمايو. ڇا توهان وٽ ان گوشت مان ڪجهہ آهي؟ (جيڪڏهن هجي تہ) اسان کي بہ کارايو. اسان حضور پاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ ان (مڇيءَ) جو **گوشت** موڪليو تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تناوُل فرمايو. **(صحيح مسلم ج2 ص 147 رقم الحديث 1935)**

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (5) اَمِيْنُ الْاُمَّة

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي جذبي ۽ ولولي تان قربان! اهڙي تنگي ۽ مفلسي جو روزانو هڪ کارڪ ۽ وڻن جا پن کائي ڪري بہ راهِ خُدا عَزَّوَجَلَّ ۾ دشمنن سان وڙهندا ۽ پنهنجون جانيون قربان ڪندا هئا. هاڻي جيڪا حڪايت اوهان ملاحظه فرمائي هن مهم جو نالو **سيفُ البَحر** آهي. هن کي "جيش العسره" بہ چوندا آهن. ٽي سؤ جانبازن جي فوج جا سپهہ سالار حضرتِ سيّدُنا ابو عبيده بن الجراح رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ "عشرهءِ مبشره" مان هئا، بارگاهِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان انهن کي "اَمِيْنُ الْاُمَّة (يعني امت جا امانت دار) جو پيارو لقب عطا ٿيو هو. اسلام جي ابتدا ۾

حضرتِ سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي **انفرادي ڪوشش** جي نتيجي ۾ مسلمان ٿيا هئا. نهايت ئي دلير، شير دل، قد آور هئا ۽ چهري مبارڪ تي گوشت گهٽ هيو. غزوهءِ احد جي موقعي تي مديني جي تاجدار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رخسار پُرانوار ۾ خود (يعني لوهہ جو ٽوپ جيڪو جنگ ۾ بچاءَ لاءِ پاتو ويجي ٿو) جون ٻہ ڪڙيون (گوشت ۾) کُهڙي ويون هيون. انهن (يعني ابو عبيده رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ) پنهنجي (مبارڪ) ڏندن سان انهن کي ڇڪي ڪڍيو هن سبب ڪان پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جا ٻہ اڳيان ڏند شهيد ٿي ويا هئا.

**(الاصابہ ج3 ص 476)**

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **جيش العسره** جي موقعي تي قد آور **مڇيءَ** جو ملي وڃڻ، هڪ مهيني تائين ساڻ کڻي وڃڻ، مدينهءِ منوره ٻہ ساڻ کڻي اچڻ، **مڇيءَ جي گوشت** جي ذائقي ۾ تغيّر (يعني تبديلي) نہ اچڻ هي سڀ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان سيّدُنا ابو عبيده بن جرّاح رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ۽ صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جون برڪتون ۽ ڪرامتون هيون. راهِ خُدا عَزَّوَجَلَّ ۾ جيڪو ٻہ سفر ڪندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جون ان تي خوب رحمتون هونديون آهن. مصيبتن ۾ ٻہ عظمتون حاصل ٿينديون آهن ۽ راحتون تہ وري ٻہ راحتون آهن. هر مسلمان کي صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي انهن عظيم قربانين مان درس حاصل ڪندي اسلام جي خدمت جي لاءِ هر وقت تيار رهڻ گهرجي.

اَلحَمدُللّٰہ عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي هر فرد جو هي مدني مقصد آهي ."مون کي پنهنجي ۽ سجي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي." هن مدني مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جا **مدني قافلا** سنّتن جي تربيت جي لاءِ شهر شهر ڳوٺ ڳوٺ سفر ڪندا رهندا آهن، هر مسلمان کي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ان جون برڪتون حاصل ڪرڻ گهرجن. راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر تي نڪتل مقدس افراد جي **قد آور مچيءَ** جي ذريعي غيبي امداد جي حڪايت اوهان هاڻي ملاحظ فرمائي.

اَلحَمدُللّٰہ عَزَّوَجَلَّ اڄ بہ جيڪي اخلاص سان اسلام جي خدمت جي تڙپ ڪٽي گهرن کان نڪرن ٿا اهي محروم ناهن رهندا. جيئن تہ دعوتِ اسلامي جي **مدني قافلي جي بهار** ملاحظ فرمايو:

تُوبُوا اِلَی اللّٰہ　　　اَستَغفِرُاللّٰہ

## (6) دل جو مريض ٺيڪ ٿي ويو

بابُ المدينہ ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ کي دل جي تڪليف ٿي، ڊاڪٽر ٻُڌايو تہ توهان جي دل جون ٻہ نليون بند آهن، اينجيو گرافي (ANGIOGRAPHY) ڪرايو. علاج تي هزارين روپيا خرچ اچڻو هيو، هي ويچارا غريب گهٻرايل هئا، هڪ اسلامي ڀاءُ انهن تي **انفرادي ڪوشش** ڪندي **دعوت اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ سفر ڪري اتي دعا گهرڻ جي ترغيب

ڏياري، اهڙيءَ ريت اهي ٽن ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي جا مسافر بڻيا، واپسيءَ تي طبيعت کي بهتر محسوس ڪيائون. جڏهن ٽيسٽ ڪرايائون تہ سيئي رپورٽون درست هيون. **ڊاڪٽر** حيرت مان پُڇيو تہ توهان جي دل جون بہ بند نليون کُلي چُڪيون آهن. آخر هي ڪيئن ٿيو؟ جواب ڏنائون اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي جي مدني قافلي ۾ سفر ڪري دعا گهرڻ جي برڪت سان مون کي خطرناڪ مرض کان ڇوٽڪارو ملي ويو آهي.**

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سُنّتیں قافلے میں چلو
دل میں گر درد ہو ڈر سے رُخ زرد ہو
پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (7) يحيٰي عَلَيْهِ السَّلام ۽ شيطان

**منقول آهي،** حضرتِ سيّدُنا يحيىٰ عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هڪ ڀيري شيطان وٽ تمام گهڻا ڄار ڏسي پُڇيو، هي ڇا آهي؟ ان جواب ڏنو، هي **شهوتن** (خواهشن) **جا ڄار** آهن جن سان مان ماڻهن جو شڪار ڪندو آهيان. پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام پُڇيائون، ڇا مون کي ڦاسائڻ جي لاءِ ان مان ڪو ڄار آهي؟ ان وراڻيو، ”نہ، پر رُڳو هڪ رات اوهان (عَلَيْهِ السَّلَام) ڪاڌو پيٽ ڀري ڪاڌو، تہ مون ان رات اوهان (عَلَيْهِ السَّلَام) تي نماز کي ڏکيو ڪري ڇڏيو. حضرتِ سيّدُنا يحيىٰ عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بُڌي فرمايو، خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! ٻيهر آءُ ڪڏهن بہ پيٽ ڀري نہ کائيندس.“ شيطان چوڻ لڳو، ”مان بہ ٻيهر ڪڏهن بہ ڪنهن کي اهڙي (فائدي واري) ڳالهہ نہ ٻڌائيندس.

(منهاج العابدين ص 93)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عبادت ۾ ڪڏهن لذت ايندي آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي حڪايت نقل ڪرڻ کان بعد **حجة الاسلام** حضرتِ سيِّدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، ”هي ان معصوم هستيءَ جو حال آهي جنهن سڄي عمر ۾ هڪ ڀيرو ڍؤ ڪري کاڌو، ته ان جو ڇا حال هوندو جنهن سڄي عمر ۾ رُڳو هڪ ڀيرو (اهو به ڪنهن مجبوريءَ جي تحت) پيٽ کي بُکيو رکيو هجي؟ڇا اهڙو شخص عبادت ۾ لذت جي اميد ڪري سگهي ٿو؟ پيٽ ڀري ڪري کائڻ سان عبادت ۾ گهٽتائي واقع ٿيندي آهي. ڇو ته انسان جڏهن خوب پيٽ ڀري ڪري کائي وٺندو آهي ته ان جو بدن وزندار ٿي ويندو آهي، اکين ۾ ننڊ ڀرجي ويندي آهي، ۽ عضوا سُست ٿي ويندا آهن، ڪوشش جي باوجود ڪو ڪم ناهي ڪري سگهندو، هر وقت زمين تي مُردي جيان پيو رهندو آهي، جيئن ويو آهي،”جڏهن تون پيٽُو بڻجي وڃين ته پوءِ پنهنجو پاڻ کي زنجير ۾ جڪڙيل سمجهه“. حضرتِ سيِّدُنا **ابو سليمان داراني** قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي فرمائن ٿا، ” آءُ عبادت ۾ سيني کان وڏيڪ ميناج ان وقت محسوس ڪندو آهيان جڏهن بُک جي سبب کان منهنجو پيٽ پُٺيءَ سان لڳل هجي“.

(منهاج العابدين ص 93)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (8) ڪير الٽي ڪري ٻاهر ڪڍيو!

هڪ ڀيري اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ جي غلام پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي خدمت ۾ کير آندو. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ ان کي پي چڏيائون. غلام عرض ڪيو، مان پهريان جڏهن به ڪا شيءِ پيش ڪندو هيس ته اوهان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ ان جي بابت پُڇندا هئا پر هن کير بابت ڪجهه نه پُڇيو؟ اهو ٻُڌي پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ پُڇيائون، هي کير ڪهڙو آهي؟ غلام وراڻيو ته مون جاهليت واري زماني ۾ هڪ بيمار تي **منتر** ڪيو هيو جنهن جي معاوضي ۾ اڄ ان هي کير ڏنو آهي. حضرتِ سيّدُنا صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ هي ٻُڌي پنهنجي ڳِڙيءَ ۾ آڱر وجهي **کير الٽي ڪري ٻاهر ڪڍي ڇڏيو**. ان ڪان پوءِ نهايت عاجزيءَ سان دربارِ الاهي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيائون،" **يا الله!** عَزَّوَجَلَّ جنهن تي مان قادر هيس مون ڪري ڇڏيو. ان جو ٿورو حصو جيڪو رڳن ۾ رهجي ويو آهي مُعاف فرماءِ. (منهاج العابدين ص97)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان ڏٺو! حضرتِ سيّدُنا صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ ڪيڏا زبردست متقي هئا. ڪافر اڪثر ڪفريه ڪلمات پڙهي ڪري مريضن تي جهاڙ ڦوڪ ڪندا آهن. جاهليت واري دؤر ۾ به اهڙيءَ طرح ٿيندو هيو، ان غلام جيئن ته جاهليّت واري زماني ۾ دم ڪيو هيو، تنهن ڪري ان خوف جي سبب جو ان ڪفريه منتر پڙهي دم ڪيو هوندو، ان جي اجرت جو کير سيّدُنا صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ الٽي ڪري ڪڍي ڇڏيو.

يقيناً منبعِ خوفِ خدا صدّیقِ اکبر ہیں　　حقیقی عاشقِ خیرُ الوریٰ صدّیقِ اکبر ہیں
نہایت متّقی و پارسا صدّیقِ اکبر ہیں　　تقی ہیں بلکہ شاہِ اَتقیا صدّیقِ اکبر ہیں

## (9) پُڪل ٻڪري

**حضرتِ** سيّدُنا ابو هريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ڪجهه ماڻهن وٽان گذريا جن جي سامهون پُڪل ٻڪري پئي هئي، انهن پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي کائڻ ۾ شامل ٿيڻ جي گذارش ڪئي ته پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ هي فرمائيندي کائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائون ته شهنشاهِ خوش خِصال، سلطانِ شيرين مقال، محبوبِ ربّ ذوالجلال صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان حال ۾ دنيا مان رخصت ٿيا جو پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪڏهن به جَوَن جي ماني به پيٽ ڀري نه کاڌي. (صحيح بخاري ج6 ص 252 رقم الحديث 5414)

**اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

خدایا میں عمدہ غذائیں نہ کھاؤں　　غمِ مصطفٰے میں بس آنسو بہاؤں

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب!　　صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**تنوري ران مدينہ**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هڪ ڀاسي حضرت سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو غمِ مصطفٰی صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هيو جو پياري آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بُک شريف کي ياد ڪري **ڀُڳل ٻڪري** کائڻ کان انڪار فرمائي ڇڏيائون، ۽ آهه! ٻئي پاسي اسان جهڙا نالي جا "**عاشق**" آهن جو جيڪڏهن تنوري ٻڪرو بلڪ **تنوري ران** ئي سامهون اچي وڃي ته عشق ۽ مستي سڀ وساري بُکايل شينهن جيان ان تي ڪڙڪي پئون ۽ ٻنهي هٿن سان پٽي پٽي کائڻ ۾ اهڙا مشغُول ٿي وڃون جو شايد نمازِ باجماعت جو به هوش نه

رهي آهہ! اڄڪلهہ گهڻين دعوتن ۾ ائين ٿي ٿيندو آهي. ايتري تائين جو بزرگن جي نياز جي دعوت جهڙو نفلي ڪم بہ ڪندا آهيون، تہ مَعاذَالله اڪثر نمازي ڪاڏي جي لالچ جي سبب جماعت ڇڏي ڏيندا آهن. مدني التجا آهي جو جڏهن بہ دعوت ڪريو تہ هن ڳالهہ جو خيال رکو تہ ڪا نماز وچ ۾ نہ اچي، جيڪڏهن اچي وڃي تہ پوءِ ڪيڏي بہ مصروفيّت هجي جلدي ميزبان ۽ مهمان سڀ جا سڀ مسجد جو رخ ڪن، جيسيتائين شرعي مجبوري نہ هجي ان وقت تائين مسجد جي جماعتِ اوليٰ ۾ حاضر ٿيڻ واجب آهي جيڪڏهن گهر ۾ جماعت ڪري بہ ورتي تہ ترڪِ واجب جو گناهہ انهن تي ٿيندو، بلڪ ڪجهہ فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي ويجهو اقامت ڪان پهريان مسجد ۾ نہ اچڻ وارو گناهگار آهي.

## ڪفر تي خاتمي جو خوف مدينہ

**افطار** پارٽين، دعوتن، نياز ۽ نعت خوانين وغيره جي سبب فرض نمازن جي جماعتِ اوليٰ (يعني پهرين جماعت) ترڪ ڪرڻ جي هرگز اجازت ناهي، ايتري تائين جو ماڻهو گهر يا هال يا بنگلي جي ڪمپائونڊ وغيره ۾ تراويح جي جماعت قائم ڪندا آهن ۽ ويجهو مسجد موجود آهي تہ انهن تي بہ واجب آهي تہ پهريان فرض رڪعتون جماعتِ اوليٰ سان مسجد ۾ ادا ڪن. جيڪي ماڻهو بنا شرعي عذر جي، سگهہ جي باوجود فرض نماز مسجد ۾ جماعتِ اوليٰ سان ادا نہ ٿا ڪن انهن کي ڏجڻ گهرجي، جو حضرت سيدنا عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن جو فرمان آهي ”جنهن کي هي

پسند هجي تہ سڀاڻي الله تعالیٰ سان مسلمان ٿي ملي تہ اهو انهن پنج نمازن (جي جماعت) جي اتي پابندي ڪري جتي اذان ڏني ويندي آهي چو تہ الله عَزَّوَجَلَّ توهان جي نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ سُنَنِ هُديٰ مَشروع ڪيون ۽ هي (باجماعت) نمازون بہ سننِ هديٰ مان آهن ۽ جيڪڏهن توهان پنهنجي گهرن ۾ نماز پڙهندا رهندؤ جيئن پويان رهڻ وارو گهر ۾ پڙهي وٺندو آهي تہ توهان پنهنجي نبيءَ جي سنّت ڇڏي ڏيندؤ ۽ جيڪڏهن پنهنجي نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت ڇڏيندؤ تہ گمراهہ ٿي ويندؤ.“(مسلم شريف ج1 ص 232 رقم الحديث 258)

هن حديثِ مبارڪہ مان اشارو ملي ٿو تہ جماعت اوليٰ جي پابندي ڪرڻ واري جو **خاتمو بالخير** ٿيندو ۽ جيڪو بنا شرعي مجبوريءَ جي مسجد جي جماعتِ اوليٰ ڇڏي ڏئي ان جي لاءِ مَعاذَالله **ڪفر تي خاتمي جو خوف آهي**. جيڪي ماڻهو هرويرو سُستيءَ جي سبب پُوري جماعت حاصل ناهن ڪندا اهي توجهہ فرمائين جو منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا، بَحرُالرَّائِق ۾ آهي، قنيه ۾ آهي، جيڪڏهن اذان ٻُڌي دُخولِ مسجد (يعني مسجد ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ) اقامت جو انتظار ڪندو رهيو تہ گناهگار ٿيندو.“ (فتاويٰ رضويه ج7 ص 102، البحرالرائق ج1 ص 604)

فتاويٰ رضويه شريف جي انهيءَ صفحي تي آهي. ” جيڪو اذان ٻُڌي گهر ۾ اقامت جو انتظار ڪندو آهي ان جي شهادت (يعني گواهي) قبول ناهي.“

(البحرالرائق ج 1 ص451)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪو اقامت ٿائين مسجد ۾ نه اچي ايندو ڪجهه فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي ويجهو اهو گناهگار ۽ مردود الشهادت يعني گواهيءَ جي لائق ناهي ته جيڪو بنا شرعي عذر جي گهر ۾ جماعت قائم ڪندو آهي يا بغير جماعت جي نماز پڙهندو آهي يا مَعاذَالله نماز ئي ناهي پڙهندو ان جو ڇا حال هوندو!

**يا رب مصطفيٰ!** صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي پنج ئي نمازون مسجد جي جماعتِ اوليٰ ۾ پهرين صف جي اندر تڪبير اوليٰ سان ادا ڪرڻ جي هميشه سعادت نصيب فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

میں پانچوں نَمازیں پڑھوں باجماعَت
ہو توفیق ایسی عطا یا اِلٰہی عزوجل

## (10) رقت انگيز خطبو

**حضرتِ سيِّدُنا خالد بن عُمير عَدَوي** رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا ته بصره جي حاڪم حضرتِ سيِّدُنا عتبه بن غزوان رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ هڪ موقعي تي اسان کي هن طرح **خطبو** ڏنو. **الله تعاليٰ** جي حمد و ثنا ڪانپوءِ فرمايائون. اَمَّا بَعد! (يعني هن کان بعد) بيشڪ دنيا پنهنجي خاتمي جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ۽ اها انتهائي تيزيءَ سان رخصت ٿي رهي آهي. ۽ (هاڻي) هن دنيا مان ايتريقدر باقي رهجي ويو آهي جيترو ٿانوَ جو گيرٽ (جيڪو ٿورڙو تري ۾ رهجي وڃي ان کي گيرٽ چوندا آهن) ۽ ان (ٿانوَ) جو مالڪ ان (گيرٽ) مان فائدو حاصل ڪري رهيو آهي. توهان هن دنيا مان ان گهر ڏانهن منتقل ٿيڻ وارا آهيو

جنهن کي فنا ناهي. ان لاءِ توهان وٽ جيڪا سڀ کان بهتر شيءِ آهي ان کي ڪٺي ان (اخروي) گهر جي طرف انتقال ڪريو. اسان کي هي ٻُڌايو ويو آهي ته، "**جهنّم** جي ڪناري کان هڪ پٿر اڇلايو ويندو جيڪو **ستر سالن** تائين هيٺانهين۽ ڏانهن ڪِرندو ويندو پر ان جي باوجود اهو جهنّم جي تري تائين نه پهچندو". ۽ خُدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! ان جهنّم کي ضرور ڀريو ويندو. ڇا توهان کي ان تي تعجب آهي؟ ۽ اسان کي هي به بيان ڪيو ويوآهي ته، "**جنّت** جي دروازن جي ٻن طاقن جي وچ ۾ **چاليهه سالن** جو فاصلو هوندو ان تي هڪ ڏينهن ضرور اهڙو ايندو جو اهو ميڙ سان ڀرجي ويندو." مون پنهنجو پاڻ کي ڏٺو ته آءُ سَروَرِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ ست ماڻهن مان ستون هيس. اسان وٽ وڻ جي **پنن** کان علاوه کائڻ جي لاءِ ڪجهه نه هيو. ايتري تائين جو (پن کائڻ جي سبب) اسان جي چپن جا پاسا زخمي ٿي پيا. مون هڪ چادر حاصل ڪئي ۽ انکي (وچ مان ڦاڙي) پنهنجي ۽ **سعد بن مالڪ** (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ) جي وچ ۾ تقسيم ڪري ڇڏيم، اڌ چادر گوڏ جي طور تي مون استعمال ڪئي ۽ اڌ سعد بن مالڪ (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ). (هڪ ته اهو غربت جو دؤر هيو) ۽ اڄ اسان مان هر هڪ ڪنهن نه ڪنهن شهر جو حاڪم آهي. مان هن ڳالهه کان الله عَزَّوَجَلَّ جي پناهه گهران ٿو جو مان ته (خوش فهمي جي سبب) پنهنجو پاڻ کي عظيم سمجهي ويهان پر خدا عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو مان تمام حقير سمجهيو وڃان. (مسلم شريف ج2 ص 408 رقم الحديث 2967)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان ڏٺو! صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ خوب بُک برداشت ڪئي ايتري تائين جو وڻن جا پن ڪائي ڪري ۽ خوب سختيون برداشت ڪري اسلام جي وڻ کي پاڻي ڏنائون. واقعي ان وقت حالتون انتهائي خراب هيون. جيئن جو هڪ ٻئي روايت مان بہ ظاهر آهي. جيئن تہ

## (11) راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سڀ کان پهريون تير هلايو

**عَشَرَهءِ مُبَشره** مان هڪ جنّتي صحابي حضرتِ سيِّدُنا سعد بن ابي وقّاص رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا، مان اهو پهريون عَرَب آهيان جنهن راهِ خُدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سڀ کان **پهريون تير** هلايو. اسان تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبوَّت، محبوب ربُّ الْعِزّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معيّت (يعني همراهيءَ) ۾ جهاد ڪندا هئاسين. ۽ اسان وٽ ٻٻر جي وڻ جي پنن ڪانسواءِ کائڻ جي لاءِ ڪجهہ نہ هوندو هيو. قضاءِ حاجت جي وقت اسان جي اجابت ٻڪري جي ڦولڙين وانگر هوندي هئي، جنهن تي چنبڙندڙ مادي جو نالو ۽ نشان نہ هوندو هيو.

(صحيح بخاري ج7 ص 231 رقم الحديث 6453)

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بعد ۾ سهولتون ملي وڃڻ کان پوءِ بہ انهن صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو جذبو ختم تہ ڇا گهٽ بہ نہ ٿيو پر خوفِ خُدا عَزَّوَجَلَّ اجان وڌي ويو جو ڪتي ائين نہ ٿئي جو اسان

پنهنجو پاڻ کي بزرگ تصوُّر ڪري ويهون ۽ الله عَزَّوَجَلَّ اسان کان ناراض ٿي وڃي. الله ربُّ العزّت عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ انهن صحابہٴ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي صدقي **نيڪيءَ جي دعوت** عام ڪرڻ جي تڙپ ۽ ان جي خاطر قربانيون پيش ڪرڻ جو جذبو عطا فرمائي. آمين. هر اسلامي ڀاءُ کي گهرجي تہ اهو پنهنجو هي ذهن بڻائي تہ **مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي** ۽ صحابہٴ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ قربانين کي خراجِ تحسين پيش ڪرڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪري دين ۽ دنيا جون برڪتون حاصل ڪري. مدني قافلي جي هڪ **بهار** پيشِ خدمت آهي.

## (12) هٿن جا ڏاڏا

**ٽنڊو آدم** (سنڌ، پاڪستان جي) هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي، آءٌ تقريبًا ٻن سالن کان ٻانهن تي ڏاڏن جي سبب پريشان هيس. علاج تي ڪافي رقم خرچ ڪيم، هڪ ڀيري آپريشن بہ ڪرايم پر ”جيئن جيئن دوا ڪئي مرض وڌندو ويو“ ان چوڻيءَ مطابق ڏاڏن جي تعداد ۾ لڳاتار اضافو ٿيندو رهيو، دل ۾ هڪ خوف ويهجي ويو هيو تہ انهن ڏاڏن ۾ شايد **ڪينسر** ٿي ويندو ۽ منهنجي ٻانهن ڪٽي ويندي. الله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي صوبائي مجلسِ مُشاورت (بلوچستان) کي هميشہ سلامت رکي. آمين. انهن صوبائي سطح تي **ڪوئٽہ** ۾ بہ روزه سنّتن ڀريو اجتماع (27، 28 جمادي الاولىٰ سن 1425هه) رکيو. قسمت ساٿ ڏنو ۽ آءٌ

۾ سنّتن ڀرئي **اجتماع** ۾ شريڪ ٿيس، **دعوتِ اسلامي** جا بيشمار **مدني قافلا** دنيا جي مختلف ملڪن ۾ هر وقت سفر تي رهن ٿا ۽ ڳوٺ ڳوٺ گهٽي گهٽي نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچائيندا رهن ٿا، مون ٻُڌو هيو تہ مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ وارن جون دعائون قبول ٿينديون آهن مون بہ همت ڪئي ۽ ڪوئٽہ مان دعوتِ اسلامي جي سنتن جي تربيت جي 12 **ڏينهن واري مدني قافلي** جو مسافر بڻجي ويس. بارگاهِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ مني مني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو واسطو پيش ڪري روئي روئي دعا گهريم. مون گناهگار تي ڪرم ٿي ويو. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **منهنجا سيئي داڻا ختم ٿي ويا.** **حيرت انگيز ڳالهہ هي آهي تہ جن داڻن جو آپريشن ڪرايو هيم انهن جا نشان باقي آهن پر 12 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ ختم ٿيڻ وارن داڻن جا تہ نشان ئي غائب ٿي ويا!**

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَلٰى احسانهٖ وكرمهٖ

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
زخم بگڑے بھریں پھوڑے پھنسی مٹیں گرہوں مسّے جھڑیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**دعوت اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر** ۽ روزانو **فڪر مدينہ جي ذريعي مدني انعامات** جو ڪارڊ ڀري هر مدني مهيني جي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اِن شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪرمند رهڻ جو ذهن بڻجندو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سرڪارِ بغداد حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن نفس ۽ شيطان کان جان ڇڏائڻ جي لاءِ ورهين تائين جدوجهد فرمائي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنجويهه (25) سالن تائين عراق شريف جي جهنگن ۾ اڪيلائيءَ ۾ رياضتون ڪندا رهيا.

تُوہے وہ غوث کہ ہر غوث ہے شَیدا تیرا
تُوہے وہ غَیث کہ ہر غَیث ہے پیاسا تیرا

## (13) ٿڌيءَ رات ۾ چاليهه ڀيرا غسل

**بَهجَةَ الاَسرَار** شريف ۾ آهي، سرڪارِ بغداد حضورِ غوث پاڪ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آءُ ڪرخ جي جهنگن ۾ ڪيئي ورهيه رهيس، وڻن جي پنن ۽ ٻوٽين تي منهنجو گذارو ٿيندو هيو. مون ڪي پائڻ جي لاءِ هر سال هڪ شخص صَوف (يعني اُنَّ) جو هڪ جُبّو آڻي ڏيندو هيو. مون دنيا جي محبت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي لاءِ هزار جتن ڪيا، آءُ گمنام رهيس، **منهنجي خاموشيءَ** جي سبب ماڻهو مون ڪي گونگو ۽ ديوانو چوندا هئا، ڪَنڊَن تي پيرين اگهاڙو گهمندو رهيس، خوفناڪ غارن ۽ ڀوائتي ميدان ۾ بناخوف جي داخل ٿي ويندو هيس، دنيا ٻڌجي سنورجي منهنجي سامهون ظاهر ٿيندي هئي پر اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مان ان جي طرف توجهه نہ ڪندو هيس. منهنجو نفس ڪڏهن تہ منهنجي آڏو عاجزي ڪندو هيو تہ توهان جي جيڪا مرضي هوندي ائين ئي ڪندس ۽ ڪڏهن مون سان وڙهندو هيو. الله عَزَّوَجَلَّ مون ڪي هن تي فتح نصيب ڪندو هو. مان ڪافي عرصي تائين "مَديَن" جي بيابانن ۾ رهيس ۽ پنهنجي

نفس کي مجاهدات ۾ لڳائيندو رهيس. هڪ سال تائين ڪِريل شيون کائيندو هيس ۽ بلڪل پاڻي نہ پيئندو هيس وري هڪ سال رُڳو پاڻيءَ تي گذارو ڪندو هيس ۽ ڪِري پيل شيءِ يا ڪا بہ غذا نہ کائيندو هيس وري هڪ سال بغير ڪجهہ کائڻ پيئڻ جي فاقي (يعني بُک) سان گذاريندو هيس. مون تي سخت آزمائشون اينديون هيون. هڪ ڀيري سخت سياري جي رات ۾ منهنجو هيئن امتحان ورتو ويو جو هرهر اک لڳي ويندي هئي ۽ مون تي غسل فرض ٿي ويندو هيو. مان ان وقت جلدي نهر تي ويندو هيس ۽ غسل ڪندو هيس اهڙيءَ طرح سياري جي هڪ سرد رات جي ڪڙڪندڙ ٿڌ ۾ چاليهہ ڀيرا مون ٿڌي پاڻيءَ سان غسل ڪيو. (بتغير از بهجة الاسرار ص 164، 154)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (14) زمين مان چونڊي چونڊي ٽڪرا کائڻ

سرڪارِ بغداد حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، آءُ شهر ۾ جڏهن کائڻ جي ارادي سان ڪِريل ۽ هيٺ پيل ٽڪرا يا جهنگ جو ڪو گاهہ يا ننڍا پن ڪٽڻ چاهيندو هيس ۽ ڏسندو هيس تہ ٻيا فقير بہ ان جي ڳولا ۾ آهن تہ پنهنجي اسلامي ڀائرن تي ايثار ڪندي نہ ڪٽندو هيس بلڪ ايئن ئي ڇڏي ڏيندو هيس تہ جيئن اهي کٽي وڃن ۽ پاڻ بُکايل رهندو هيس جڏهن بُک جي سبب ڪمزوري حد کان وڌي ويئي ۽ آءُ قريب المرگ ٿي ويس تہ ڪلن واري بازار مان هڪ کائڻ جي شيءِ جيڪا زمين تي پيل هئي اها مون کنئي ۽ هڪ ڪنڊ

۾ وجي ان کي کائڻ جي لاءِ ويهي رهيس. ايتري ۾ هڪ عجمي نوجوان آيو ان وٽ تازيون مانيون ۽ ڀُڳل گوشت هيو اهو ويهي کائڻ لڳو. ان کي ڏسي منهنجي کائڻ جي خواهش هڪدم شدت اختيار ڪئي. جڏهن اهو کائڻ جي لاءِ گرهہ کڻندو هيو تہ بُک جي شدت جي سبب بي اختيار دل چاهيندي هئي تہ وات کولي ڇڏيان تہ جيئن هُو منهنجي وات ۾ گرهہ وجهي ڇڏي. آخر مون پنهنجي نفس کي دڙڪو ڏنو تہ " بي صبري نہ ڪر الله عَزَّوَجَلَّ مون سان گڏ آهي. چاهي ڪجهہ بہ ٿي وڃي پر مان ان نوجوان کان گهري هرگز نہ کائيندس." اوچتو اهو نوجوان منهنجي طرف متوجهہ ٿيو ۽ چوڻ لڳو، ياءُ! اچو ۽ اوهان رَحْمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيْه بہ کائڻ ۾ شريڪ ٿي وڃو، مون انڪار ڪيو. ان اصرار ڪيو، منهنجي نفس مون کي کائڻ جي لاءِ تمام گهڻو اڀاريو، پر مون وري بہ انڪار ڪيو. پر ان نوجوان جي گهڻي اصرار تي مون ٿورڙو کاڌو کاڌو.ان مون کان پُڇيو، ڪٿان جا رهڻ وارا آهيو؟ مون ورندي ڏني **جيلان** جو. هُو چوڻ لڳو، مان بہ **جيلان** جو ئي آهيان. چڱو هي ٻُڌايو تہ توهان مشهور عابد و زاهد ۽ **وليِ الله** حضرتِ سيّد **عبدالله صومعي** رَحْمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيْه جي ڏوهٽي **عبدالقادر** رَحْمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيْه کي سڃاڻو ٿا؟ مون چيو، اهو تہ مان ئي آهيان، اهو ٻُڌي هو بيقرار ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ مان **بغداد** اچڻ لڳس تہ اوهان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي والده ماجده رَحْمَةُاللهِتَعَالٰی عليها اوهان رَحْمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيْه کي ڏيڻ جي لاءِ مون کي سون جون اٺ اشرفيون ڏنيون هيون، مان هتي بغداد اچي اوهان رَحْمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيْه کي ڳولهيندو رهيس پر اوهان رَحْمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيْه جو ڪنهن پتو نہ ڏنو ايتري

تائين جو منهنجي تمام رقم خرچ ٿي ويئي، مون کي ٽن ڏينهن جو فاقو آهي، مان جڏهن بُک کان بيحال ٿي ويس ۽ جان پوري ٿيڻ جو خوف ٿيو، تہ مان اوهان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي امانت مان هي مانيون ۽ پُڳل گوشت خريد ڪيو. حُضُور! اوهان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بہ خوشيءَ سان هن کي تناوُل فرمايو ڇو تہ هي اوهان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو ئي مال آهي، پهريان اوهان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه منهنجا مهمان هئا ۽ هاڻي مان اوهان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو مهمان آهيان. بقايا رقم پيش ڪندي چوڻ لڳو، مان معافيءَ جو طلبگار آهيان. اضطراري (يعني مجبوريءَ جي) حالت ۾ مان اوهان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي رقم مان ئي کاڌو خريد ڪيو هيو“. مان تمام گهڻو خوش ٿيس. مون بچيل کاڌو ۽ وڌيڪ ڪجهہ رقم ان کي پيش ڪئي اها هن قبول ڪئي ۽ هليو ويو. (نانگ جهڙو جنّ ص11،12)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

طلب کا منہ تو کس قابل ہے یا غوث

مگر تیرا کرم کامل ہے یا غوث

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ايتريقدر بُک برداشت ڪرڻ ۽ جان جوکي ۾ هئڻ جي صورت ۾ بہ پنهنجي ئي رقم ملي وڃڻ جي باوجود ان کي ايثار ڪري ڇڏڻ هي واقعي تمام وڏي ڳالهہ آهي ۽ هي اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جن جو ئي حصو آهي. اسان جي غوثِ اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جو فاقو صد مرحبا! ۽ سندن (رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه) جو ايثار صد هزار مرحبا! ڪاش اسان جي اندر بہ ايثار جو جذبو پيدا ٿي

وجي. هاءِ افسوس! اسان تہ خوب پيٽ پري ونڻ کان پوءِ بچيل کاڌو بہ ايثار ڪرڻ جو حوصلو ناهيون رکندا بلڪہ آئنده کائڻ جي لاءِ ان کي فِرِج ۾ محفوظ ڪري ڇڏيندا آهيون. ڪاش! ايثار جو عظيم الشان ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ اسان جو بہ ذهن بڻجي وڃي ها.

## (15) ڏکيائيءَ کان بعد آساني

حضرت علامہ امام شعراني قُدِّسَ سِرُّہُ الرَّبَّانِي "طبقاتِ ڪبرىٰ" ۾ حُضُور غوث الاعظم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡاَکۡرَم جو هي ارشاد نقل ڪن ٿاءِ ابتدا ۾ مون تي تمام گهڻيون سختيون رکيون ويون ۽ جڏهن سختيون انتها تي پهچي ويون تہ آءُ عاجز ٿي زمين تي ليٽي پيس ۽ منهنجي زبان تي قرآن پاڪ جون هي بہ آيتون جاري ٿي ويون.

فَاِنَّ مَعَ الۡعُسۡرِ يُسۡرًا ۝٥ اِنَّ مَعَ الۡعُسۡرِ يُسۡرًا ۝٦

ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ بيشڪ ڏک سان گڏ سک آهي. بيشڪ ڏک پُٺيان سک آهي.

(پ 30 سُوۡرَةُ اَلَمۡ نَشۡرَحۡ آيت ٥-٦)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ هنن آيتن جي برڪت سان اهي سيئي سختيون مون کان پري ٿي ويون.

واہ کیا مرتبہ اے غوث ہے بالا تیرا
اونچے اونچوں کے سَروں سے قدم اعلیٰ تیرا

اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ قربانيون ڏيڻيون پون ٿيون. اسان جي غوثُ الاعظم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡاَکۡرَم پنهنجي رب رحمٰن ۽ خداءِ حنان ومنان عَزَّوَجَلَّ جو قرب ۽ پنهنجي نانا جان رحمتِ

عالميان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خوشي حاصل ڪرڻ، نفس ۽ شيطان تي غالب اچڻ، دنيا جي محبت کان پيڇو ڇڏائڻ، گناهن جي مرض کان پاڻ کي بچائڻ، مخلوقِ خدا عَزَّوَجَلَّ کي راهِ راست تي آڻڻ، مبلغ جو عظيم شرف حاصل ڪري ڪثير ثواب ڪمائڻ، نيڪيءَ جي دعوت جي دنيا ۾ ڌوم مچائڻ ۽ بيشمار ڪافرن کي اسلام جي دامن ۾ داخل فرمائڻ جي لاءِ ورهين تائين جدوجهد فرمايائون. خير اسان حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جيان رياضتون ڪرڻ کان تہ قاصر آهيون. پر همت هارڻ بدران ٿوري گهڻي ڪوشش تہ ڪريون.

سچ ہے انسان کو کچھ کھو کے مِلا کرتا ہے
آپ کو کھو کے تجھے پائے گا جویا تیرا (ذوقِ نعت)

سرڪارِ بغداد رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي محبت جي دعويٰ ڪرڻ وارا اسلامي ڀائرو! سرڪار غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنجويهہ سال الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ عراق جي جهنگن ۾ گذاريا. بيمثال بُک ۽ اڃ برداشت ڪئي. ڪاش! اسان کي بہ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي خاطر ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر ۽ ملڪ ملڪ سفر ڪرڻ واري مدني قافلن جو مسافر بڻجڻ نصيب ٿي وڃي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (16) هر ڏينهن جي غذا ڏهہ منقا

حضرت ابو احمد صغير عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَبِيْر فرمائن ٿا تہ مون کي حضرتِ سيّدُنا ابو عبدالله بن خفيف رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه حڪم ڏنو تہ هر رات

سندن افطاري جي لاءِ **منقا** جا ڏهه داڻا پيش ڪندو ڪريان. هڪ رات رحم ڪائي مون ڏهن جي بدران پندرهن داڻا حاضر ڪيا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه مون ڏانهن ڏنائون ۽ فرمايائون. توکي (پندرهن داڻا) آڻڻ جو ڪنهن حڪم ڏنو؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه رُڳو ڏهه کاڌائون ۽ باقي (پنج) ڇڏي ڏنائون.

**(الرسالة القشيريه ص143)**

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

## منقا جا حيرت انگيز فائدا

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان ڏٺو! حضرتِ سيّدُنا ابو **عبدالله** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه روزانو رُڳو **منقا** جي **ڏهن داڻن** تي گذارو فرمائيندا هئا. اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي نفس مارڻ جون ادائون مرحبا! انهن منقا جو خوب انتخاب فرمايو. سڪل ننڍن انگورن کي **ڪشمش** ۽ سُڪل وڏن انگورن کي مُنَقّا چوندا آهن. الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ حڪمت نشان آهي، ”هن کي کائو هي(منقا) بهترين کاڌو آهي، (منقا) اعصاب (يعني رڳن ۽ مشڪن) کي مضبوط ڪندو آهي، ڪمزوريءَ کي ختم ڪندو آهي، ڪاوڙ کي ٺڏو ڪندو آهي، بلغم کي ختم ڪندو آهي، چهري جي رنگت کي اُجاريندو آهي ۽ وات کي خوشبودار ڪندو آهي.“

**(ڪشف الخفاءِ ج2 ص 431 رقم الحديث 284)**

**حضرت مولیٰ علي** كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي روايت ڪيل حديث ۾ آهي ته (مُنَقّا) ڪمزوريءَ کي ختم ڪندو آهي، مزاج کي خوشگوار بڻائيندو آهي، ساهه کي خوشبودار ڪندو آهي ۽ غم کي ختم ڪندو آهي.

**(ڪنزالعمال ج10 ص 18، رقم الحديث28261)**

## ڪشمش جو پاڻي پيئڻ سنت آهي

سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ ڪشمش پچائي ويندي هئي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جو پاڻي ان ڏينهن، ٻئي ڏينهن ڪڏهن ڪڏهن ان کان پوءِ واري ڏينهن شام تائين بہ نوش فرمائيندا هئا. ان کان پوءِ ان جي بابت حڪم فرمائيندا هئا تہ خادمين (يعني غلام) ان کي پي ڇڏيندا هئا يا ان کي هاري ڇڏيندا هئا. (جو تہ بعد ۾ ان ۾ تغيُّر (يعني ڪجهہ تبديلي) اچي ويندي هئي ان لاءِ ان کي هاريو ويندو هو) (ابوداود شريف ج3 ص 337 رقم الحديث 3713)

**منقا** دوا بہ آهي ۽ غذا بہ، ان کي چاهيو تہ ايئن ئي يا چاهيو تہ کل لاهي مناسب مقدار ۾ کائي ڇڏيو. مشهور محدث حضرتِ سيِّدُنا امام زهري رَحْمَةُاللهِتَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، جنهن کي احاديثِ مبارڪ جي حفظ ڪرڻ جو شوق هجي اهو (مناسب مقدار ۾) **منقا** کائي، منقا ٻج سميت بہ کائي سگهو ٿا بلڪ امام زهري رَحْمَةُاللهِتَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، ”مُنقا جا ٻج معدي جي اصلاح ڪن ٿا“. مُنقا ڪجهہ ڪلاڪ پاڻي ۾ پچائي رکي ڇڏيو پوءِ هن جي کل لاهي ڳر ڪڍي ونو. **مُنقا جي ڳر** ڦڦڙن جي لاءِ اڪسير ۽ پراڻي ڪنگهہ جي لاءِ فائديمند آهي. ڳردي ۽ مثاني جي سور کي مٺائيندي آهي، جگر ۽ ٽِريءَ کي طاقت ڏيندي آهي، پيٽ کي نرم ڪندي آهي، معدي کي مضبوط ۽ هاضمي کي درست ڪندي آهي.

## ڪنگهہ جو علاج

روزانو ڪشمش جا **40** داڻا (جيڪڏهن طبيعت کي پسند ايندا هجن تہ ٻيڻا ڪرڻ ۾ بہ حرج ناهي) ۽ ٽي عدد بادام ڪٽي ان تي **11** ڀيرا درود شريف پڙهي دم ڪري کائي

چڏيو. هن جي مٿان ٻن ڪلاڪن تائين پاڻي نہ پيئو. اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪنگهہ ۾ تمام گهڻو فائدو ٿيندو. بلغم نڪرندو ۽ وڌيڪ نہ ٿيندو. (ضرورت جي مطابق ڪشمش جو تعداد وڌائي ڇڏيو) تمام ننڍن ٻارن جي لاءِ ضرورت جي مطابق مقدار ڪجهہ گهٽ ڪري ڇڏيو. شفا حاصل ٿيڻ تائين علاج جاري رکندا.

**ڳاڙها منقا**

**مدينہ**

**حضرت** مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ شيرِ خدا ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم کان مروي آهي، جيڪو روزانو **21** عدد ڳاڙها **مُنقا** کائيندو ڪري اهو انهن سيني بيمارين کان محفوظ رهندو جن کان خوفزده آهي. **(ابو نعيم)**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (17) واڳڻ جي خواهش

**حضرتِ** سيّدُنا ابو نصر تمار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار فرمائن ٿا، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هڪ پيري رات جي وقت حضرت سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الكَافِي اسان جي گهر تشريف ڪٺي آيا. مون وليءِ ڪامل جي آمد تي الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪيو پوءِ عرض ڪيو، "**ياسيّدي**! رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اسان وٽ خُراسان مان ڪپهہ آئي هئي ان مان منهنجي ڌيءُ سٽ ڪَتيو ۽ ان کي وڪڻي گوشت خريد ڪيو آهي، براءِ ڪرم! اسان وٽ افطار فرمايو." فرمايائون، "جيڪڏهن مان ڪنهن وٽ کائڻ جو ارادو ڪيو تہ پوءِ اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ اوهان (رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه) وٽ کائيندس." پوءِ فرمائڻ لڳا، "ڪيترن ئي سالن کان **واڳڻ جي خواهش** ڪري رهيو آهيان پر اڃان تائين کائي نہ سگهيو آهيان " مون عرض ڪيو." **ياسيّدي**! رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه

حُسنِ اتفاق سان هن گوشت ۾ حلال ڪمائيءَ جا واڳڻ به وِڌا آهن.“ فرمايائون، ” مان ته ان وقت واڳڻ ڪائيندس جڏهن ان جي محبت منهنجي دل مان نڪري وڃي! “ (الرسالة القشيريه ص 143)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو! اولياءُ الله رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی نفساني خواهشات جي پيروي ڪان ڪيتريقدر پرهيز ڪندا آهن. نفس جي مطالبي جي سبب حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَافِي ڪيترن ئي ورهين کان واڳڻ نه ڪائي رهيا هئا. انهن حضرات جو به خوب مدني انداز هوندو آهي جو نفس چوي کاءُ ته نه کائين، جيڪڏهن چوي ته نه کاءُ ته کائي ڇڏيندا هئا. مطلب ته نفس جي خواهش جي ابتڙ ڪندا هئا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (18) خوب کاءُ ۽ پيءُ

منقول آهي ڪيترن ئي ورهين تائين حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَافِي الکافي جي باقلا (يعني سبزيءَ جي ٻج واريون ڦريون جيڪي پچائي کاڌيون وينديون آهن، مثال طور مٽر، لوبيا وغيره) کائڻ لاءِ دل چاهيندي رهي پر پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي نفس کي ماريندا رهيا ۽ ڦريون نه کاڌائون. وفات کان پوءِ ڪنهن خواب ۾ ڏسي پڇيو. مَافَعَلَ اللهُ بِکَ؟ يعني الله عَزَّوَجَلَّ اوهان سان ڪهڙوسلوڪ فرمايو؟“ جواب ڏنائون، ” الله عَزَّوَجَلَّ مغفرت جي بشارت ڏئي فرمايو،”اي اهي انسان! جنهن دنيا ۾ نه کاڌو نه پيتو هاڻي خوب کاءُ ۽ پيءُ.“ (الرسالة القشيريه مترجم ص 406)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

گدا بھی منتظِر ہے خُلد میں نیکوں کی دعوت کا
خدا دن خیر سے لائے سخی کے گھر ضیافت کا (حدائق بخشش شریف)

## (19) کائڻ جو مقصد

حضرتِ سيّدُنا ابو سعيد خزار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار جو بيان آهي، ”منهنجو معمول هيو تہ ٽئين ڏينهن کاڌو کائيندو هيس، هڪ دفعي سفر جي دوران جهنگ کان گذري رهيو هيس ۽ ڪجهہ کائڻ کان بغير ٻيا ٽي ڏينهن شروع تي چُڪا هئا، شديد بُک لڳي هئي. ڪمزوريءَ جي سبب بي حال ٿي هڪ جاءِ تي ويهي رهيس، ايتري ۾ غيب مان آواز آيو، ابو سعيد! نفس کي خوش ڪرڻ جي لاءِ طعام جو خواهشمند آهين يا بغير ڪجهہ کائڻ پيئڻ جي ڪمزوري ختم ڪرڻ چاهين ٿو؟“مون عرض ڪيو،” يـا الله عَزَّوَجَلَّ آءُ تہ رُڳو قوت چاهيان ٿو. ”پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو بيان آهي تہ منهنجي اندر اهڙي قوت پيدا ٿي ويئي جو اتيُس ۽ ڪجهہ کائڻ پيئڻ جي بغير وڌيڪ ٻارهن منزلون سفر ڪري ورتم.“ (ڪشف المحجوب مترجم ص 453)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو! الله وارا لذت جي لاءِ نہ بلڪ عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي لاءِ کائيندا آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ

جو انهن تي وڏو ڪرم هوندو آهي جو ڪاڌو پيتو جي بغير انهن کي روحاني قوت حاصل ٿي ويندي آهي. جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا ابو سعيد خزار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار بغير ڪاڌو پيتو جي رُڳو الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا ڪيل قوت سان وڏيڪ ٻارهن منزلون سفر طئي ڪري ورتو. هڪ ڏينهن ۾ جيترو سفر طئي ٿيندو آهي ان کي منزل چوندا آهن. ان جو مطلب هي ٿيو تہ پاڻ بغير ڪاڌو پيتو جي وڏيڪ 12 ڏينهن جو سفر فرمايائون!

نہ ہو کار گر نفس کا مجھ پہ حیلہ
کرم یا الٰہی! نبی کا وسیلہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (20) ڪاڌو کان بچڻ لاءِ لڪي پيا

حضرتِ سيّدُنا ابو سعيد خزار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار فرمائن ٿا، ”هڪ ڀيري قافلي سان گڏ سفر ۾ فاقي (يعني سخت بُک) جو عالم هيو، تہ (سامهون) ڪارڪن جو باغ نظر آيو، نفس کي دلجاءِ ٿي تہ هاٿي ڪارڪون کائيندس. پر آءُ نفس جي ڳالهہ ڪيئن مڃيان! قافلي وارا اتي ترسي پيا پر مان پري وڃي جهنگ ۾ لِڪي پيس تہ جيئن نفس ڪارڪون ڏسي ڪري ڪاڌو جو مطالبو نہ ڪندو رهي. ٿوري ئي دير ۾ هڪ همسفر ڳولهيندو اچي پهتو ۽ اصرار ڪري پاڻ سان باغ ڏانهن وٺي هليو، مون پُڇيو تہ مان هتي آهيان اها توهان کي ڪيئن خبر پيئي؟“ چوڻ لڳو، ” مُون غيب مان هڪ آواز ٻُڌو،“ اسان جو هڪ ولي فلاڻي جاءِ تي واريءَ ۾ لِڪيل آهي ان کي پاڻ سان گڏ وٺي اچو.“ (تذڪرة الاولياء ج2ص 36)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ! تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** دنيا جي بيشمار ملڪن ۾ سنّتن جون بهارون لٽائي رهي آهي. هر مسلمان کي گهرجي تہ دنيا ۽ آخرت جي بهتريءَ جي خاطر **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي پنهنجو هي ذهن بڻائي تہ **مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي.** اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ

## (21) ولي جي صحبت جو فيض

**حضرتِ سيّدُنا ابراهيم خواص** رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ ڀيري جهنگ ۾ هئا. اوچتو هڪ شخص اچي پهتو ۽ چوڻ لڳو، " مان اوهان جي صحبت ۾ رهڻ چاهيان ٿو." پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جڏهن ان تي نظر ڪيائون تہ دل ۾ ان کان نفرت پيدا ٿي ويئي. ايتري ۾ هُو چوڻ لڳو، " مان نصراني (عيسائي) راهب آهيان. ۽ روم کان اوهان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي صحبت ۾ رهڻ جي لاءِ حاضر ٿيو آهيان." پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي دل ۾ پيدا ٿيڻ واري نفرت جو راز ظاهر ٿي ويو. يعني ان شخص جي ڪافر هجڻ جي سبب ائين ٿيو هو. پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه راهب کي فرمايائون، "مون وٽ کائڻ پيئڻ جي ڪا شيءِ ناهي ڪٿي ائين نہ ٿئي جو تون تڪليف ۾ اچي وڃين." هن وراڻيو." **ياسيّدي!** دنيا ۾ اوهان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي نالي جي ڌوم مَتل آهي ۽ اوهان اڃان تائين کائڻ پيئڻ جي فِڪر ۾ لڳل آهيو! ان جي ڳالهہ کان ڪين تعجب ٿيو

۽ ان کي صحبت ۾ رهڻ جي اجازت ڏئي ڇڏيائون.“ ست ڏينهن رات بغير کائڻ پيئڻ جي گذري ويا. هُو گهبرائجي ويو ۽ چوڻ لڳو، ”ياسيّدي! هاڻي مُعاملو منهنجي برداشت کان ٻاهر ٿي چُڪو آهي کاڌي پيتي جو کو انتظام فرمايو.“ تنهن ڪري پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سجدي ۾ هليا ويا ۽ بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيائون .”يا الله عَزَّوَجَلَّ هن ڪافر منهنجي باري ۾ **حُسن ظن** قائم ڪيو آهي. منهنجي لڄ تنهنجي هٿ ۾ آهي مون کي هن ڪافر جي آڏو رسوا نه ڪجانءِ .“ دعا گهري **جڏهن سجدي مان مٿو ڪنيائون ته هڪ خوانچو** (يعني ٿالهه) **موجود هيو جنهن ۾ ٻه مانيون ۽ ٻه گلاس پاڻيءَ جا رکيل هئا.** کائي پي ٻئي اتان هلي پيا. وڏيڪ ست ڏينهن گذرڻ کان پوءِ ڪنهن جاءِ تي ٻينا ته ان راهب سجدي ۾ وڃي ڪري دعا گهري . **ڏسندي ئي ڏسندي هڪ ٿالهه ظاهر ٿيو جنهن تي چار مانيون ۽ چار گلاس پاڻيءَ جا موجود هئا!** پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه حيرت ۾ پئجي ويا ۽ پنهنجو هي ذهن ٺاهيائون ته هن مان ڪجهه نه کائيندس چوته هي کاڌو هڪ ڪافر جي لاءِ آيو آهي. اهو چوڻ لڳو.” **يا سيّدي**! کائو! ۽ ٻن ڳالهين جي خوشخبري ٻه سماعت فرمايو،” هڪ ته آءُ اسلام قبول ڪريان ٿو هي چئي ڪري ان شهادت جو ڪلمو پڙهيو. ٻي هي ته الله عَزَّوَجَلَّ وٽ اوهان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو تمام وڏو مقام آهي.“ مون سجدي ۾ سر رکي هيءَ دعا گهري هئي، يا الله! **محمَّدِ مصطفيٰ** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪڏهن رسولِ برحق آهن ته مون کي ٻه مانيون ۽ ٻه گلاس پاڻيءَ جا عطا فرماءِ ۽ جيڪڏهن **ابراهيم خواص** رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه

تنھنجا ولي آھن تہ وڏيڪ بہ مانيون ۽ بہ گلاس پاڻي عطا فرماءِ“.
دعا گهري مون جيئن ئي مٿو کنيو تہ ڪاڏي جو ھي **ٿالھہ** موجود
هيو، بعد ۾ حضرتِ سيّدُنا ابراهيم خواص رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اهو پُڊڻ کان پوءِ
ڪاڏو تناوُل فرمايائون ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اهو نئون مسلمان ولايت جي
اعليٰ درجي تي فائز ٿيو. **(ملخص از ڪشف المحجوب ص 433 ڪان 435)**

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اولياءُ الله** رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى ڪيترن ئي ڏينهن
تائين فاقو (يعني بُک) برداشت ڪندا آهن. انهن جي امداد ڪئي ويندي
آهي ۽ انهن جي لاءِ غيب مان دسترخوان ظاهر ٿيندا آهن، سيّدُنا
ابراهيم خواص رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي صحبت ۾ رهي ڪري ڪافر بہ الله
عَزَّوَجَلَّ جي عنايت سان مسلمان ٿي ڪري ولايت جو اعليٰ درجو ماڻي
ورتو. هر هڪ کي گهرجي تہ بُري صحبت کان پري رهي ۽ نيڪن
جي صحبت اختيار ڪري. **حديثِ پاڪ** ۾ آهي ”سٺو دوست اهو آهي
جو ان جي ڏسڻ سان توهان کي الله عَزَّوَجَلَّ ياد اچي وڃي ۽ ان جي
ڳالهين سان توهان جي (نيڪ) اعمال ۾ اضافو ٿئي ۽ ان جو عمل
توهان کي آخرت جي ياد ڏياري .“ **(جامع صغير جزء ثاني ص 247 رقم الحديث 4063)**

يک زمانہ صُحبتِ با اَولياء
بہتر از صَد سالہ طاعَت بے رِيا

**(يعني اولياءِ ڪرام** رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى **جي گهڙي ڪن جي صحبت سؤ سال جي خالص عبادت
ڪان بهتر آهي)**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (22) سٺي صحبت سٺو موت

**جيئن** تہ اردو جو محاورو آهي خربوزہ کو دیکھ کر خربوزہ رنگ پکڑتا ہے تہ کي گلاب جي گل ۾ رکي ڇڏيو تہ ان جي صحبت ۾ رهي ڪري گلابي ٿي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ڪري **عاشقانِ رسول** جي صحبت ۾ رهڻ وارو الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مهربانيءَ سان بي قدرو پٿر بہ انمول هيرو بڻجي، خوب چمڪي پوندو آهي ۽ اهڙي شان سان موت جي پيغام کي **لبيڪ** چوندو آهي جو ڏسڻ ۽ ٻڌڻ وارو رشڪ جي آتش ۾ پچي پوندو آهي ۽ جيئڻ بدران اهڙي موت جي آرزو ڪرڻ لڳندو آهي جيئن **ٽنڊو الله يار** (سنڌ) جي هڪ شخص **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول مان متاثر ٿي عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سان پنج وقتن جي نماز جي پابندي شروع ڪري ڇڏي ۽ **رمضان المبارڪ** جي آخري ڏهاڪي ۾ **دعوتِ اسلامي** جي تحت ٿيڻ واري **سنّتن ڀريي اعتڪاف** ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ ويهي رهيا، ڏهن ڏينهن ۾ قرآن پاڪ جون ڪجهہ سورتون، دعائون ۽ سنّتون ياد ڪري ورتيون، چهري تي هڪ مٺ ڏاڙهي ۽ مٿي تي سبز سبز عمامي جو تاج سجائڻ جي نيت سان گڏوگڏ هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت ۽ مدني قافلن ۾ سفر جي لاءِ بہ نالو لکرايائون، مطلب تہ سندن زندگي ۾ **مدني انقلاب** برپا ٿي ويو. عاشقانِ رسول

جي صحبت رنگ لاتو، گناهن کان توبھ ڪري سنّتن پري زندگي گذارڻ لڳا. هڪ ڏينهن ڪپڙن ۾ باھ لڳڻ جي سبب ويچارا بُري طرح سڙي پيا. ڪين اسپتال نيو ويو، ڊاڪٽرن ٻڌايو تہ ان جو جسم 80 سيڪڙو سڙي چُڪو آهي پر ڏسڻ وارا حيران هئا تہ تڪليف جو اظهار ڪرڻ جي بدران اهي **ذڪر و درود** ۾ مشغول هُئا، اعتڪاف جي دؤران **عاشقانِ رسول** جي صحبت ۾ رهي جيڪي سورتون ۽ دعائون ياد ڪيون هئائُون انهن کي هو پڙهي رهيا هئا. تقريبًا 48 ڪلاڪن تائين وقفي وقفي سان قرآن پاڪ جون سورتون ۽ دعائون وغيره پڙهندا رهيا ۽ صبح جو **اذانِ فجر** جي وقت بلند آواز سان لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهيائون ۽ سندن روح جسم منجهان پرواز ڪري ويو.

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (23) بري صحبت برو موت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جو حُسن ظن آهي تہ مرحوم زندگيءَ جي بازي کٽي ويو، اڄ ڪلھ جي بُري صحبت ۽ گهرن جو فينسي ماحول T.V ۽ INTERNET جي ذريعي فلمون ڊراما ڏسڻ ۽ گانا باجا ٻُڌڻ جي منحوس عادتن جي تباھ ڪارين کان ڊيڄاريندڙ، خبردار ڪندي هڪ ڏڪائيندڙ ۽ **عبرت انگيز** حڪايت بہ ملاحظ فرمائيندا. جيئن تہ هاڻي جيڪا حڪايت توهان ٻُڌي ان مرحوم جو

علاج ڪرڻ وارن ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي، عجيب اتفاق آهي جو ان دعوتِ اسلامي واري نوجوان **ماشاءَ الله** عَزَّوَجَلَّ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندي ۽ ڪلمو طيب پڙهندي پڙهندي جنهن وارڊ ۾ جان ڏني ڪجهه ڏينهن پهريان هڪ نوجوان (ماڊرن) ڇوڪرِي بہ باهہ ۾ سڙي ڪري انهيءَ وارڊ ۾ پهتي پر موت جي وقت ان ڇوڪريءَ جي زبان تي (مَعاذالله) هي هيو، **ڳانا ٻُڌايو! ڳانا ٻُڌايو! ناچ ڏيکاريو! ناچ ڏيکاريو!** هن طرح چوندي چوندي ان بدنصيب ڇوڪريءَ جو انتقال ٿي ويو، **جيڪڏهن اها ڇوڪري مسلمان هئي تہ الله** عَزَّوَجَلَّ **ويچاريءَ جي مغفرت فرمائي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه          اَسْتَغْفِرُاللّٰه

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** يقيناً هڪ نہ هڪ ڏينهن اسان کي بہ مرڻو آهي. اي ڪاش! آخري وقت ڪلمو طيب پڙهندي درود و سلام پيش ڪندي مٺي مٺي آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جلون ۾ اسان جو روح قبض ٿئي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** دنيا جي بيشمار ملڪن ۾ سنّتن جون بهارون لٽائي رهي آهي. هر مسلمان کي گهرجي تہ دنيا ۽ آخرت جي بهتري جي خاطر دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي پنهنجو هي ذهن بڻائي تہ **مونکي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي.** اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ.

# (24) بکيو شينهن

حضرتِ سيّدُنا داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَۃُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا، مون شيخ احمد حمّادي سَرخَسي عَلَیْہِ رَحْمَۃُاللّٰہِ القَوِی کان سندن توبهہ جو سبب پُڇيو تہ چوڻ لڳا، "هڪ ڀيري آءُ پنهنجي اُٺن کي وٺي "سرخَس" کان روانو ٿيس. سفر جي دؤران جهنگ ۾ هڪ بُکئي شينهن منهنجو هڪ اُٺ زخمي ڪري ڪيرائي ڇڏيو ۽ وڏي دڙي تي چڙهي گجگوڙ ڪرڻ لڳو، ان جو آواز ٻُڌندي ئي گهڻا درندا گڏ ٿي ويا شينهن هيٺ لٿو ۽ ان انهيءَ زخمي اُٺ کي چيري ٽڪرا ڪيو پر پاڻ ڪجهہ نہ کاڌائين بلڪ ٻيهر ان دڙي تي وڃي ويٺو، جمع ٿيل درندا اُٺ تي ڪڙڪي پيا ۽ کائي ڪري هليا ويا، باقي بچيل گوشت کائڻ جي لاءِ شينهن قريب آيو تہ هڪ منڊي لومڙي پري کان اچڻ لڳي، شينهن واپس پنهنجي جاءِ تي هليو ويو. لومڙي ضرورت موجب کائي جڏهن هلي ويئي تڏهن شينهن ان گوشت مان ٿورڙو کاڌو. مان پري کان هي سڀ ڪجهہ ڏسندو رهيس، اوچتو شينهن مون ڏانهن رخ ڪيو ۽ صاف لفظن ۾ چوڻ لڳو، "احمد! هڪ گرهہ جو ايثار تہ ڪُتن جو ڪم آهي راهِ حق جا مرد تہ پنهنجي جان بہ قربان ڪري ڇڏيندا آهن." مون هن انوکي واقعي مان متاثر ٿي پنهنجي تمام گناهن کان توبهہ ڪئي ۽ دنيا کان پاسو ڪري پنهنجي الله عَزَّوَجَلَّ سان دل لڳائي."

(ڪشف المحجوب تبخير مترجم ص 383)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

## ڪڪڙ جي توڪل مدينا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو! بُکئي شينهن پنهنجو شڪار ٻين جانورن تي ايثار ڪري بُک برداشت ڪرڻ جو بهترين مثال قائم ڪيو ۽ وري الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان ان ڪيڏي زبردست نصيحت ڪئي جو "هڪ گِرهہ جو ايثار تہ ڪُتن جو ڪم آهي مرد کي گهرجي تہ پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏي." پر افسوس! اڄ جا اسان جهڙا بي عمل مسلمان هڪ گرهہ جو ايثار تہ ڇا ڪندا، جن کان جيترو ٿي سگهي ٿو اهي ٻين جي وات مان بہ گرهہ کسي وٺن ٿا بلڪ هڪ گرهہ جي خاطر ڪڏهن ڪڏهن تہ قرلت ۽ قتلام کان بہ ناهن مُڙندا. ڪوڙ ساريون غذائون موجود هجڻ جي باوجود هڪ هڪ " ٽڪري " جي خاطر فساد برپا ڪندا وتندا آهن. چيو وڃي ٿو،"ڙُڳو ٽي ساهہ وارا اهڙا آهن جيڪي غذائن جو ذخيرو ڪندا آهن، (1) (اسان جهڙا گناهگار) انسان (2) ڪوئو ۽ (3) ڪِوِل". انهن کان علاوه ڪو بہ حيوان ٻي وقت جي لاءِ بچائي نہ ٿو رکي. توهان **ڪڪڙ جي توڪل** تہ ڏٺي هوندي، ان کي پاڻيءَ جو پيالو پيش ڪيو ويندو آهي تہ پي ڇُڪڻ کان پوءِ پيالي جي ڪناري تي پير رکي ان کي اونڌو ڪري ڇڏيندي آهي، ان کي پنهنجي الله عَزَّوَجَلَّ تي ڪامل ڀروسو هوندو آهي تہ جنهن هاڻي پيئاريو آهي تہ اڄ لڳڻ تي ٻيهر بہ پيئاريندو. ۽ مزي جي ڳالهہ هي آهي تہ ان کي پيئارڻ جي خدمت بہ انسان کان ورتي ويندي آهي. ها الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جي توڪل بيمثال هوندي آهي. توڪل جي هڪ تعريف هي بہ آهي تہ "ڙُڳو الله عَزَّوَجَلَّ جي عنايت

تي ڀروسو ڪري ۽ جيڪو ڪجھ ماڻھن وٽ آھي ان کان مايوس ٿي وڃي.“ (ملخص از الرسالة القشيريه ص 169 باب توكل)

الله عَزَّوَجَلَّ تي ڪامل توڪل ڪرڻ وارن جو بہ ڇا شان ھوندو آھي، جيئن تہ

## (25) مُتَوَڪِّل نوجوان

حضرتِ سيِّدُنا ابراھيم خواص رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا،”ملڪ شام جي رستي ۾ ھڪ الله واري نوجوان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سان منھنجي ملاقات ٿي. انھن مون کي چيو،” ڇا اوھان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه منھنجي صحبت ۾ رھڻ پسند فرمائيندو؟“مون چيو،”آءُ تہ **بُکايل** رھندو آھيان “ چوڻ لڳا ، ” اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ آءُ بہ بُک ۾ رھندس “ چار ڏينھن اھڙيءَ طرح فاقي ۾ گذري ويا. ان کانپوءِ ڪٿان کان کا غِذا اچي ويئي، مون کين چيو،” اچو کائي وٺو.“ جواب ڏنائون، ”مون عھد ڪيو آھي کنھن جي ذريعي کا شيءِ نہ وٺندس.“ مون خوش ٿي چيو، ”مرحبا! اوھان تمام نازڪ نُڪتو بيان فرمايو.“ ھي ٻُڌي اھي چوڻ لڳا،” اي ابراھيم (رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه)! منھنجي ڪوڙي تعريف نہ ڪريو ڇو تہ پرکڻ وارو پروردگار عَزَّوَجَلَّ اوھان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي حال ۽ توڪّل کي خوب ڄاڻي ٿو. “ پوءِ فرمائڻ لڳا، ” **توڪّل** جو گھٽ ۾ گھٽ درجو ھي آھي جو فاقي تي فاقو اچڻ جي باوجود دل الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ کنھن ٻئي جي طرف متوجھ نہ ٿئي. “

(الرسالة القشيريه ص 168 باب توكل)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انھن تي رحمت ھجي ۽ انھن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

سچ ہے انساں کو کچھ کھو کے مِلا کرتا ہے
آپ کو کھو کے تجھے پائے گا جویا تیرا (ذوقِ نعت)

يا رب مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي نفس ۽ شيطان جي شرارتن کان محفوظ فرماءِ ۽ بُک جي عظيم نعمت سان نوازي پنهنجو صابر ۽ شاڪر ٻانهو بڻاءِ.

بھوک کی نعمت سے تُو نواز مولیٰ عزوجل
صَبر کی دولت سے تُو نواز مولیٰ عزوجل

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (26) رزق پاڻ ڳولي رهيو هو

حضرتِ سيّدُنا ابو يعقوب اقطع بصري رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا. ”هڪ ڀيري آءٌ مڪهءِ مڪرمه ۾ ڏهن ڏينهن تائين بُکايل رهيس، جنهن جي ڪري مون کي ڪمزوري اچي ويئي ۽ جهنگ ڏانهن هلي پيس ته شايد ڪجهه غذا ملي وڃي جيڪا منهنجي ڪمزوريءَ کي روڪي، رستي ۾ هڪ ڪِريل گوگڙو نظر آيو، ڪنيم ته ”پُراڻو“ ٿي چُڪو هيو، مون کي محسوس ٿيو ڄڻ ڪو چئي رهيو آهي، ”توهان ڏهه ڏينهن بُکايل رهيؤ ڇا ان کان پوءِ اهو ئي هڪ گوگڙو توهان لاءِ رهجي ويو هيو!“ مون ان کي واپس رکي ڇڏيو ۽ **مسجدالحرام شريف** ۾ حاضر ٿيس. ايتري ۾ هڪ **عجمي** (يعني هر غير عربيءَ کي عجمي چوندا آهن) مون وٽ آيو ۽ هڪ ننڍڙي پيتي پيش ڪندي چوڻ لڳو، ”هي اوهان جي آهي“. مون چيو، منهنجي ڪيئن ٿي ويئي؟ چوڻ لڳو، اسان ڏهن ڏينهن کان سمنڊ ۾ سفر ڪري رهيا هئاسين

**طوفان** اچي ويو ۽ اسان جي ٻيڙي ٻُڏڻ جي ويجهو ٿي ويئي تہ اسان سڀني نيّتون ڪيون هيون تہ جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي ڇوٽڪارو بخشي تہ اسان خيرات ڪنداسين. مون بہ هيءَ نيّت ڪئي هئي تہ مسجد الحرام شريف ۾ مون کي جيڪو پهريون ماڻهو نظر ايندو ان کي هي پيش ڪندس. سو اوهان ئي اهي پهريان شخص آهيو جيڪي مون کي مليا آهيو." **مون جڏهن پيتي کولي تہ ان ۾ مصري ميدي جو ڪيڪ، ڇليل بادام ۽ قند سفيد** (هڪ قسم جي مٺائي) **جون ڇَڪيون هيون.** مون دل ئي دل ۾ پنهنجو پاڻ کي چيو تہ تنهنجو رزق ڏهن ڏينهن کان تنهنجي طرف اچي رهيو هيو پر تون هن کي جهنگ ۾ تلاش ڪرڻ جي لاءِ نڪري پيو هئين! مون ان مان ٿوريون ٿوريون شيون پنهنجي لاءِ ڪڍي بقايا ان کي موٽائيندي چيو. " آءُ قبول ڪري چُڪو آهيان هاڻي هي اوهان ڪٺي وڃو ۽ منهنجي طرف کان پنهنجي ٻارن کي تحفو ڏئي ڇڏيو."

**(الرسالة القشيريه ص 169، 170 باب : توڪل)**

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** الله عَزَّوَجَلَّ جي اولياءِ ڪرام جي توڪل جو بہ ڇا اعليٰ شان هوندو آهي. ڏهن ڏينهن جو فاقو هجڻ جي باوجود جڏهن کائڻ جون شيون مليون تڏهن بہ ٿوري قبول ڪري بقايا واپس ڏئي ڇڏيون. هڪ وقت کائي ڇڏڻ کان پوءِ هن ڳالھ جي انهن کي پرواھ نہ هوندي هئي تہ بعد ۾ ڇا کائيندا سين! انهن جو

ذهن نهيل هيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جيستائين زندهہ رکڻ منظور فرمايو آهي اُن وقت جي لاءِ رزق پاڻ ئي فراهم ڪري ڇڏيندو. جيئن جو ٻارهين سيپاري جي شروع ۾ آهي.

وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا

(پاره 12 سوره هود آيت 6)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ زمين تي چُرندڙ ڪابہ شيءِ اهڙي نہ آهي جنهن جو رزق الله جي ڪرم جي ذمي نہ هجي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هتي هڪ مدني نُڪتو قابلِ غور آهي ۽ اهو هي تہ الله عَزَّوَجَلَّ هر هڪ جي روزي پنهنجي ذمي رکي آهي پر هر هڪ جي مغفرت جو ذمو ناهي کنيو. تہ اهو مسلمان ڪيتريقدر نادان آهي جيڪو رزق جي لاءِ ڏِڪا ٿاٻا کائيندو وتي پر مغفرت جي طلب ۾ دل نہ جلائي!

اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ عاشقانِ رسول جي تربيت جي لاءِ سفر ڪرڻ وارن مدني قافلن ۾ آخرت ۽ مغفرت جي طلب جو ذهن ڏنو ويندو آهي جيئن

## (27) جوشيلو مبلغ

**عاشقانِ** رسول جو هڪ **مدني قافلو** جهلم (پنجاب) جي هڪ ڳوٺ ۾ **12** ڏينهن جي لاءِ سنّتن جي تربيت جي خاطر پهتو. جنهن مسجد ۾ قيام هيو، ان جي سامهون واري گهر ۾ رهڻ واري هڪ نوجوان تي هڪ عاشقِ رسول **انفرادي ڪوشش** ڪندي مدني قافلي ۾ سفر جي ترغيب ڏياري. اهي نوجوان رُڪو 2 ڏينهن گڏ رهڻ جي

لاءِ تيار ٿيا ۽ مدني قافلي وارن سان گڏ سنّتون سکڻ ۽ سيکارڻ ۾ مصروف ٿي ويا. رُڳو ٻہ ڏينهن مدني قافلي ۾ گذارڻ جي برڪت سان پنهنجي گھر ۾ نمازن جي تلقين ڪئي. جيئن تہ گھر جا ٻا اثر شخص هئا. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تقريبًا سيني نماز پڙهڻ شروع ڪري ڇڏي. انهن پاڙي ۾ مامي جي گھر بہ وڃي **نيڪيءَ جي دعوت** پيش ڪئي. گھروارن کي ٽي وي جون تباهہ ڪاريون ٻُڌائي ان کي گھر مان ڪڍي ڇڏڻ جو ذهن ڏنائون. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ سيني جي رضامنديءَ سان گھر مان ٽي وي ڪڍي وئي. ٻئي ڏينهن صبح جو ڪپڙن تي اِستري ڪندي اوچتو ڪين ڪرنٽ لڳو ۽ انهيءَ وقت انهن دم ڏنو. گھروارن جو چوڻ آهي تہ اسان واضح طور تي ٻُڌو تہ وفات جي وقت ان جي زبان تي **ڪلمهءِ طيبه** لَآاِلٰهَ اِلَّااللهُ مُحَمَّدٌرَّسُوۡلُ اللهِ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جاري هيو.

## (28)انڌو ماني

**حضرتِ سيِّدُنا ابو تُراب نخشبي** رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا، ” سفر جي دؤران منهنجي نفس رُڳو هڪ ڀيرو **انڌو ماني** کائڻ جي خواهش ڪئي، جيئن تہ آءُ هڪ ڳوٺ ۾ پهتس. اتي هڪ شخص اوچتو مون سان چنبڙي ويو ۽ رڙيون ڪري چوڻ لڳو. ”هي بہ چورن سان گڏ هيو“. وڌو ميڙ ٿي ويو ۽ ماڻهن چورن جو ساٿي سمجهي ڪري مون کي ستر ڌُرا (يعني چهبڪ) هنيا. ان ڪان پوءِ انهن مان هڪ ماڻهوءَ مون کي سڃاڻي ورتو ۽ چيو، ” هي چور نٿا ٿي سگهن. هي تہ ابو تُراب نخشبي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه آهن.ان تي ماڻهن شرمسار ٿي مون کان

معذرت گهري. انهن مان هڪ شخص مون کي پنهنجي گهر وٺي ويا ۽ خير خواهي ڪندي حُسن اتفاق سان **انبو مانـي** کائڻ جي لاءِ پيش ڪيائون. مون نفس کي چيو، ”ستر دُرا کائڻ کان پوءِ تنهنجو مطالبو پورو ٿيو هاڻي **انبو مانـي** کائي وٺ“. (الرسالة القشيريه ص 144)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (29) اڇو پيالو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** واقعي اللّٰه وارن جو نظام بہ خوب هوندو آهي، انهن کي نفس جي پيروي کان بچايو ويندو آهي، جن جو هاڻي واقعو بيان ڪيو ويو اهي حضرت سيِّدُنا ابو تُراب نخشبي رَحۡمَةُاللّٰهِتَعَالٰیعَلَیۡه باڪرامت **وليُ الله** هئا جيئن تہ هڪ ڀيري **سفرِ مدينه** جي دؤران برپٽ بيابان ۾ ساٿن ڪنهن مُريد اڃ جي شڪايت ڪئي، پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِتَعَالٰیعَلَیۡه زمين تي پير مبارڪ هنيائون تہ مٺي پاڻيءَ **جو چشمو** ظاهر ٿيو. هي ڏسي ٻئي مريد عرض ڪيو، ”مان تہ پيالي ۾ پيئندس“. پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِتَعَالٰیعَلَیۡه زمين تي هٿ مبارڪ هنيائون تہ هڪ **اڇو پيالو** ظاهر ٿيو. هن واقعي جا راوي حضرت شيخ ابو العباس رَحۡمَةُاللّٰهِتَعَالٰیعَلَیۡه فرمائن ٿا ” اهو **اڇو پيالو** مڪهءِ مڪرمه تائين اسان سان گڏ رهيو. “

(تذكرة الاولياء ج اول ص 264)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

ہوگا سَیراب سرِ کوثر و تسنیم وُہی
جس کے ہاتھوں میں مدینے کا پِیالہ ہوگا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**وسوسو:** اندرو ماني کائڻ کو گناهہ تہ ناهي، پوءِ آخر هک ولی الله کي ان جي خواهش تي ايتري زبردست سزا ڇو ملي؟

**وسوسي جو علاج:** **اهلُ الله** رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي انهيءَ ريت تربيت بہ ٿيندي آهي ۽ آزمائش بہ ۽ اهڙيءَ طرح انهن جا درجا بلند ڪيا ويندا آهن. عام مسلمان بہ تہ ڪڏهن ڪڏهن بظاهر بي قصور هئڻ جي باوجود آفتن ۽ مصيبتن جو شڪار ۽ بيمار ٿي پوندو آهي! ان جي حڪمتن مان هي بہ آهي تہ هن طرح سندن گناهہ مٽايا ويندا آهن ۽ درجا وڌايا ويندا آهن. انبياء و صحابہ ۽ شهداءِ ڪربلا عَلَيْهِمُ السَّلَام و رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُم تي بہ تہ امتحان آيا. پاڻ اسان جي مٺي مٺي آقا مديني واري مصطفٰی صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بہ ڪفارِ بدڪار هر طرح سان ستايو.

## شان موجب امتحان

حضرتِ سيّدُنا سعد رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن فرمايو، تہ نبي ڪريم، رؤف رحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم کان پُڇيو ويو تہ ڪهڙا ماڻهو سخت آزمائش ۾ مبتلا ٿيندا آهن؟ حضورِ اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، (سڀ کان پهريان) انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام پوءِ انهن کان بعد جيڪي افضل آهن. پوءِ انهن کان بعد جيڪي افضل آهن يعني حسب مَراتب (يعني رُتبن جي حساب سان)، ماڻهوءَ جو دين سان جهڙو تعلق هوندو آهي انهيءَ اعتبار سان مصيبت ۽ تڪليف ۾ مبتلا ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن دين ۾ سخت (يعني پابند) آهي تہ ان تي تڪليف

بہ سخت ايندي ۽ جيڪڏهن دين ۾ ڪمزور آهي تہ ان تي آساني ڪئي ويندي آهي. اهو ئي سلسلو هميشہ رهندو آهي، ايتري تائين جو زمين تي اهو ائين هلندو آهي جو ان تي ڪوبہ گناهہ ناهي رهندو.

(جامع ترمذي ج4 ص 170 رقم الحديث 2406)

بهرحال هي سڀ **الله رب العزت** عَزَّوَجَلَّ جي مرضيءَ سان ٿيندو آهي ۽ نيڪ ٻانها صبر ڪري اجر جا خزانا جمع ڪندي زبان حال سان چوندا آهن.

جے سوہنا مرے دُکھ وِچ راضی
تے میں سُکھ نوں چُلّھے پاواں

(يعني جيڪڏهن محبوب منهنجي ڏڪئي ٿيڻ تي خوش آهي تہ پوءِ مان سک چين کي چلهہ (يعني باهہ) ۾ اڇلايان ٿو)

پريشانين ۽ بيمارين تي خوش رهڻ جي سلسلي ۾ هڪ ايمان افروز حڪايت ملاحظہ فرمايو جيئن تہ:

## (30) بخار ۾ سدا بهار

**هڪ** ڏينهن حضور سيّد عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم رسولِ محتشم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو، "مسلمان جي بدن تي جيڪا بہ مصيبت اچي ٿي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي سبب ان جا گناهہ مٽائي ڇڏيندو آهي". اهو ٻُڌي حضرتِ سيّدُنا ابيّ بنِ ڪعب رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ دعا گهري، " **ياالله** عَزَّوَجَلَّ مان توکان پنهنجي موت تائين اهڙو **بخار** طلب ڪريان ٿو جيڪو مون کي نماز، روزي ، حج ۽ عمري ۽ تنهنجي راهہ ۾ جهاد کان نہ روڪي ". سندن دعا مقبول ٿي. ۽ پوءِ

راويءِ جو بيان آهي تہ حضرت سيّدنا ابيّ بن ڪعب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪي هر وقت **بخار** رهندو هو ايتري تائين جو سندن وفات ٿي وئي. پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ان حالت ۾ بہ مسجد ۾ نماز جي لاءِ حاضري ڏيندا هئا، روزو رکندا هئا، حج ۽ عمرو ڪندا ۽ جهاد ڪندا هئا.“

**(ڪنزالعمال ج3 ص 299 رقم الحديث 8633)**

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بخار جي فضيلت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بخار جي فضيلت جو بہ ڇا چئجي! حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو تہ نبي ڪريم، رؤف رَّحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم جي خدمت ۾ بخار جو ذڪر ڪيو ويو تہ هڪ شخص بخار کي بُرو چيو. تاجدارِ رسالت، ماهِ نُبُوَّت، محبوبِ ربُّ العزّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، ” بخارکي بُرو نہ چئو، ان لاءِ جو اهو (مومن ڪي) گناهن کان اهڙيءَ ريت پاڪ ڪري ٿو جيئن باهہ لوهہ جي ڪٽ (يعني زنگ) کي صاف ڪري ڇڏيندي آهي.“ **(سنن ابن ماجہ ج4 ص 104، رقم الحديث 3469)**

پھونک دے جو مری خوشیوں کے چمن کو آقا
چاک دل چاک جگر سوزشِ سینہ دیدو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (31) مهري دال جي فيس

حضرتِ سيّدُنا ابراهيم بن شيبان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا، ” آءُ چاليهن ورهين تائين ڪڏهن بہ چت جي هينان ڪا رات نہ گذاري.

پيٽ ڀري **مهريءَ جي دال** کائڻ لاءِ دل تمام گهڻو چاهيندي هئي. هڪ ڀيري ملڪ شام ۾ ڀڪل مهريءَ جي دال جو پيالو ڪنهن ڏنو، مون ان مان کاڌو، جڏهن ٻاهر نڪتس تہ هڪ دڪان تي ٻوتلون لٽڪيل نظر آيون، مون سمجهيو هي سرڪو آهي ۽ غور سان ڏسڻ لڳس، ڪنهن چيو، ” اوهان ڇا ڏسي رهيا آهيو هي تہ شراب آهي “ ۽ مٽن جي طرف اشارو ڪري چيو، ” هن ۾ بہ شراب آهي “ مون کي جوش اچي ويو مان دڪان جي اندران شراب جا مٽ ٻاهر ڪڍي اڇي زمين تي هارڻ شروع ڪري ڇڏيا، منهنجي دليريءَ جي سبب دڪاندار تي منهنجو رعب ڇانئجي ويو ۽ هُو مون کي **گورنمينٽ** جو ماڻهو سمجهي وينو انهيءَ ڪري چپ چاپ ڏسندو رهيو، جڏهن حقيقت حال جو انڪشاف ٿيو تہ دڪاندار مون کي مصر ۽ شام جي حاڪم ابن طُولُون جي حوالي ڪري ڇڏيو، مون کي بہ سؤ بيد (يعني ڏنڊا) هنيا ويا ۽ ڊگهي عرصي جي لاءِ جيل ۾ بند ڪيو ويو. آزاديءَ جي صورت هيئن ٿي جو منهنجا استاد محترم حضرت سيّدنا ابو عبدالله مغربي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی ان شهر ۾ تشريف کڻي آيا. مون کان پُڇيائون، ”توهان کهڙو ڏوهہ ڪيو هيو؟“ عرض ڪيم، **پيٽ ڀري مهريءَ جي دال کاڌي ۽ ان جي فيس ۾ قيد کان علاوه بہ سؤ بيد (ڏنڊا) بہ کاڌا**، فرمايائون، **سستو سودو ٿيو**، ۽ شراب جي مٽن وارو قصو بہ بيان ڪيم. انهن سفارش ڪري مون کي آزاد ڪرايو. (الرسالة القشيريه 153 باب نفس کي مخالفت)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله وارا نفس جي پيروي ڪان هر وقت پرهيز فرمائيندا آهن جيڪڏهن ڪڏهن بہ نفس جو مطالبو پورو ڪري ويهندا آهن تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪين سخت آزمائش ڪي منهن ڏيڻو پوندو آهي ۽ اهڙيءَ ريت انهن جا درجا وڌيڪ بلند ٿيندا آهن. هي سڀ محب ۽ محبوب جا راز ۽ نياز آهن.

مکتبِ عشق کا دستور نِرالا دیکھا
اُس کو چُھٹّی نہ ملی جس کو سبق یاد رہا

## (32) مڇيءَ جو ڪنڊو

حضرتِ سيّدُنا ابوالخير عسقلاني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي ڪيترن ئي سالن تائين مڇي کائڻ جي خواهش ڪندا رهيا. آخرڪار حلال طريقي سان ڪين اها ڳالهہ ميسر اچي ويئي پر جيئن ئي کائڻ لاءِ هٿ وڌايائون تہ ڪين مڇيءَ جو ڪنڊو آڱر ۾ چُڀي پيو. زخم ايتريقدر بگڙيو جو آخرڪار پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو هٿ ضايع ٿي ويو. ان تي بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيائون، يا الله! عَزَّوَجَلَّ هي تہ ان شخص جو حال آهي جنهن هڪ حلال شيءِ جي خواهش ڪئي ۽ ان جي طرف هٿ وڌايو، ان شخص جو ڇا ٿيندو جيڪو حرام شيءِ جي خواهش سان ان جي طرف هٿ وڌائيندو.“ (الرسالة القشيريه ص 142)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله وارن جا انداز نرالا هوندا آهن، اهي تڪليف پهچڻ تي ان جا مثبت (يعني بهتر) نُڪتا ڪڍندا آهن ۽ خوب

عاجزي فرمائيندا آهن، اسان جو حُسن ظن آهي تہ حضرتِ سيّدُنا ابوالخير عسقلاني قُدِّسَ سِرُّہُ الرَّبَّانِي کي مڇيءَ جو **ڪنڊو** درجا بلند ٿيڻ جي لاءِ لڳو هيو، عام ماڻهوءَ کي بہ مڇي کائڻ وقت ڪڏهن ڪڏهن نڙيءَ ۾ ڪنڊو اٽڪي پوندو آهي. جيڪر ڪڏهن بہ ائين ٿئي تہ صبر ۽ تحمل کان ڪم وٺڻ گهرجي ڇو تہ مسلمان کي جيڪا بہ تڪليف پهچي ٿي ان سان يا تہ ان جا گناهہ مُعاف ٿيندا آهن يا ان جا درجا بلند ڪيا ويندا آهن جيئن:

## ڪنڊو لڳڻ جي فضيلت

**حضرتِ** سيّدُنا ابوسعيد خُدري رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ ۽ سيّدنا ابوهريره رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم، رؤف رحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوۃِ وَالتَّسْلِيْم فرمايو، تہ مسلمان کي ڪو رنج، ڪو ڏک، ڪو فڪر، ڪا تڪليف، ڪا اذيت ۽ ڪو غم ناهي پهچندو ايتري تائين جو **ڪنڊو** جيڪو ان کي لڳي پر الله تعالى ان جي سبب ان جي گناهن کي مٽائي ڇڏيندو آهي.“

(بخاري شريف ج7 ص 3 رقم الحديث 5641، 5642)

## مصيبت جي حڪمت

**حضورِ** اڪرم، نورِمجسم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، تہ ٻانهي جي لاءِ علمِ الاهي عَزَّوَجَلَّ ۾ جڏهن ڪو ڪمال وارو مرتبو مقدر ۾ هوندو آهي ۽ پنهنجي عمل سان ان مرتبي تائين ناهي پهچندو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي جسم يا مال يا اولاد تي مصيبت وجهندو آهي پوءِ هن تي صبر عطا فرمائيندو آهي، ايتري تائين جو ڪيس ان مرتبي تائين پهچائي ڇڏيندو آهي جيڪو ان جي لاءِ علمِ الاهي عَزَّوَجَلَّ ۾ مقدر تي چُڪو آهي.

(سنن ابو داود ص 123 رقم الحديث 3090)

وہ عشقِ حقیقی کی لذّت نہیں پاسکتا
جو رنج و مصیبت سے دوچار نہیں ہوتا

## (33) گجرءِ ماکي

**بزرگانِ دين** رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن نفس جي سخت مخالفت فرمائيندا هئا. جيئن حضرتِ سيّدُنا شيخ سري سقطي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، منهنجو نفس ٽيهہ يا چاليهہ ورهين کان مطالبو ڪري رهيو آهي تہ رُڳو هڪ گجر ماکي ۾ ٻجائي کاوان پر اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون نفس جي ڳالهہ نہ مڃي." (الرسالة القشيريه ص 153)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

## (34) انجير ڪڍي ڇڏيو

**حضرتِ سيّدُنا جعفر بن نصير** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَدِيْر فرمائن ٿا، حضرت سيّدُنا شيخ جُنيد رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه مون کي هڪ درهم ڏئي ڪري **وزيري انجير** آڻڻ جو حڪم فرمايائون، مون حاضر ڪيا، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه افطار جي وقت وات ۾ انجير رکيو ۽ جلدي ڪڍي ڇڏيائون ۽ روئي وينا ۽ فرمايائون، **انجير** هتان کان کڻو. مون سبب پُڇيو تہ فرمايائون، منهنجي ضمير مان آواز آيو، "توکي شرم نہ ٿو اچي جو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هڪ خواهش کي ڇڏي ڏيڻ کان پوءِ وري ان جي تڪميل ڪرڻ لڳو آهين." (ايضًا ص 154)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ڪنهن بلڪل سچ چيو آهي. ”پنهنجو لغام ”خواهش“ جي هٿ ۾ نہ ڏيو هي توهان کي اونداهيءَ جي طرف وٺي ويندي.“

(ايضًا ص 154)

## (35) حلوائيءَ گرھ ڪارايا

**شيخُ المُحقّقِين**، خاتَمُ المُحَدّثين حضرت شيخ عبدالحق مُحَدّث دهلوي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی فرمائن ٿا، ” منهنجي پير و مرشد سيّدي **شيخ عبدالوهاب متّقي** رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ۽ انهن جو هڪ دوست هڪ پيري ڏُڪار جي زماني ۾ مسجد جي الڳ الڳ ڪنڊ ۾ عبادت ۾ محو هئا. ٻنهي پهريان کان ئي پاڻ ۾ طئي ڪري ڇڏيو هيو تہ نہ پاڻ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪنداسين، نہ ڪنهن کان ڪاڏو گهرنداسين ۽ نہ ئي پنهنجي هٿ سان ڪجهہ ڪائينداسين. لڳاتارويهہ **ڏينهن اهڙيءَ** طرح گذري ويا. **ايڪويهين ڏينهن هڪ حلوائيءَ** مسجد ۾ اچي ٻنهي جي وچ ۾ ڪاڏو رکيو ۽ هليو ويو. (ڇو جو هي طئي ٿيو هيو تہ پنهنجي هٿن سان ڪجهہ نہ ڪائينداسين تنهن ڪري) انهن ٻنهي ان مان ڪجهہ نہ ڪاڏو، **ٻاويهين ڏينهن** اهو وري آيو ۽ ڪاڏو رکي ويو، هن پيري بہ ٻنهي ڪاڏي کي هٿ نہ لڳايو، **ٽيويهين ڏينهن ان حلوائيءَ اچي پنهنجي هٿن سان گرھ ڏاهي انهن ٻنهي کي ڪاڏو ڪارايو.**“

(اخبار الاخيار ص 278 مطبوعه مڪتبه نوريه رضويه سکر)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (36) گوشت جون بيڪار هڏيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرتِ سيِّدُنا شيخ عبدالوهاب متّقي قادري شاذلي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي تمام وڏا فاقہ مست ولـــي الله هئا، هڪ پيري رياضتن ۾ ٻئي ڪان سوال نہ ڪرڻ ۽ بُک جو تذڪرو نڪتو تہ فرمايائون، ” هڪ دؤر اهو هيو جو مان قصاب (يعني ڪاسائي) وٽ اڇلڻ واريون **بيڪار هڏيون** ۾ ڪٽڪ جا تيلا جيڪي فصلن ۾ اڇلايا ويندا آهن ڪٽندو هيس، ڌوئي ڪري ديڳڙيءَ ۾ اوٻاري ان جي شوروي جو هڪ پيالو پي ڪري گذارو ڪندو هيس، ماڻهن کي جڏهن ان جو اطلاع مليو تہ اهي قسمين قسمين جا کاڌا آڻـڻ لڳا. هي حال ڏسي آءُ اتان روانو ٿي ويس ۽ پوءِ ڪنهن جڳهہ تي ٿن ڏينهن کان وڌيڪ قيام نہ ڪرڻ جو معمول بڻائي ڇڏيم. (ايضًا ص 277)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

بھوک کی عادت بنے اور اِستِقامت بھی ملے
خاتِمہ بِالخیر ہو اللہ! جنّت بھی ملے

## (37) کائڻ کان اڳ خوف

حضرتِ سيِّدُنا وهب بن ورد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هڪ يا ٻہ يا ٽي ٽي ڏينهن بُک ۾ رهڻ کان پوءِ هڪ ماني وٺندا هئا ۽ هيئن دعا ڪندا هئا، ” يا الله! عَزَّوَجَلَّ تون ڄاڻين ٿو تہ مان ان کي کائڻ کانسواءِ تنهنجي عبادت جي طاقت نہ ٿو رکان ۽ مون کي ڪمزوري ۽ **الم** (يعني غم جو خوف آهي. يا الله! عَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن هن مانيءَ ۾ ڪا خرابي يا حرام هجي تہ اڻ ڄاڻائيءَ ۾ منهنجي پيٽ ۾ وڃڻ تي مون کي هن کاڌي

تي پڪڙ نہ ڪجانءِ ". هي دعا گهرڻ ڪان پوءِ پاڻ رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡه مانيءَ ڪي پاڻيءَ ۾ پسائيندا ۽ تناوُل فرمائيندا هئا". (منهاج العابدين ص 98)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪائي روئڻ گهرجي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بي فڪر ٿي هر شيءِ کائيندو وڃڻ ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهہ آهي، آخرت جي حساب کان اسان کي ڊڄڻ گهرجي، **حجة الاسلام** حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللهِ الۡوَالِي احياءُ العلوم ۾ فرمائن ٿا، ڪائي روئڻ وارو ۽ کائي لهو و لعب (يعني راند روند، يا کِل مذاق) ۾ پوڻ وارو ٻئي برابر نہ ٿا ٿي سگهن. (احياءُ العلوم ج2 ص 8) وڌيڪ فرمائن ٿا، شڪ واري کاڌي تي استغفار ۽ غم جو اظهار ڪري تہ جيئن ان جي ڳوڙهن ۽ غم جي سبب ان جي حق ۾ جهنّم جي باهہ وسامي وڃي جيڪا اهڙي کاڌي جي سبب کان پيش اچي. ڇو تہ حضورُ اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، "جيڪو گوشت حرام مان پليو هجي باهہ ان جي وڌيڪ مستحق (يعني حقدار) آهي."

(شعب الايمان ج5ص56 حديث 5761)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (38) سڪل مانيءَ جو ٽڪرو

**حضرتِ** سيّدُنا جُنيد بغدادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللّٰهِ الۡهَادِی فرمائن ٿا. هڪ ڏينهن حضرتِ سيّدُنا حارث بن اسد مُحاسِبي قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي منهنجي گهر جي پرسان گذريا، مون انهن ۾ **بُک** جا آثار ڏٺا تہ عرض ڪيم،

”چاچا سائين! تشريف کڻي اچو ۽ ڪجھہ کائو“. پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه تشريف کڻي آيا، گھر ۾ ٻيو ڪجھ تہ نہ هيو، پاڙي مان **شاديءَ جو ڪاڌو** آيو هيو، اهو ئي حاضر ڪري ڇڏيم. انهن هڪ گرهہ ڪنيو ۽ وات ۾ ڪيترائي ڀيرا گھمايو پوءِ گھر کان ٻاهر وڃي ڪڍي ڇڏيو ۽ تشريف کڻي ويا. پوءِ ڪجھ عرصي کان پوءِ جڏهن ڪين ڀيھر ڏٺم تہ مون انهيءَ ڏينهن کائڻ نہ کائڻ جو سبب پُڇيو تہ فرمايائون، ”مون کي بُک لڳي هئي تنهن ڪري مون چاهيو تہ توهان جو ڪاڌو کائي وٺان ۽ توهان کي خوش ڪري ڇڏيان پر منهنجي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي وچ ۾ هي عهد آهي تہ جنهن ڪاڌي ۾ ”شبهو“ هجي اهو منهنجي نِڙيءَ کان هيٺ نہ لهندو، اهو ئي سبب هيو جو آءُ ان کي کائي نہ سگھيس“. مون عرض ڪيو، ”اهو ڪاڌو منهنجي پاڙيسريءَ وٽان شاديءَ جو آيو هيو، اڄ وري گھر ۾ تشريف آڻيو،“ پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه تشريف کڻي آيا. مون **سڪل ماني‌ءَ جو ٽڪرو** پيش ڪيو. پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه اهو تناوُل فرمائي ڇڏيو ۽ فرمايائون، ”درويشن کي اهڙو ئي ڪاڌو پيش ڪندا ڪريو“.

(الرسالة القشيريه ص 429، 430)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (39) آگر جي رڳ ٽڙڪي اٿي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! ڪيڏي نہ ڪٺي بُک چونہ هجي پر **اولياءُالله** رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی مشڪوڪ ڪاڌي کي تناوُل نہ فرمائيندا هئا. حضرتِ سيّدُنا حارث مُحاسِبي رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي مٿان الله عَزَّوَجَلَّ جو

خاص ڪرم هيو. حضرت سيّدُنا ابو علي دقاق عَلَيهِ رَحمَةُاللهِ الرَّازِق کان منقول آهي، ”جڏهن بہ حضرت سيّدُنا حارث مُحاسبي عَلَيْهِ رَحمَةالرَبِی ڪنهن مشڪوڪ کاڌي جي طرف هٿ وڌائيندا هئا تہ سندن جي هڪ آڱر جي رڳ ٿڙڪندي هئي ۽ پاڻ رَحمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَیْه اهو کاڌو نہ کائيندا هئا.“(ايضًا ص 429) ڪيترن ئي اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی سان اهڙي طرح جون ڪرامتون منسوب آهن جو انهن کي حرام ۽ شڪ واري کاڌي جي خبر پئجي ويندي هئي.

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (40) عابد ۽ ڌاڙهون ۽ جو وڻ

**روايت** آهي. هڪ عابد ڪنهن پهاڙ تي رهندو هيو. اتي **ڌاڙهونءَ جو وڻ** هيو. هر روز تي ڌاڙهون ان ۾ ايندا هئا، انهن کي کائيندو ۽ عبادت ڪندو هو. حق عَزَّوَجَلَّ کي **امتحان** وٺڻ منظور ٿيو. هڪ ڏينهن ڌاڙهون نہ مليا. صبر ڪيائين. ٻئي ڏينهن وري اهو ئي حال ٿيو. ٽئين ڏينهن (بُک کان) پريشان ٿي پهاڙ تان هيٺ لٿو. ان جي هيٺان هڪ نصراني (يعني عيسائي) رهندو هيو. ان کان سوال ڪيائين، نصرانيءَ **چار مانيون** ڏنس. ان (نصرانيءَ) جو ڪُتو پونڪڻ لڳو، عابد هڪ ماني اڇلائي ڏنس. ڪتي کائي ڪري پوءِ بہ پيڇو ڪيو، ٻي ماني اڇلائي ڏنائينس، ڪتي اها بہ کائي ڇڏي پر پيڇو نہ ڇڏيو. جڏهن چار ئي کائي ڇڏيون ۽ پونڪڻ کان بس نہ ڪئي تہ عابد چيو، ”اي ناحق ڪوشش ڪرڻ وارا لالچي توکي شرم نہ ٿو اچي تہ

مان تنهنجي گهر مان سوال ڪري مانيون آنديون ۽ تو مون ڪان سڀ ڪسي ورتيون، هاڻي بہ پيچو نہ ٿو ڇڏين.“ **ڪتي** چيو، ”مان توکان وڌيڪ بي شرم ناهيان جو جنهن مالڪ ڪيترائي ورهيہ بنا محنت ۽ مشقت جي اهڙو نفيس رزق توکي ڪارايو، (ٿورو امتحان وٺڻ ۽) ٿي ڏينهن نہ ڏيڻ تي (بُک ڪان) ايترو پريشان ٿي وئين جو ان جي دشمن (نصراني) جي گهر خيرات پنڻ لاءِ آئين!“

**(احسن الوعا ص 144 مڪتبة المدينہ)**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن حڪايت مان اهو درس مليو تہ جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي ايتريقدر نعمتن سان نوازي ٿو پوءِ جيڪڏهن انهيءَ جي طرفان ڪا امتحان جي صورت پيدا ٿئي تہ بي صبريءَ جو مظاهرو ۽ شڪايت ڪرڻ جي بدران صبر ۽ تحمل کان ڪم وٺڻ گهرجي. انهيءَ ڳالهہ کي هن حڪايت مان سمجهو:

## (41) محمود و اياز ۽ ونگيءَ جي قار

**منقول آهي،** مشهور عاشقِ رسول بادشاهہ، سلطان محمود غزنوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِى وٽ ڪو شخص **ونگي** کڻي حاضر ٿيو، سلطان **ونگي** قبول فرمائي ۽ پيش ڪرڻ واري کي انعام ڏنو. پوءِ پنهنجي هٿ سان ونگيءَ جي **قار** ڪٽي پنهنجي منظورِ نظر غلام **اياز** کي عطا فرمائي. اياز ونئي ڏاڍو مزي سان کائي ڇڏي. پوءِ سلطان بي قار ڪٽي ۽ پاڻ کائڻ لڳو تہ اها ايتريقدر ڪڙي هئي جو زبان تي رکڻ مشڪل هيو. سلطان حيرت سان اياز ڏانهن نهاريو ۽ فرمايائين،

”اياز! ايتري ڪڙي ڦار تون ڪيئن کائي وئين؟ واهہ! تنهنجي چهري تي تہ ذري برابر ناپسنديدگي جا اثر بہ ظاهر نہ ٿيا؟ “ اياز عرض ڪيو، ” عالي جاهہ! ونگي واقعي تمام گهڻي ڪڙي هئي. وات ۾ وڌي تہ **عقل** چيو، ” ٿُڪي ڪڍ“ پر **عشق** چئي ڏنو،”اياز خبردار! هي اهي ئي هٿ آهن جن سان روزانو منيون منيون شيون کائيندو رهيو آهين، جيڪڏهن هڪ ڏينهن ڪڙي شيءِ ملي ويئي تہ ڇا ٿيو! هن کي ٿُڪي ڪڍڻ آدابِ محبت جي خلاف آهي تنهن ڪري عشق جي رهنمائيءَ تي مان ونگيءَ جو ڪڙي ڦار کائي ويس“.

(رهبرِ زندگي ص 167)

**اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اهو ئي شان بحيثيت مسلمان اسان جو بہ هجڻ گهرجي جو جنهن ربّ العباد عَزَّوَجَلَّ اسان تي لاتعداد احسان فرمايا آهن، جيڪڏهن ڪڏهن بہ ان جي طرف کان ڪا مصيبت ۽ تڪليف اچي وڃي، تہ ان کي خوش مزاجيءَ سان قبول ڪريون. باڪمال اهو ناهي جيڪو محبوب جي طرف کان محبت ۽ پيار ملڻ جي سبب وفادار رهي. باڪمال تہ اهو آهي جيڪو محبوب جي طرف کان ڌڪارڻ باوجود بہ ان جو وفادار ۽ جان نثار رهي.

وہ عشقِ حقیقی کی لذّت نہیں پاسکتا
جو رنج و مصیبت سے دوچار نہیں ہوتا

## (42) عيسائي راهب جو اسلام قبول ڪرڻ

**هڪ** بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ **عيسائي راهب** تي انفرادي ڪوشش فرمائيندي ان کي اسلام جي دعوت ڏني، تمام گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ ان چيو، ” حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو معجزو هيو ته 40 ڏينهن تائين ڪجهه نه کائيندا هئا ۽ هي ڪمال رُڳو نبي عَلَيْهِ السَّلَام يا صديق کي ئي حاصل ٿي سگهي ٿو“. ان بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو، ”جيڪڏهن مان **50** ڏينهن تائين بُکايل رهان ته ڇا ڪفر ڇڏي مسلمان ٿي ويندين؟“ ۽ ان ڳالهه کي مڃي وٺندين ته اسلام ئي حق آهي ۽ توهان باطل مذهب جو پيروڪار آهيو“ ان وراڻيو، ”ها“. اهڙي طرح اهي بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه انهيءَ وٽ ترسي پيا ۽ **50** ڏينهن تائين ڪجهه نه کاڌائون، پوءِ وڌيڪ **10** ڏينهن وڌائي **60** ڏينهن تائين فاقو ڪيائون. اهو راهب اها **ڪرامت** ڏسي مسلمان ٿي ويو.

(احياءُ العلوم ج3 ص 98)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن حڪايت مان هرگز ڪو هي نه سمجهي ته اهي بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه، مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ حضرت سيّدنا عيسيٰ روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کان وڌي ويا اسلام جو اهو تسليم ٿيل عقيدو آهي ته ڪنهن به نبي عَلَيْهِ السَّلَام کان ڪو غير نبي افضل ٿي نه ٿو سگهي ۽ جيڪو غير نبي کي نبي عَلَيْهِ السَّلَام کان افضل ڄاڻي اهو ڪافر آهي، ڳالهه دراصل هي آهي ته مسلمان ٿيڻ کان پهريان اهو

راهب اهو سمجهندو هيو تہ حضرت عيسىٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُوَالسَّلَام کان پوءِ هاڻي ڪو غلامِ مصطفىٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم 40 ڏينهن جو فاقو ڪري ئي نہ ٿو سگهي. ان لاءِ ان بزرگ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ **ڪرامت** ڏيکاري ان غلط فهميءَ کي ختم ڪري ڇڏيو تہ **40** ڏينهن جو فاقو حضرت سيّدنا عيسىٰ عَلَیْہِ السَّلَام جي لاءِ خاص نہ آهي. غلامانِ مصطفىٰ **40** ڏينهن تہ ٺهيو پر **60** ڏينهن بہ بُک ۾ رهڻ جي باوجود زنده رهي سگهن ٿا.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

چاہیں تو اشاروں سے اپنے کایا ہی پلٹ دیں دنیا کی
یہ شان ہے خدمتگاروں کی سرکار کا عالَم کیا ہوگا

## (43) مڇي چانور

**هڪ** بصري بزرگ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي بابت منقول آهي، ويهہ سالن تائين انهن جو نفس **مڇي چانور** ۾ مانيءَ جو مطالبو ڪندو رهيو پر اهي پنهنجي نفس کي مارينداا رهيا ۽ هي شيون نہ ڪاڌائون. وفات کان پوءِ ڪنهن خواب ۾ ڏٺو تہ پڇيو، مَا فَعَلَ اللّٰہُ بِکَ؟ يعني الله عَزَّوَجَلَّ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائون الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل و ڪرم سان مون کي جيڪي ڪجهہ نعمتون عطا ڪيون ويون اهي بيان کان ٻاهر آهن. سڀ کان پهريان **مڇي چانور** ۾ ماني ڏئي ڪري چيو ويو، اڄ جيتريقدر دل چاهي کائو. (احياءُ العلوم ج3 ص 103)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! نفس جي پيروي نہ ڪرڻ وارن جو ڪيتريقدر اعليٰ مقام هوندو آهي. جيڪي خوش نصيب ماڻهو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي خاطر نفس کي مارينديِ دنيا جي نعمتن کان پرهيز ڪندي بُک برداشت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن انهن کي مبارڪ هجي جو مرڻ کان پوءِ انهن کي جنّت جون اعليٰ نعمتون عنايت ٿينديون. جيئن الله عَزَّوَجَلَّ سُوْرَةُ الْحَآقَّةِ جي آيت نمبر 24 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

كُلُوْا وَاشْرَبُوْا هَنِيْٓـًٔا بِمَآ اَسْلَفْتُمْ فِي الْاَيَّامِ الْخَالِيَةِ ﴿۲۴﴾

ترجمو ڪنزالايمان : کائو ۽ پيئو خوشگوار انعام انهيءَ جو جيڪو توهان گذريل ڏينهن ۾ اڳتي موڪليو.

## (44) دل جي لاءِ فائديمند

حضرتِ سيّدُنا شيخ ابو سليمان داراني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي فرمائن ٿا، ”نفس جي ڪنهن خواهش کي ترڪ ڪري ڇڏڻ دل جي لاءِ هڪ سال جي روزن ۽ شبِ بيداريءَ کان بہ وڌيڪ فائديمند آهي.“ (ايضًا ج3 ص 103)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي .

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (45) جنت جو وليمو

حجة الاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا، ” آخرت جي راهہ تي هلڻ وارن بزرگانُ دين عَلَيْهِمْ رَحْمَةُ اللهِ الْمُبِين نفس جي خواهشن جي تڪميل کان بچندا هئا ڇو تہ انسان

جيڪڏهن خواهش جي مطابق لذيذ شيون ڪائيندو رهي تہ هن سان ان جي نفس ۾ **آڪڙ** (يعني مغروري) پيدا ٿي ويندي آهي ۽ ان جي **دل** سخت ٿي ويندي آهي ۽ پڻ اهو دنيا جي لذيذ شين جو ايتريقدر عادي ٿي ويندو آهي جو دنيا جي لذتن جي محبت ان جي دل ۾ گهر ڪري ويندي آهي ۽ اهو **رب ڪائنات** جل جلاله جي ملاقات ۽ ان جي بارگاهِ عالي ۾ حاضري ڪي وساري ويهندو آهي. ان جي حق ۾ دنيا جنّت ۽ موت قيدخانو بڻجي ويندو آهي، جيڪو پنهنجي نفس تي سختي ڪري ۽ ان کي لذتن کان محروم رکي تہ دنيا ان جي لاءِ قيدخانو بڻجي ويندو آهي ۽ هن ۾ هُو مُونجهہ محسوس ڪندو آهي، هاڻي ان جو **نفس** دنيا مان لاڏاڻو ڪرڻ ۽ موت جي ذريعي زندگي جي قيد مان آزاد ٿي وڃڻ پسند ڪندو آهي. انهيءَ ڳالهہ جي طرف اشارو ڪندي حضرت سيّدنا **يحيیٰ معاذ** رازي رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، **اي** صديقين جا گروهہ! **جنّت جو وليمو** ڪائڻ جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي بُکيو رکو ڇو تہ نفس کي جيتريقدر بُکيو رکيو وڃي ايتريقدر ڪائڻ جي خواهش وڌندي آهي. (يعني جڏهن شدت سان بُک لڳل هوندي آهي ان وقت ڪاڌو ڪائڻ ۾ وڌيڪ لطف ايندو آهي، ان جو تجربو عام طور تي هر روزيدار کي ٿيندو آهي، تنهن ڪري دنيا ۾ خوب بُکيا رهو تہ جيئن جنّت جي اعلیٰ نعمتن مان خوب مزا ماڻي سگهو)

(ايضًا ص99)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (46) اس ۾ سڪل اٽو

**حضرتِ سيّدُنا عتبة الغلام** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّبِ الْاَنَام اٽو ڳوهي اس ۾ سُڪائي تناوُل فرمائيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا، ”هڪ مانيءَ جي ٽڪري ۽ لوڻ تي گذارو ڪرڻ گهرجي، تہ جيئن قيامت جي ڏينهن پُڳل گوشت ۽ سنو سنو ڪاڏو ملي“. (احياءُ العلوم ج3 ص 100)

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (47) 40 سالن تائين ڪير نہ پيتو

**حضرتِ سيّدُنا مالڪ بن دينار** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْجَبَّار جي باري ۾ منقول آهي، سندن نفس **40** سالن تائين ڪير جي خواهش ڪندو رهيو پر پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه نہ پيتائون. هڪ ڏينهن نذراني ۾ ڪنهن ڪجهہ کارڪون ڏنيون تہ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه شاگردن کي عنايت ڪندي فرمايائون، اوهان کائو مون **40** سالن کان کارڪ (کائڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي) چکي بہ ناهي. (ايضًا ص 101)

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (48) گوشت ماني

**حضرتِ سيّدُنا عتبة الغلام** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّبِ الْاَنَام ستن سالن تائين گوشت جي خواهش کي ٽاريندا رهيا پوءِ هڪ ڏينهن ماني ۽ گوشت جي هڪ ٻوٽي خريد فرمائي. ٻوٽي پُچي ڪري ماني تي رکيائون، ايتري ۾ هڪ يتيم ٻار اچي ويو، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان کي ماني ۽ ٻوٽي

عنايت فرمائي ڇڏي. پوءِ روئي پيا ۽ سيپاري 29 سُوْرَةُ الدَّهْرِ جي انين آيتِ ڪريمہ تلاوت ڪرڻ لڳا:

وَيُطْعِمُوْنَ الطَّعَامَ عَلٰى حُبِّهٖ مِسْكِيْنًا وَّ يَتِيْمًا وَّ اَسِيْرًا ﴿۸﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ کاڌو کارائن ٿا ان جي محبت تي مسڪين ۽ يتيم ۽ قيديءَ کي.

(پ29 الدّهر آيت 8)

**حضرتِ سيّدُنا عتبة الغلام** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّبِّ الْاَنَام ان ڪان پوءِ ڪڏهن بہ ماني ۽ پُڳل گوشت نہ چکيو. (ايضًا ص211)

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (49) پوائٽي آنڌوڪار

**حضرتِ سيّدُنا عتبة الغلام** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّبِّ الْاَنَام فرمائن ٿا، ڪيترن ئي سالن تائين نفس ڪارڪ جي خواهش ڪندو رهيو، مون هڪ ڏينهن ڪجهہ ڪارڪون خريد ڪري افطاري جي لاءِ رکيون، ايتري ۾ ايتريقدر **خوفناڪ مٽيءَ جو طوفان** (يعني آنڌوڪار) هليو جو هر طرف اونداهي ڇانئجي وئي ۽ ماڻهن ۾ خوف ۽ هراس ڦهلجي ويو. هي ڏسي مون پنهنجو پاڻ کي چيو، هي تنهنجي جرئت ۽ (نفس جي پيروي جي لاءِ) ڪارڪ خريد ڪرڻ جي سبب ٿيو ۽ تنهنجي گناهن جي سبب ماڻهو هن طوفان ۾ مبتلا ٿيا. پوءِ عهد ڪيائون، هاڻي هن کي نہ کائيندس. (ايضًا ص 210)

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرتِ سيّدُنا عتبة الغلام عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّبِّ الۡاَنَام جي عاجزي هئي جو طوفان آيو ته ان تي پنهنجو پاڻ کي قصور وار ڪيائون! بزرگن جي برڪت سان مصيبتون ايندڙيون ناهن پر ٽري ويندڙيون آهن، ڪهڙي خبر جو **زلزلو** اچڻ وارو هو ۽ اهو انهن جي برڪت سان **طوفان** ۾ بدلجي ويو هجي! منقول آهي، " نيڪ ماڻهن جي تذڪري جي وقت رحمت نازل ٿيندي آهي". (ڪشف الخفاء ج 2 ص91 رقم الحديث 1772) جڏهن صرف تذڪري تي نُزولِ رحمت جي بشارت آهي ته جتي ولی الله جو وجودِ مسعود موجود هجي ته رحمتن جو ڇا عالم هوندو!

جو وليوں کے مزاروں پر مسلماں آتے جاتے ہیں
خدا کی رَحمتوں سے حصہ وافِرہ پاتے ہیں

## (50)سبز پيالو

**حضرتِ** سيّدُنا شفيق بن ابراهيم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡكَرِيۡم فرمائن ٿا، آءُ مڪهءِ مڪرمه زَادَهَا اللهُ شَرَفًاوَّتَعظِيمًا ۾ سرڪارِ مڪهءِ مڪرمه، سردار مدينهءِ منوره صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي **ولادت شريف** واري گهر جي ويجهو حضرتِ سيّدُنا **ابراهيم** بن ادهم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ رَبِّ الۡاَعۡظَم سان مليس ته پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه رستي جي ڪناري تي ويهي روئي رهيا آهن. مان پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه وٽ وڃي ويهي رهيس ۽ پُڇيو،" اي ابو اسحاق! (هي پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي ڪنيت هئي) هي روئڻ ڇا جو؟ " ارشاد فرمايائون، **"خير آهي"** مان پنهنجي ڳالهه کي ٻه ٽي ڀيرا اصرار سان چيو ته ارشاد فرمايائون، " اي شفيق (رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه)! منهنجو پردو رکجو. " مون چيو. "جيڪو دل ۾ اچي اوهان فرمايو!" فرمايائون منهنجو نفس ٿيهن

سالن کان **سڪباج** (يعني سرڪو، گوشت ۽ خوشبودار مصالحي سان تيار ٿيل ٻاجي) جي خواهش ۾ بيچين هيو پر مان ان کي منع ڪندو رهيس. گذريل رات جڏهن ته مان وينو هيس مون کي ننڊ اچي ويئي. هڪ نوجوان کي هٿ ۾ **سبز پيالو** ڏٺم جنهن مان **سڪباج** جي خوشبودار ٻاڦ نڪري رهي هئي. مان همٿ ڪري ان کان پري هٽيس ته ان (نوجوان) اهو پيالو منهنجي طرف وڌائي چيو، " اي ابراهيم (رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡه) کائو! "مون جواب ڏنو،" مان نه کائيندس، مان ان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ڇڏي چُڪو آهيان" چيائين،" الله عَزَّوَجَلَّ ئي اوهان کي نوازيو آهي، کائو! " مون وٽ ڪو جواب نه بچيو مان روئي ڏنو، ته چيائين، " کائو الله عَزَّوَجَلَّ اوهان تي رحم فرمائي." مون چيو، " اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي ته جيسيتائين يقين نه ٿئي ته ڪٿان آيو آهي پنهنجي پيٽ ۾ نه وجهو". چوڻ لڳو، " کائو الله عَزَّوَجَلَّ اوهان کي عافيّت بخشي، مون کي هي کاڌو ڏيئي ڪري چيو ويو ته **اي خضر** (عَلَيۡهِ السَّلَام )! **ان کي** کڻي وڃو ۽ ابراهيم بن ادهم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ رَبِّ الۡاَعۡظَم جي نفس کي کارايو جو الله عَزَّوَجَلَّ هن کي (سڪباج کان) روڪي رکڻ تي هن ڏکهي صبر جي سبب ان تي رحم فرمائي ڇڏيو. اي ابراهيم (رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡه) !مون فرشتن کي چوندي ٻُڌم،"جنهن کي عطا ڪيو وڃي ۽ اهو نه وٺي ته پوءِ طلب ڪرڻ تي به انکي نه ڏنو ويندو". مون چيو،" جيڪڏهن اهڙو معاملو آهي ته مان الله **تعالیٰ** سان ڪيل واعدي جي سبب اوهان جي سامهون اهڙو ئي آهيان (يعني نه کائيندس) " پوءِ مان واپس ٿيس ته هڪ نوجوان انهن کي ڪا شيءِ ڏيندي چيو،" **اي خضر** (عَلَيۡهِ السَّلَام)! انهن کي پاڻ کارايو ". اهڙيءَ طرح پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام مون کي گرهه ڏيندا رهيا ايسيتائين جو منهنجي

اڪ ڪُلي ويئي. مان اٿيس ته وات ۾ ان جو ذائقو موجود هيو“. سيِّدُنا شفيق رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائڻ ٿا، ”مون عرض ڪيو، ”پنهنجو هٿ ڏيکاريو!“ مون پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو هٿ پڪڙيو ان کي چمي ورتو.“ الخ (احياءُ العلوم ج3 ص 100،101)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ايمان تي خاتمي جو عمل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! حضرتِ سيِّدُنا ابراهيم بن ادهم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الرَّبِّ الْاَعْظَم نفساني خواهش کي ڪيئن ختم ڪندا هئا، ٺيهن سالن تائين **سڪباج** کائڻ جي خواهش کي ماري رکيو هئائون. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان حضرتِ سيِّدُنا خضر عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تشريف کڻي اچي ڪري انهن کي پنهنجي پيارن پيارن هٿن سان **سڪباج** کارايو. حضرتِ سيِّدُنا خضر عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا نبي آهن جيڪي اجان تائين ظاهري حيات سان متصف (يعني نوازيل) آهن. پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جي برڪت جو هڪ مدني گل پيش ڪريان ٿو ان کي پنهنجي دل جي مدني گلدستي ۾ ضرور سجائي ڇڏيو جيئن ته تفسيرِ صاوي شريف ۾ آهي، جيڪو به ڪو حضرتِ **سيِّدُنا خضر** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو نالو ڪُنْيَت ۽ ولديت ۽ لقب سميت ياد رکندو، اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ ان جو **ايمان تي خاتمو** ٿيندو. پاڻ (عَلَيْهِ السَّلَام) جو نالو ڪُنْيَت ۽ ولديت ۽ لقب سميت هن طرح آهي. **اَبُو العَبَّاس بَلْيا بِنْ مَلْكان الخِضَر** (تفسير صاوي ج2 ص 1207)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (51) نفس سان گفتگو

حضرتِ سيّدُنا امام اعظم ابو حنيفه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جا شهزادا حضرت سيّدُنا حمّاد عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْجَوَاد فرمائن ٿا، ” مان حضرتِ سيّدُنا داود طائي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيس، گهر جي اندران آواز اچي رهيو هيو، ” اي نفس! تو گجر جي خواهش ڪئي مون ڪارائي وري تو ڪارڪ جو مطالبو شروع ڪري ڇڏيو! خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! توکي ڪڏهن به ڪارڪ نه ڪارائيندس. مان سلام ڪري اندر داخل ٿيس ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اڪيلا هئا. “(يعني پاڻ هي ڳالهيون پنهنجي نفس سان ڪري رهيا هئا.) (ايضًا ص 101)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي

## (52) سبزي نه کائيندس

حضرتِ سيّدُنا مالڪ بن ضَيْغَم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَکْرَم فرمائن ٿا، هڪ ڀيري مان بصري جي بازار مان گذريس ته هڪ سبزي تي نظر پئي نفس مطالبو ڪيو ته اڄ رات هيءَ سبزي کاراءِ. مون قسم کنيو ته چاليهه راتين تائين اها سبزي نه کائيندس.“ (ايضًاص 101)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

